# تذکرہ مشاہیر

(پاگو بیون)

Marfat.com

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

Marfat.com

# تذڪره
# مشاهير سنڌ

(جلد ٻيو)

تاليف:
مولانا دين محمد وفائي مرحوم

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٩٨٥ع

Marfat.com

هائي مرحوم مولانا دين محمد وفائي جي ڇڏيل باقي مواد کي به سنڌي ادبي بورڊ پڻ حصن ۾ ورهائي پڻ جلدن ۾ شايع ڪري رهيو آهي. جنهن جو هي پهريو جلد توهان جي هٿن ۾ آهي، منجهس ۱۷۰ شخصيتن جو احوال ڏنل آهي. اسين تمام گهڻي ڪوشش ڪنداسين ته جيئن باقي رهيل مواد وارو ٻيون جلد به عنقريب شايع ڪري سگهون.

اسين محترم علي نواز وفائي جو به شڪريو ادا ڪريون جو هن صاحب هن ڪم ۾ ذاتي دلچسپي ورتي آهي.

ڄامشورو
۱۰- شوال ۱۴۰۵ هجري
مطابق ۲۹- جون ۱۹۸۵ع

(محمد حسين ترڪ)
قائم مقام سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

Marfat.com

# فهرست


| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| | **الف** | | |
| ۱ | ابوبڪر (سيد) لڪعلوي | .... | ۷ |
| ۲ | اسماعيل (سيد) بخاري | .... | ۴۰ |
| ۳ | امين محمد اول (مخدوم) هالائي | .... | ۵۰ |
| ۴ | ابومحمد (مخدوم) هالائي | .... | ۵۲ |
| ۵ | ابراهيم (مخدوم) هالائي | .... | ۵۴ |
| ۶ | اسماعيل (شيخ) قريشي بدينيي | .... | ۶۳ |
| ۷ | اميرخان (ابوالبقا) بکري | .... | ۷۵ |
| ۸ | آميد علي (آخوند) سانوڻي هالائي | .... | ۱۱۵ |
| ۹ | احمد (آخوند) سانوڻي هالائي | .... | ۱۱۸ |
| ۱۰ | ابراهيم (شيخ) عباسي | .... | ۱۴۹ |
| ۱۱ | اسدالله (مخدوم) کهڙوي | .... | ۱۵۰ |
| ۱۲ | احمدي (مخدوم) کهڙوي | .... | ۱۶۷ |
| ۱۳ | ابوتراب (شيخ) تبع تابعي | .... | ۱۸۸ |
| ۱۴ | احمد (سيد) ٺٽوي | .... | ۲۶۸ |
| ۱۵ | احمد علي (مرزا) براهوئي | .... | ۲۸۹ |
| ۱۶ | امامبخش شاهه (پير) قريشي بکيرائي | .... | ۲۲۳ |
| | **ب** | | |
| ۱۷ | بهاؤالدين دلقپوش ٺٽوي | .... | ۱۰ |
| ۱۸ | بقا (پير سيد محمد) شهيد لڪعلوي | .... | ۱۰۳ |
| ۱۹ | برهان (قاضي) سيوستاني | .... | ۱۳۶ |


Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ۲۰ | بايزيد (مخدوم) هالائي .... | ۲۱۶ |
| | **پ** | |
| ۲۱ | پير پٺو ديولي .... | ۳۳۶ |
| | **ٻ** | |
| ۲۲ | ٻرڪيو (شيخ) ٺٽوي .... | ۲۳۳ |
| ۲۳ | ٻرڪيو (شيخ) ڪاتيار .... | ۲۳۷ |
| | **ج** | |
| ۲۴ | جمعہ جاڙيجو درويش .... | ۲۵ |
| ۲۵ | جلال محمد (مخدوم) هالائي .... | ۵۵ |
| ۲۶ | جهانگير (شاهہ) هاشمي .... | ۸۴ |
| ۲۷ | جلال‌الدين (مخدوم) کهڙوي .... | ۱۵۱ |
| | **ح** | |
| ۲۸ | حسين تميم بڪيرائي درويش .... | ۳۳ |
| ۲۹ | حيدر (سيد) جيلاني سنائي .... | ۶۳ |
| ۳۰ | حسن ٻانگو پاٽوئي .... | ۶۹ |
| ۳۱ | حامد (مخدوم) آگهمي .... | ۷۳ |
| ۳۲ | حافظ حامد ڏکڙائي .... | ۱۴۳ |
| ۳۳ | حيدرالدين (مير) ٺٽوي .... | ۱۹۷ |
| ۳۴ | حبيب‌الله (حڪيم) بکري .... | ۱۹۸ |
| ۳۵ | حفيظ‌الدين (مير) علي ٺٽوي .... | ۲۳۰ |
| ۳۶ | حبيب شاهہ مجذوب ٺٽوي .... | ۳۳۸ |
| | **خ** | |
| ۳۷ | خيرو (درس) نيرن ڪوٽي .... | ۲۱ |


Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| ٣٨ | خيرالدين (درويش) شورو | .... | ٣٨ |
| ٣٩ | خيرالدين (شاهہ) سکري | .... | ٦٦ |
| | ڇ | | |
| ٤٠ | ڇٿو آمراڻي سيوستاني | .... | ٢٩٣ |
| | ڏ | | |
| ٤١ | ڏتو (قاضي) سيوستاني | .... | ١٣٧ |
| | ر | | |
| ٤٢ | رحمت الله (مخدوم) صدر ٺٽوي | .... | ٧٩ |
| ٤٣ | روشن روش محمد ٺٽوي | .... | ٨٦ |
| ٤٤ | رفيق (محمد) مفتي هالائي | .... | ١٢٠ |
| ٤٥ | رحمت الله (آخوند) سانوڻي هالائي | .... | ١٢٩ |
| ٤٦ | رحمت الله (سيد) بکري | .... | ١٤٦ |
| ٤٧ | رضي الدين (مير) محمد ٺٽوي | .... | ٢٢٨ |
| ٤٨ | رکن الدين (سيد) متعلوي | .... | ٣٣٩ |
| | ز | | |
| ٤٩ | زکريا سمون (درويش) اگهمرکوٽي | .... | ٣٠ |
| ٥٠ | زين العابدين (مير) ٺٽوي | .... | ١٩٥ |
| ٥١ | زين العابدين (خليفو) ٺٽوي | .... | ١٩٦ |
| | س | | |
| ٥٢ | ساجن (سيد) متعلوي | .... | ٥٨ |
| ٥٣ | سعدالله (مخدوم) سيوستاني | .... | ١٣١ |


Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| | **ش** | | |
| ۵۴ | شهبيگ (مرزا) ارغون | .... | ۲۱۲ |
| ۵۵ | شمس‌الدين (شيرازي) بکري | .... | ۲۲۵ |
| ۵۶ | شجاعت علي (سيد) بکري | .... | ۳۰۲ |
| ۵۷ | شهمير (سيد) متعاءِي | .... | ۳۱۵ |
| ۵۸ | شهرالله (پير) قريشي ٻڪيرائي | .... | ۳۱۹ |
| | **ص** | | |
| ۵۹ | صوبو (مخدوم) کيمرائي | .... | ۳۹ |
| ۶۰ | صبغت‌الله شاهه (پير سيد) راشدي | .... | ۱۰۷ |
| ۶۱ | صفائي (سيد) بکري | .... | ۲۱۱ |
| ۶۲ | صابرعلي (سيد) ٺٽوي | .... | ۲۴۷ |
| | **ط** | | |
| ۶۳ | طيب (سيد) متعلوي | .... | ۲۴۲ |
| ۶۴ | طاهر (سيد) نسياني ٺٽوي | .... | ۲۷۲ |
| ۶۵ | طاهر (شيخ) اڏيرولال | .... | ۳۳۳ |
| | **ع** | | |
| ۶۶ | علي (شيخ) سيوستاني | .... | ۱۹ |
| ۶۷ | عمر (درويش) هالائي | .... | ۲۲ |
| ۶۸ | عثمان (درويش) عصار هالائي | .... | ۲۲ |
| ۶۹ | علي (سيد) متعلوي | .... | ۲۳ |
| ۷۰ | عثمان مفتي هالائي | .... | ۴۳ |
| ۷۱ | عبدالرحمان (خواجه) مجددي ٽکڙائي | .... | ۴۷ |


Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| ٧٢ | عبداللطيف (سيد) تاركي نصرپوري | .... | ٦٠ |
| ٧٣ | عبيدالله (مولانا) آهي | .... | ٧١ |
| ٧٤ | عبدالرزاق (مير) بکري | .... | ٧٨ |
| ٧٥ | عبدالغني ٺٽوي | .... | ٩٠ |
| ٧٦ | عبدالباسط ٺٽوي | .... | ٩٢ |
| ٧٧ | عبدالملڪ (سيد) بکري | .... | ١٠١ |
| ٧٨ | عبدالواسع (سيد) بکري | .... | ١٠١ |
| ٧٩ | عبدالله (سيد) بکري | .... | ١٠٢ |
| ٨٠ | علي (سيد) سيوستاني | .... | ١٠٣ |
| ٨١ | عنايت الله (قاضي) متعلوي | .... | ١١٤ |
| ٨٢ | عبدالصمد (آخوند) سانوڻي هالائي | .... | ١٢٥ |
| ٨٣ | عبدالواسع (مخدوم) سيوستاني | .... | ١٢٩ |
| ٨٤ | عبدالله (شيخ) عباسي | .... | ١٤٩ |
| ٨٥ | عبدالخالق (مخدوم) کهڙوي | .... | ١٥٣ |
| ٨٦ | عبدالرحمان (مخدوم) شهيد کهڙوي | .... | ١٥٥ |
| ٨٧ | عبدالخالق (مخدوم) کهڙوي | .... | ١٧٨ |
| ٨٨ | عبداللطيف (ملا) بدرڻائي | .... | ١٩٣ |
| ٨٩ | عبدالڪريم (سيد) متعلوي بلڙي وارو | .... | ١٩٩ |
| ٩٠ | عباس (مخدوم) پاٽائي | .... | ٢٠٦ |
| ٩١ | عبدالعزيز (مولانا) ابهري محدث | .... | ٢١٨ |
| ٩٢ | عبدالرشيد (سيد) ٺٽوي | .... | ٢٢٠ |
| ٩٣ | عبدالحڪيم (ملا) عطا ٺٽوي | .... | ٢٢٢ |



Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ٩٤ | عبدالله (ميان) واعظ ٺٽوي .... | ٢٢٧ |
| ٩٥ | عبدالرئوف (مخدوم) هالائي .... | ٢٣٢ |
| ٩٦ | عبدالحميد (مخدوم) هالائي .... | ٢٣٢ |
| ٩٧ | عبدالقدوس (سيد) ندوي ٺٽوي .... | ٢٧٠ |
| ٩٨ | عبدالباقي (ميرڪ) پوراني ٺٽوي .... | ٢٨٢ |
| ٩٩ | عبدالوهاب (ميرڪ) پوراني ٺٽوي .... | ٢٨٤ |
| ١٠٠ | عبدالوهاب (خليفو) عباسي ٺٽوي .... | ٢٨٧ |
| ١٠١ | عبدالباقي (مير) پوراني سکري .... | ٢٩١ |
| ١٠٢ | عثمان (مخدوم) مروندي سيوستاني .... | ٢٩٥ |
| ١٠٣ | عبدالڪريم (سيد) اميرخان بکري .... | ٣٠٢ |
| ١٠٤ | عيسيٰ (حاجي) سانڌائي محدث .... | ٣٠٨ |
| ١٠٥ | عثمان (قاضي) محدث نوشهرائي .... | ٣١١ |
| ١٠٦ | عبدالڪريم (مولوي) محدث نوشهرائي .... | ٣١٤ |
| ١٠٧ | علي محمد (پير) غوث پوٽو قريشي .... | ٣٢٥ |
| ١٠٨ | عبدالحميد (مخدوم) قادري ٻوچڙائي .... | ٣٢٩ |
| | **غ** | |
| ١٠٩ | غازي (سيد) لڪعلوي .... | ٢١ |
| ١١٠ | غضنفر خان عالمگيري .... | ٨٣ |
| ١١١ | غلام علي (مير سيد) مائل ٺٽوي .... | ٢٤٤ |
| ١١٢ | غلام علي (قاضي) ٺٽوي .... | ٢٤٩ |
| | **ف** | |
| ١١٣ | فاضل خان ٺٽوي .... | ٢٥٠ |


Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| ١١٤ | فاضل شاھہ (پير) قريشي بکيرائي | .... | ٣١٦ |
| | **ق** | | |
| ١١٥ | قطب بري | .... | ٤٥ |
| ١١٦ | قاسم (محمد) آخوند سانوڻي ھالائي | .... | ١٢٢ |
| ١١٧ | قاضي قاضن سيوستاني | .... | ٢٠٨ |
| ١١٨ | قائم‌الدين (پير) قلندر بکيرائي | .... | ٣٢٠ |
| | **ڪ** | | |
| ١١٩ | ڪرم‌علي خان (مير) ٽالپر حيدرآبادي | .... | ١٩٢ |
| | **ل** | | |
| ١٢٠ | لطف‌الله (خليفہ حاجي) سانوڻي ھالائي | .... | ١٢٧ |
| ١٢١ | لادجيو (شيخ) سندي | .... | ٢٠٧ |
| ١٢٢ | لطف‌الله (مير) سيوستاني | .... | ٢١٧ |
| | **م** | | |
| ١٢٣ | مٺو (درويش) ٺٽوي | .... | ١٤ |
| ١٢٤ | محمود (شيخ) فخري ھالائي | .... | ٢٩ |
| ١٢٥ | مريد (درويش) بلوچ | .... | ٣٦ |
| ١٢٦ | محمود ثاني (ميرڪ) ٺٽوي | .... | ٤١ |
| ١٢٧ | محمد (قاضي) جعفري ٺٽوي | .... | ٨٨ |
| ١٢٨ | مراد علي (سيد) بکري | .... | ٩٣ |
| ١٢٩ | محمد صالح (مخدوم) وزيرآبادي | .... | ٩٥ |
| ١٣٠ | محمد صالح (مخدوم) صوفي سيوستاني | .... | ١٣٢ |
| ١٣١ | محمد مراد (مخدوم) سيوستاني | .... | ١٣٥ |

Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| ۱۳۲ | محمد عارف سيوستاني | .... | ۱۳۹ |
| ۱۳۳ | ملا محب علي سنڌي | .... | ۱۴۰ |
| ۱۳۴ | مخدوم محمد عاقل اول | .... | ۱۵۳ |
| ۱۳۵ | مخدوم محمد ڏني کهڙوي | .... | ۱۵۴ |
| ۱۳۶ | مخدوم محمد عاقل ثاني کهڙوي | .... | ۱۶۲ |
| ۱۳۷ | مخدوم محمدي کهڙوي | .... | ۱۶۴ |
| ۱۳۸ | مخدوم محمد عاقل ثالث | .... | ۱۷۲ |
| ۱۳۹ | مخدوم محمد عاقل رابع | .... | ۱۸۱ |
| ۱۴۰ | ميڏنو (مخدوم) نصرپوري | .... | ۱۸۷ |
| ۱۴۱ | محمد علي (مولوي) سنڌي | .... | ۱۹۰ |
| ۱۴۲ | معروف (شيخ) پاڻاڻي ء | .... | ۲۰۵ |
| ۱۴۳ | محمد (شيخ) سيوستاني | .... | ۲۲۴ |
| ۱۴۴ | مير محمد (عطا) ٺٽوي | .... | ۲۲۹ |
| ۱۴۵ | ميرڻ (فقير) ڪاتيار | .... | ۲۴۰ |
| ۱۴۶ | محمد جعفر (مولوي) مرزا | .... | ۲۵۲ |
| ۱۴۷ | محمد هاشم (مخدوم حاجي) ٺٽوي | .... | ۲۵۴ |
| ۱۴۸ | محمد قائم (مخدوم حاجي) ٺٽوي | .... | ۲۶۴ |
| ۱۴۹ | مرتضيٰ (سيد) سيوستاني | .... | ۲۶۹ |
| ۱۵۰ | محمد شفيع (آخوند) ٺٽوي | .... | ۲۷۵ |
| ۱۵۱ | محمد شفيع (صوفي) ٺٽوي | .... | ۲۷۵ |
| ۱۵۲ | محمد سليمان (مولوي) ڀنوي | .... | ۲۷۸ |
| ۱۵۳ | محمد احسن (ميرڪ) ٺٽوي | .... | ۲۸۰ |


Marfat.com

| نمبر شمار | اسماءُ الرجال | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| ١٥٤ | محمود (ميرڪ) ٺٽوي | .... | ٢٨١ |
| ١٥٥ | مرتضيٰ (مير) نصرپوري | .... | ٣٢٧ |
| | **ن** | | |
| ١٥٦ | نوح (حضرت مخدوم) هالائي | .... | ١ |
| ١٥٧ | نور محمد (ميان) پيرزادو عبدوي | .... | ٩٩ |
| ١٥٨ | نور محمد (آخوند) سانوڻي هالائي | .... | ١٢٤ |
| ١٥٩ | نصرالله (حافظ) سانوڻي هالائي | .... | ١٢٦ |
| ١٦٠ | نيازي ٺٽوي | .... | ١٨٥ |
| ١٦١ | نجم‌الدين (سيد) بکري | .... | ٢٢٥ |
| ١٦٢ | نعمت‌الله (قاضي) ٺٽوي | .... | ٢٧٦ |
| ١٦٣ | نوح (شيخ) ڪيبرائي | .... | ٣٣٥ |
| | **ه** | | |
| ١٦٤ | هاشم (ميان) همداني | .... | ٦٢ |
| ١٦٥ | هوٿي (شيخ) لاڪو | .... | ٣٣٠ |
| | **ي** | | |
| ١٦٦ | يحيٰ (درويش) رائڻو هالائي | .... | ٥٧ |
| ١٦٧ | يحيٰ (قاضي محمد) ٺٽوي | .... | ٨٩ |
| ١٦٨ | يقيق (سيد) بخاري | .... | ٩٤ |
| ١٦٩ | يحيٰ بن جلال‌الدين (مخدوم) کهڙوي | .... | ١٥٢ |
| ١٧٠ | يونس (مولانا) سنڌي | .... | ٢٠٨ |


Marfat.com

Marfat.com

# متن

## تذڪره مشاهير سنڌ

(جلد پيو)

Marfat.com

Marfat.com

# ١٢٥ - حضرت مخدوم نوح هالائي

صاحب ڪرامات و فتوح حضرت مخدوم نوح ولد مخدوم نعمت الله ولد مخدوم اسحاق ولد مخدوم شهاب الدين ولد مخدوم فخرالدين سهروردي صديقي هالائي .

هالا شهر ۾ هي ٿي بزرگ (فخرالدين) سڀ کان پهريان اچي مقيم ٿيو، جتي قوم هالا ۽ لاکا مان شادي ڪيائون ۽ اتي ئي آل اولاد سان حياتي گذارڻ لڳو. اصل خانداني طرح پيري مريديءَ جو سلسلو به جاري ٿيل هو ۽ مخدوم نعمت الله مخدوم نوح جي والد سگهوري جا به ڪيترائي معتقد ۽ مريد هئا ۽ هن فرزند ارجمند جي ولادت باسعادت جون پيشنگويون به ڪيترن درويشن جي واتان ٻڌي چڪو هو، خصوصاً مخدوم نوح هوتياڻي ڪبيرائي ۽ ٻين ولين جون بشارتون مشهور ٿيل هيون .

مخدوم نوح صاحب جو تولد سنه ٩١١ هجري ۾ ٿيو. ستن ڏينهن جا مس هئا ته ٻانگ ٻڌڻ کان پوءِ صاف زبان سان ڪلمو شهادت پڙهيائون، جنهن کي سون ماڻهن ٻڌو! چوڏهن سالن جي ڄمار ۾ مخدوم عربي ديانه جي مدرسي ۾ قرآن شريف پڙهڻ واري زماني ۾ هڪ ڏينهن نديءَ تي غسل ڪري ڦرهي ميساري رهيو هو، ته اوچتو ڪشف واري حالت ۾ حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ۽ سيدنا حضرت علي رضه جي زيارت جو شرف حاصل ٿيس ۽ انهيءَ ڦرهي تي حضور صلعم جن ڪجهه سٽون لکي ڏنس ۽ سبق ڏنائونس، جنهن کان پوءِ سمورا علوم متس کلي پيا ۽ انهيءَ ڏينهن لااله الاالله جي ذڪر جي

Marfat.com

تلتين ڏينهن جي اجازت ٻه ملين. انهيءَ ڏينهن حضرت سيدنا ابوبڪر صديق ظاهر فرمايو ته هي منهنجي اولاد مان آهي. ساڳيءَ طرح پيغمبر خدا صلعم ٻه فرمايو ته اسانجي اولاد مان ٻه آهي. (دليل الذاڪرين)

حضرت مخدوم نوح جي زندگي عشق ۽ محبت الاهي جي استغراق ۾ گذرندي هئي. اگرچه ظاهري علم جي لحاظ کان فقط قرآن شريف پڙهيل هئا، مگر هرهڪ سوال جو جواب جدا جدا اهڙي علمي نموني ۾ ڏيندا هئا، جو وڏا وڏا علماءَ حيران رهجي ويندا هئا.

هڪ دفعي ٺٽي ۾ اچي وارد ٿيا، جتي ڪيترا علماءَ ۽ طلباءَ سندن علمي لياقت جي امتحان لاءِ اچي موجود ٿيا. پاڻ هڪ آيت جون ايتريون معنائون فرمايائون، جو سڀ حيران رهجي ويا.

ٻي روايت آهي ته هڪ دفعي عالمن ۽ طالب العلمن جي وڏي جماعت حضرت مخدوم صاحب کان قرآن جي ڪن آيتن جي معني سمجهڻ جو ارادو ڪري سندن خدمت ۾ آئي ته فقط هنن جي اچڻ کان پوءِ حضرت مخدوم صاحب فرمايو ته عالمن کي گهرجي ته علم جو بيان ڪن ته ٻين کي فائدو رسي. ان کان پوءِ پاڻ زبان فصيح سان بيان ڪرڻ لڳا. ٣٦ تفسيرن جا نالا وٺندي فرمايائون ته فلاڻي تفسير ۾ هن ريت آهي ۽ فلاڻي ۾ هن ريت آهي. ان کان پوءِ حقيقت ۽ طريقت جون معنائون بيان فرمايائون، جن مان عالمن ڪي سمجهيون ڪي نه سمجهيون. آخر عالمن ۽ شاگردن عرض ڪيو ته اسانجي حق ۾ دعا گهرو. پاڻ فرمايائون ته آءٌ الحمد پڙهان ٿو، اوهان آمين چوندا وڃو. جڏهن الحمد پڙهي پورو ڪيائون ته اهي حاضر مجلس آمين چوندڙ ولايت جي درجي کي وڃي رسيا. آخر ۾ مخدوم صاحب فرمايو ته ڪي اهڙا فقير ٻه آهن جو سموري ڄمار سورت الحمدلله جي معني ڪندا رهن ته ٻه پوري ڪانه پوي.

Marfat.com

وقت جي حاڪمن مان مرزا محمد باقي مشهور ظالم سندن خدمت ۾ ٻه دفعا ٿي ۾ حاضر ٿيو ۽ مرزا جاني ٻه سندن زماني ۾ گاديءَ تي وينو. مرزا باقي جو وڏو فرزند مرزا پاينده طبع جو ديوانو هو جنهن ڪري هو گادي تي نه وهاريو ويو هو، پر سندس پٽ مرزا جاني گاديءَ تي وينو.

دليل الذاڪرين ۾ نقل آهي ته مرزا پاينده خان ڪي حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ دعا لاءِ آندو ويو ته ڪيس بيماريءَ کان شفا نصيب ٿئي، مگر پاڻ ڪو توجه ڪونه ڏنائون، ڇاڪاڻ جو انهيءَ شخص مخدوم لعل شهباز جي گنبذ ۾ هڪ دفعي هڪ عورت سان هٿ چراند ڪئي هئي، جنهن ڪري هن جي ديوانگي هميشه لاءِ قائم رهندي آئي.

مخدوم صاحب شريعت جا ايڏا پابند هئا جو ڪڏهن به نماز جماعت کانسواءِ ادا نه ڪندا هئا. هڪ دفعي عشا جي نماز جماعت سان گسي وين ته شهر کان ٻاهر نڪتا ۽ هڪ غيبي جماعت اچي جمع ٿي، جنهن کي امامت ڪري نماز پڙهايائون، پر جماعت کي هتان نه ڇڏيائون.

بهاءالدين دلقپوش (گودڙيي) کان نقل آهي ته هڪ دفعي مخدوم صاحب ٺٽي جي جامع فرخ ۾ تشريف فرما ٿيا. جمعه نماز کان پوءِ اٽڪل هڪ هزار ماڻهن منهنجي معرفت سندن هٿ چميا، جن مان هرهڪ پنهنجي درجي آهر معرفت ۽ ولايت کي پهتو، جن مان حضرت صابر سومرو، شيخ تاجن، شيخ حبيب رحه ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي وارو مشهور آهن، جن کي ڪشف ڪرامت سان سموري سنڌ سڃاڻي ٿي. انهن وڏان هزارين ماڻهو معرفت جو رستو سکي پنهنجي ڪماليت کي رسيا آهن.

Marfat.com

سنڌ جي بادشاه مرزا محمد باقي تي مغل بادشاهہ اڪبر ڏاڍو ڏمريل هو، سو مرزا جي گرفتار ڪرائڻ لاءِ لشڪر چاڙهي سنڌ تي موڪليائين. اڪبري فوج سنڌ ۾ قتل ۽ غارت ڪندي، اڳتي وڌي رهي هئي. ماڻهو حضرت مخدوم صاحب وٽ فريادي آيا. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ عاقبت بخير ڪندو. آخر اها فوج هالن جي ويجهي اچي پهتي، جنهنڪري شهر ۾ ڏاڍو ڏهڪاءُ ۽ شور پيدا ٿيو. حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ سمورو احوال اچي پيش ڪيائون. پاڻ ٿوري مٽيءَ چپٽي گهرائي پنهنجي ترڙيءَ تي رکي، هيٺين دعا پڙهي فوج ڏانهن دم ڪيائون، جنهنڪري اها فوج انهيءَ وقت اتان پوئتي هٽجڻ لڳي ۽ اهڙي پاڇڙ پيئي، جو وڃي هندستان ۾ دم ڪنيائون.

دعا هي آهي:-

بسم الله الرحمٰن الرحيم - اَللّٰهم لک الحمدُ و لک المجد ولک الشُکر واليک المتکاء وانت المُستعان وبک المستغاث والتکلان ومنک الفرجُ ولاحول ولاقوة الاباللهالعليالعظيم وصلیالله علیخير خلقه محمد وآله واصحابه اجمعين.

بادشاهہ لشڪر جي پاڇ جو سبب معلوم ڪرڻ گهريو تہ هنن چيو تہ هالن جي لڳ طوفان ۽ دهشت طاري ٿي، جنهنڪري جانيون بچائي اچي گهران نڪتا آهيون. ڪنهن درويش، شاهي دربار ۾ عرض ڪيو تہ اهو ڪنهن وليءَ جي ڪرامت جو ڪرشمو آهي، باقي ٻيو ڪوبہ سبب معلوم نہ ٿو ٿئي.

ان ڪان پوءِ اڪبر بادشاهہ دوباره فوج عبدالرحيم خان خانان جي سرڪردگي هيٺ موڪلي ۽ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضري جو بہ حڪم ڪيو، مگر عبدالرحيم خان خانان جي هالن ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ مخدوم صاحب وفات ڪري ويو ۽ سندس فرزند مخدوم

Marfat.com

جنهن مان ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو.

ارشاد الطالبين ۾ لکي ٿو تہ سنڌ ۾ ڪماليت جا مالڪ سڀ کان وڏا مرشد ہہ بزرگ گذريا آهن: پهريون مخدوم بلال، ٻيو مخدوم نوح ۽ وڌيڪ لکي ٿو تہ مخدوم نوح جو پنهنجي وقت ۾ سڀ کان سرس درجو هو.

ايڏي وڏي ڪماليت ۽ بزرگي واري انسان ڪامل ٨٧ سالن جي ڄمار ۾ سواءِ ڪنهن بيماريءَ جي هن دنيا فاني مان صبح جي وقت لاڏاڻو ڪري هميشہ واريءَ حويلي ۾ منتقل ٿي ويو. اهو واقعو خميس ڏينهن ٢٧ ذوالقعد ٩٩٨هہ تي گذريو. مخدوم صاحب جي قضيہ بابت ملا قاسم جي هيءَ نظم پڙهڻ جي لائق آهي:

غرق درياء شهادت محو مطلق بس بدان
پاک از آلاءِ قساوت نوح مخدوم انس وجان
بو يزيد و بو سعيد و بشرحافي و جنيد
در مراتب در مناقب کم زپس ايشان مدان
طالبان او کہ از احصاء وحصر آمد فزون
چون ستاره هر يکي زايشان مناره در جهان
جوق و جوق طالب او چون ملک درهفت چرخ
صف صف اندر صبح و شام از جان و دل الله خوان
هان ولايت ختم شد بر افتخار اهل فخر
چون نبوت ختم شد بر مفخر آخر زمان
آمدی گـر بـردر او مـرد جانی غـافلی
ذاکری زنده دل گشتي زفيضش آن زمان
بود آنگہ نهصد و هم يازده بوده فزون
سال تاريخ ولادت آن ولايت کيش دان

Marfat.com

مدتي عمر گرامي آن گرامي سايه را
جمله هشتاده هفت سال بود اندر جهان
سال فوت آن غوث حق پرسيد شد چون از خرد
از سر حسرت فغان برداشت آنکه گفت هان
آن سنه نهصد و هشتاد هژده وقت صبح
بيست هفتم در شب پنجشنبه ذي قعد دان
(مختصرا از دليل الذاكرين)

## ۱۲۶ - سيد ابوبڪر لڪعلوي

سيد ابوبڪر لڪياري (لڪعلوي) عالم ڪامل نامور وقت جو، ڪشف ڪرامت جو مالڪ، حضرت مخدوم نوح جي وڏن خليفن ۽ پيارن دوستن مان آهي.

مريد ٿيڻ کان اڳ ڀرئي هن خواب ۾ هڪ ملائڪ کي لااله الاالله جي ذڪر ڪندي ڏٺو، جنهن کان پڇيائين ته ذڪر جي اها ترتيب ڪنهن کان سکي اٿي؟ هن جواب ڏنو ته هالن جي شهر ۾ مخدوم لطف الله مشهور مخدوم نوح ان ريت ماڻهن کي ذڪر ڏيندو آهي تنهنڪري اسان به ساڳي ريت مشغول آهيون. سيد صاحب انهيءَ کان پوءِ جڏهن سجاڳ ٿيو تڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي ايترو گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين، جو مخدوم صاحب جي بهترين خليفن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

(۱) اهو بزرگ پنهنجي ڳوٺان (لڪي) يا ٻئي ڪنهن شهر مان جڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ايندو هو، تڏهن پنهنجي پڇندي آهي، هر قسم جون سوکڙيون مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آڻيندو هو.

Marfat.com

تعويذات ۽ عمليات جو بہ وڏو عالم هو.

(٦) هڪ ڏينهن مسجد ۾ لکڻ ۾ مشغول هو ۽ اتي ڪنڊ ۾ هڪ ڪوڙهيو ٽنڊو منڊو پيل هو. شيخ بهاؤالدين هن کي چيو تہ آءُ ڪوزين مان پاڻي ڪڍي اچ تہ مس ۾ وڌو وڃي. هو ٽنڊو منڊو اجا چريو تہ اٿڻ جي طاقت پيدا ٿي پيس ۽ الله تعاليٰ جي قدرت سان چڱو ڀلو ٿي پيو ۽ هٿ چڻ روندائي ڪونہ هئس. ڪوزو پنهنجن هٿن سان ڪڍي آڻي خدمت ۾ پيش ڪيائين. مگر بيمار کي چئي ڇڏيائين تہ اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪج، نہ تہ ساڳي بيماري توکي موٽي اچي ورندي. البتہ منهنجي وفات کان پوءِ پلي ظاهر ڪج.

(٧) سنہ ١٠٣٥هه ۾ جڏهن شهزادو خورم (شاه جهان) پنهنجي والد سلطان جهانگير کان ناراض ٿي، ٺٽي پهتو، تڏهن ٺٽي جي گورنر شريف الملڪ يڪ چشم شهزادي جو سخت مقابلو ڪيو ۽ کيس ٺٽي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو. ان وقتہ شاهزاده شيخ بهاؤالدين دلقپوش جي خدمت ۾ پهچي بادشاهت لاءِ دعا گهري. شيخ بهاؤالدين آية الڪرسي جو نقشو پڙهي، شاهزادي کي ڏنو تہ اهو جهنڊي ۾ ٻڌي ڇڏي، اميد تہ هندستان جي بادشاهت سندس ٿي حصي ۾ ايندي. ٺٽي جي گورنر شريف الملڪ کي جڏهن اها سڌ پئي تہ بهاؤالدين، بادشاه ۽ اسانجي مخالف جي هن ريت امداد ڪئي آهي، تڏهن درويش کي گرفتار ڪرائي ڪٺي جيل ۾ بند ڪيائين ۽ سندس محبوب ترين املاڪ يعني ڪتاب سمورا تاراج ڪرائي ڇڏيائين.

شيخ بهاؤالدين کي سندس پٽن ۽ عزيزن گهڻو ئي چيو تہ اهڙي دعا گهرو، جو شريف الملڪ جو خاتمو ٿي وڃي، ڇو تہ مشڪل وقت ۾ ڪرامت جو اظهار ڪرڻ جائز آهي، پر پاڻ ان کان صفا انڪار ڪيائون. پوءِ آخر جڏهن شاهجهان تخت تي ويٺو، تڏهن شريف الملڪ

Marfat.com

(پيش) يعني وڏائي اچي ته مٿنو بڻجي پوان، يعني بچڙو ۽ بدحال. جيڪڏهن مٿي تي زبر (يعني خودي جو خيال) اچي ته مٿنو ٿيان، يعني ڪوڙو. پر مٿي تي ڪسر يا زير اچي ۽ هيناهون ٿيان ته پوء مِٺو ٿي پوان، يعني شيرين. سندس مقبرو مڪلي تي پير آسات جي پيرن ڪان بهاؤالدين گودڙيه سان گڏ آهي. (تحفت الڪرام)

وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي. مگر معاصرين جي لحاظ سان هو يارهين صدي جي رجالن مان آهي.

# ١٢٩ - شيخ علي سيوستاني

مخدوم لعل شهباز جي ساٿين ۽ مريدن مان هڪ اهو بزرگ بہ آهي، جو لعل شهباز جي سياحت واري زماني ۾ ساڻس رفيق ٿي رهيو ۽ آخر ۾ جڏهن شهباز سنڌ ۾ اقامت ڪئي تہ هو بہ سيوهڻ ۾ ساڻس هميشہ لاء رهجي ويو.

شيخ علي جناب دحية الڪلبي صحابي سگوري جي اولاد مان آهي. هنجي سنڌ ۾ سمن مان شادي ٿي، جنهن مان ٻہ فرزند پيدا ٿيس. (١) شيخ اسحاق (٢) شيخ آهندو. انهن ٻنهين جي اولاد ٿي لعل شهباز جي درگاهہ جي متولي ۽ مجاور رهندي آئي. چو تہ شيخ علي لعل جي وفات ڪانپوء سندس جاء نشين ۽ متولي خليفہ هو. شيخ علي جو دستور هوندو هو تہ جو ڪجهہ بہ درگاهہ تي ايندو هو تہ اهو سڀ ڪجهہ مسافرن ۽ درويشن کي ڪارائي ڇڏيندو هو. ٻنهنجي عيال کي توڪل تي رهڻ جي تلقين ڪندو هو.

هنجي وفات جو جڏهن تمام ويجهو وقت آيو، تڏهن پنهنجي اولاد

Marfat.com

کي سڏائي وصيت ڪيائين ته درگاهه جي آمدني ۾ طمع نه رکجو ۽ نه پنهنجي ملڪيت سمجهي، انکي کائجو، پر مسافرن ۽ مسڪينن جو قوت بڻائجو ۽ اهل سنت جماعت جي طريقي تي قائم رهجو. ان قسم جون بيون وصيتون ڪندي ٢١ شعبان سنه ٦٨٧ ۾ وفات فرمائي ويو. انا لله و انا اليه راجعون.

اسلام جي ڏهين صدي شاهه حسن ارغون جي حڪومت تائين شيخ علي جو اولاد ئي درگاهه لعل شهباز جو متولي ۽ مجاور هو، مگر ان کانپوء درگاهه تي ڪابڙوڻي ۽ لڪياري سيدن جو قبضو ٿيو، جو اڄ تائين قائم آهي ۽ شيخ علي جو اولاد ئي ڪونه رهيل آهي.

٨ صدي هجري ۾ فيروز شاهه تغلق جو گورنر ملڪ اشرف شيخ علي جي مزار تي گنبذ بڻايو، جنهن جي تاريخ هيٺين ريت آهي.

شد بناء مرقد عالي بعهد شهريار
شاهه فيروز آنکه بگرفت زوگيتي قرار
مي سزد گر بنده درگاه اين گيتي پناه
گر کند در سرفرازي بسلطان افتخار
برسر قبر ولي الاعلى، الحق ولي
بود در بغداد اندر وصف پاکان شهسوار
گفت بنيادش ملک اشرف، ملک ارشد سخي
هست اندر عدل فضل و خلق احسان نامدار
چون که ذاتي آور درين شهري سيوستان آمده
تازه گشته بقعه از سر چون بستان بهار

(رساله سير قلندري از خضر علي سيوستاني)

Marfat.com

ٿي ويو. ٻوٽي اچي ڇپائين ته سچ جو معاملو ملائڪن جي اختيار ۾ آهي ۽ هن دنيا ۾ ته اهڙا پيا به ٿي سگهن آهن. درس خيري جون ڪرامتون ۽ ٻيون ڳالهيون تمام گهڻيون آهن. ڏيکھ سبب ڇڏيون وڃن ٿيون.

هنجو مقبرو نيرن ڪوٽ (حيدرآباد) ٻاهران گنجي ٽڪر تي آهي.
( ارشاد الطالبين )

## ١٣٢- درويش عمر هالائي

حضرت مخدوم نوح جي فيض پاتل خليفن مان هڪ بزرگ آهي. جنهن سموري ڄمار رياضت ۽ مجاهدن ۽ نفس ڪشي ۾ گذاري، هڪ رلي ۽ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه مالي اسباب وٽس جمع نه ٿيو. مخدوم صاحب جي مريد ٿيڻ کانپوءِ، ڪڏهن به بيهودو گفتگو يا اجايو ڪلام پنهنجي زبان تي نه آندائين، هميشه ڏينهن جو روزو ۽ رات جو نماز ۾ بيٺو رهندو هو. ٻن ٽئن ڏينهن کانپوءِ ٻن ٻن لقمن تي روزو کوليندو هو هنجي ويهڻ يا سمهڻ جي لاءِ ڪا جاءِ مقرر ڪانه هوندي هئي، جتي به ڪيس ننڊ کڻي ويندي هئي، ته اتي سمهي پوندو هو. رحمت الله عليه ڏهين صدي جي عارفن ملن آهي.

## ١٣٣- درويش عثمان عصار هالائي

فقير عثمان چاڪي (عصار) حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جي وڏن صحابين يا ساٿين مان آهي. هو هميشه رات ڏينهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ بيٺو هوندو هو. جيڪو به نئون ماڻهو حضرت مخدوم

12946

Marfat.com

درويش همزه جو وقت جو وڏو ڪامل هو. تنهن هڪ دفعي شيخ محمود کي چيو ته الله ذاتي نالو آهي، جنهن تي شيخ انڪار ڪندي ناراضگي جو اظهار ڪيو. آخر اهو سوال هڪ وڏي عالم جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. جنهن چيو ته شيخ محمود ٺيڪ چويٿو، پوءِ درويش حمزه الله جو اسم پاڪ جي حقيقت جو شرح گهريو، جنهن تي شيخ محمود فرمايو ته الله جو اسم غير مسمي آهي، هڪ نالو آهي فقط سڃاڻپ واسطي، نه هن لاءِ جزء آهي ۽ نه ڪل!

درويش ربڏني آديجي جو چوڻ آهي ته مان به ڪيترا سال ٻهاڙن ۾ رهي رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا، آبادي جي شڪل به ڪانه ڏٺي هئم. فقط گاهه تي روزو کوليندو هوس. مگر شيخ محمود فخريه پورا ٻارهن سال ڪوهستان ۾ رهي، آبادي جو منهن به ڪونه ڏٺو هوائين ۽ فقط هڪ دفعي روزو کوليو هو.

شيخ محمود جو بيان آهي ته آءٌ هڪ ڇوڪري تي عاشق هوس پورا ٻارهن سال ننڊئي نيڻن ۾ ڪانه آئي، پر منهنجي انهيءَ حالت تي نه اهو ڇوڪرو واقف ٿيو ۽ نه وري ٻي ڪنهن کي پتو پيو! شريعت جو ايڏو پابند هو جو ڪانئس نقل آهي ته هڪ دفعي تپ جي بيماري سبب عشا جي نماز مڪروه وقت ۾ يعني اڌ رات ڌاري ادا ڪئي هئم. انکي ڪيترا سال گذري ويا آهن، مگر انجو غم اڄ تائين دل تان دور نٿو ٿئي، ته ڇو پوري مسنون وقت تي ادا نه ڪيم.

(دليل الذاڪرين)

هي بزرگ ٻارهين صدي جي عارفن مان آهي.

## ١٣٧- درويش زڪريا سمو اگهمرڪوٽي

درويش ذڪريا ٻابڙا قوم جو سمو هو. حضرت مخدوم نوح جي

Marfat.com

لڳي. آخر ان کي ذبح ڪيائون. پوءِ جنهن ماڻهو به انهيءَ ڏڳي جو گوشت کاڌو انجو قلب ذڪر سان جاري ٿي پيو، اُتدي ويهندي الله الله جو نالو سندن زبان تي هو، اها حقيقت حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت کي بيان ڪئي وئي ته پاڻ فرمايائين ته جيڪو ماڻهو مخلص هوندو، تنهن ۾ ذڪر جو اثر رهندو، باقي ٻين تان لهي ويندو. آخر ٿيو به ائين، جو ڪيترن تان پوءِ اهو اثر زائل ٿي ويو.

( ارشاد ـ دليل )

دليل الذاڪرين جو مولف فقير حاجي پنهور لکي ٿو ته "فقير راقم اين رساله يکي را ازانها ديده بود راهو نام".

يعني ته مان انهن گوشت کائيندڙن مان، جن جو ذڪر جاري ٿيل هو، راهو نالي هڪ فقير کي ڏٺو هو.

صوبو درويش ٻارهين صدي جي ذاڪر صوفين مان آهي.

# ١۴٣- سيد اسماعيل بخاري

هي بزرگ ڪڪرالي پرڳڻي (هاڻي جاتي تعلقه) جو وينل ۽ حضرت مخدوم نوح جي وڏن خليفن مان هو. مگر مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ظاهري گهٽ ايندو ويندو هو.

هڪ دفعي مولانا بهاءُالدين دلقپوش سيد صاحب کي چيو ته توهان حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ڇو جلد جلد نه ايندو آهين، ته جواب ۾ فرمايائين ته اگرچه ظاهر ۾ گهٽ اچان ٿو، پر باطن ۾ جڻ هميشه حاضر آهيان، پوءِ ٻڌايائين ته فلاڻي رات، جڏهن اوهان ۽ فلاڻا - ماڻهو مخدوم صاحب جي مجلس ۾ وينا هوا، تڏهن هڪڙا چار شخص ظاهري صورت ۽ باطني سيرت جا مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيا،

Marfat.com

قت تائين ڪاڙهيندو هو. جيستائين کير نري، تيستائين نملن پڙهڻ ۾ شغول رهندو هو. ته ايتري ۾ صبح ٿي ويندو هو. پوء نفس کي بوندو هو ته اڄ ته روزو رکون ٿا، کير سيائي پيتو ويندو. اهڙيطرح اعدا ڪندي هفتا گذري ويندا هئس. مگر ان هوندي هن جو بدن ازو توانو بينو هوندو هو. ۽ بک جي ڪري ڪوبه فتور يا ڏوبر هن ڪانه آئي ٿي. (دليل الذاڪرين)

عثمان متقي يارهين صدي جو عارف آهي ۽ هالن ۾ متي قبلي ارا شايد سندس اولاد مان آهن. والله اعلم بالصواب.

## ۱۴۴- قطب بري

حضرت مخدوم نوح جي مريدن مان هڪ فرد ڪامل آهي. رچه هو ڳوٺ ڪاهر بيلي جو رهاڪو هو، مگر منرر ڪوبه نڪاڻو ڪونه هوندو هوس. جنهنڪري کيس "بري" ڪري سڏيندا هوا. ڪلفعي حضرت مخدوم جعفر بوبڪاني سان سندس ملاقات ٿي وئي.

مخدوم پڇيس ته فقير ڪٿان اچي رهيو آهين؟

چيائين الله وٽان.

ڪيڏانهن وينديں؟

چيائين ته الله ڏي.

مخدوم صاحب کي جواب ڏاڍا پسند آيا ۽ فقير جي مهماني ڪيائين ۽ ڪجهه نذرانو به ڏنائين.

مخدوم صاحب جي شاگردن پڇيس ته مريد ڪنهن جو آهين؟

چيائن ته الله جو مريد آهيان. پر جيڪڏهن حقيقت جي اکين سان ڏٺو وڃي ته الله اسانجو مريد آهي. مخدوم صاحب اهو جواب

Marfat.com

لقاءَ کي وچي پهتو.

(تذکره الصلحا و بيان الاتقياء)

سندس فرزند خواجہ محمد حسن جان مرحوم خواجہ عبدالرحمان جي سوانح ۾ هڪ مستقل ڪتاب انيس المريدين لکيو آهي، جنهن ۾ سندس، اخلاق عادات ۽ ڪرامات تفصيل سان بيان ڪيل آهن.

حضرت خواجہ صاحب جي وفات تي جن شاعرن تاريخي مرثيا لکيا آهن، تن مان علامہ مرحوم سيد اسدالله شاهہ ٽڪڙائي جي تاريخ بينظير آهي. جا هيٺ درج ڪجي ٿي.

وهو هذا

هاحزن آن مطلع سر و رفت از جهان،

۱۳۱۵ ھ ۱

واويلا هائي رحلت کرد آن عين اليقين.

۱۳۱۵ ھ ۱

پاک امجد چارسازي مقتدائی عارفان

۱۳۱۵ ۱۲۴۴ ھ ۱

بوئی احمد سرو ناز مرشد هر انس و جان

۱۳۱۵ ھ ۱

پاکبازے زيب ده آن اسرار گنج

بزم ايزد کامل دنيا وُ دين فخر زمان

Marfat.com

بود مهدي نائب شرع محمد حق شناس

زاهد و امجد بہ همين نو باده باغ جنان

بو ئيءدين بدرسمارشد صاحب عقل و فهم

مهبط اجراد ارحم خواجہ سرهنديان
شد وجهي رضي الله عنه طالبا
محو ابدي نيكنامي مخزن سرنهان
السر، واقف سرفرقان و نور عدل
كلي زهد فيض اعلي عطيہ و لا مكان

# ۱۴۶- مخدوم امين محمد اول هالائي

حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة جو فرزند ۽ سندس سجاده نشين بزرگ مخدوم امين محمد هڪ صاحب شريعت ۽ صاحب طريقت ۽ ڪرامت هو . سندس ولادت با سعادت ۵ ربيع الاول سن ۹۵۲ ھ تي ۽ سندس والد بزرگ مخدوم صاحب جو ارشاد آهي تہ مخدوم امين محمد جي ولادت وقت مونكي ڪيترن پيغمبرن جي ارواحن وتان روحانيت جي ذريعي مبارڪباد جا تحفا حاصل ٿيا. هن ذڪر اذڪار ۽ سهروردي طريقي جون سموريون منزلون پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ طئي ڪيون . جڏهن سندس ڄمار ۴۶ سالن کي پهتي، تڏهن پنهنجي والد جي جاء تي سجادگي جي مسند تي ويهي ذڪر جي تلقين ڏيڻ لڳو .

هي بزرگ ظاهر ۾ شريعت جو ايڏو پابند هو جو ڪنهن حالت ۾ شريعت جي ظاهري حڪمن جي برخلاف ڪونہ ويندو هو .

Marfat.com

ان ڪانپوءِ اهو نواب هميشه سيد صاحب جي نهايت نيازمنديءَ سان
خدمت ادا ڪندو رهندو هو.

ان قسم جون سندس بيون به ڪرامتون آهن. هتي طوالت ڪري
ايتري تي اڪتفا ڪئي وڃي ٿي.

مخدوم نوح پنهنجي مرشد جي وفات ڪانپوءِ هو سندس فرزند
مخدوم ابراهيم جي خدمت ۾ سوکڙيون کڻي ايندو هو. ۽ خدمت
ادا ڪندو هو. (دليل الذاڪرين)

هو يارهين صدي جي عارفن مان آهي ۽ سندس گنبذ نصرپور جي
ٻاهران ايرندي طرف کان آهي. (ارشاد الطالبين)

## ١٥٣- ميان هاشم همداني

ميان هاشم همداني، حضرت مخدوم نوح جي خليفن ۽ مريدن
مان آهي. هميشه ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهندو هو.

هڪ دفعي جو واقعو آهي ته هو مراقبي ۾ مستغرق هو ۽ عصر
جي نماز جو وقت تنگ ٿي رهيو هو ۽ سج لهڻ تي هو ڪيس هوش
آيو ۽ سج ڏانهن ڏسي ڪيس چيائين ته ٿورو بيهه ته آئون وضو ڪري
نماز پڙهي وٺان پوءِ لهج.

ڏٺو ويو ته فقير عصر جي نماز تمام آرام سان ادا ڪئي پوءِ
اجان سج بيٺو هو. (ارشاد الطالبين)

سندس مقبرو ڪاتيار ۽ بلڙي جي وچ ۾ ڏکڻ طرف آهي. ۽
يارهين صدي جي عارفن مان آهي.

Marfat.com

# ١٥٤- شيخ اسماعيل قريشي بديني

شيخ اسماعيل حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان، حضرت مخدوم نوح جي مريدن مان آهي.

هن جو مقبرو درياء جي هن طرف ڳروجي ڳوٺ ۾ آهي.
(ارشاد الطالبين)

تحفت الڪرام ۾ آهي ته هن جو مقبرو بدين جي ٻاهران آهي.

هو ڪشف و ڪرامت جو مالڪ ۽ وڏو بزرگ هو. سندس ڏاڙهي ايڏي ڊگهي هئي جو پنهنجي وقت ۾ شيخ اسماعيل "ريش دراز" جي لقب سان مشهور ٿيل هو.

نقل آهي، هن جڏهن وفات ڪئي ته کيس ڪفن ڏيئي، دفن ڪري ڇڏيائون مگر ٽورن ڏينهن ڪانپوءِ ڏٺائون ته جنهن حجري ۾ ويهي بندگي ڪندو هو، ساڳي جاءِ تي ويٺو نمازون پڙهي.

جنهن تي منو پيرزادي جو ماڪن پور جو رهاڪو هو تنهن چيس ته تون مخدوم نوح جو مريد آهين. هو شريعت جو سخت پابند هو. تنهنجو هن ريت جيئرو ٿي موٽي اچي حجري ۾ ويهڻ شريعت جي مخالف آهي، آخر هي ڇا ڪري رهيو آهين؟ ان ڪانپوءِ هو انهيءَ حجري مان غائب ٿي ويو. جنهن جو پوءِ وري پتو ڪونه رهيو.
(ارشاد الذاڪرين)

اسماعيل ريش دراز ٻارهين صدي جي وجودين صوفين مان آهي.

# ١٥٥- سيد حيدر جياني سنائي

سيد حيدر سنائي ولي ڪامل مرشد اڪمل حضرت مخدوم بلال

Marfat.com

# ١٥٦- شاھ خيرالدين سڪري

شاھ خيرالدين ھڪ عارف ڪامل ۽ ولي مڪمل ولد سيد احمد بغدادي ٩١١ ۾ تولد ٿيو سندس نسب پنجن واسطن سان سيد عبدالقادر جيلاني سان ملي ٿو. نوجواني ۾ ئي بغداد مان مڪي شريف اچي پھتو آتي برابر ١٤ سال علم پرائيندو رھيو. ان ڪان پوء حرمين مان سڌو سياحت جي ارادي سان سنڌ ۾ اچي پھتو ۽ ھن ملڪ ۾ ڪيترائي مريد ۽ ارادتمند سندس عقيدت جي لڙي ۾ پوئجي ويا. ھو پھريان حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جي خدمت ۾ اچي رھيو ۽ مخدوم صاحب جي وفات تائين ساڻن لاڳاپا رکندو ۽ فائدو پرائيندو آيو. ۽ سندس وفات ڪان پوء مخدوم صاحب جي اولاد ۽ خليفن سان شاھ خيرالدين جو تعلق رھيو.

شاھ خيرالدين جو زندگيءَ جو ساٿي، خليفه درويش ميان سڌو سمو ڪان روايت آھي تہ:

”از زبان معجز بيان حضرت شاھ خيرالدين شنيدم ڪہ چون از ولايت عرب، در اين ديار سند آمدم اولا بملازمت مخدوم معظم بردم“

(دليل الذاڪرين)

يعني تہ جڏھن پھريان ھن سنڌ ديس ۾ آيس تڏھن پھريان ئي اچي مخدوم نوح جي خدمت ۾ رھيس.

ارشاد الطالبين ۾ لکيل آھي تہ:-

شاھ خيرالدين بکري وڏن ولين مان اولاد حضرت شيخ عبدالقادر محي الدين جيلاني مان آھي. ھو صاحب ڪشف ۽ ڪرامت جو ھو. ھن ڪان اسرار الاھي جا ڪيترا مقولا ظاھر ٿيندا رھيا ٿي ۽ غيب جا نڪتا بيان ڪندو ھو.“

Marfat.com

شاهہ صاحب بنا اولاد جي دنيا مان لاڏاڻو فرمايو ، جنهن ڪري سندس گادي تي سڌو فقير ويٺو. ان ڪانپوءِ هن جو فرزند درويش يحيٰ مسند جو مالڪ ٿيو. انهن ٻنهين درويشن جا حضرت مخدوم نوح جي جماعت ۾ فرزندن سان گهاٽا لاڳاپا رهيا. (دليل الذاڪرين)

هن وقت شاهہ صاحب جي مقبري جا مجاور پيرزاده متئين درويش جو اولاد چيا وڃن ٿا، جن جي حوالي درگاهہ جي سنڀال آهي.

شاهہ صاحب جي مقبري تي سن ١١٧٤ ۾ ميان غلام محمد مجاور هڪ عاليشان گنبذ تيار ڪرايو. سيد اسد الله ساقي ٻکري مير محمد معصوم جي ڏهٽي گنبذ جي تعمير جي تاريخ هيٺين ريت لکي آهي.

شہ خيرالدين سرور سالڪان
ولي خدا زبدہ عارفان.
زهے روضہ اش مظهر نور حق
بيابند فيض زيارت ڪنان.
غلام محمد سجاده نشين
ز سعيش بناہ روضہ نو نشان
چو ساقي طلب ڪرد تاريخ آن
بگفتا خرد "درگهہ فيض دان"
١١٧٤ ھ

# ١٥٧- حسن ٻانگو ڀاٽوٽي

درويش حسن ٻانگو هڪ مشهور ڪرامتن جو مالڪ ۽ راهہ سلوڪ جو سالڪ سيد حيدر سنائي جو خليفو ۽ مريد آهي. سيد حيدر جي وفات ڪانپوءِ مخدوم نوح سان به ارادتمندي رهندي آئي. دليل الذاڪرين

Marfat.com

## ١٥٨- ميرڪ محمود ثاني ٺٽوي

ميرڪ محمود ولد ميرڪ عبدالباقي پوراني پنهنجي وڏن جي جاء تي ٺٽہ جي شيخ الاسلام جي عهدي تي پهتو. ترخان گهرائي پاران ، ساگي ريت کيس وسيع اختيارات حاصل هوا، جيئن سندس وڏن بزرگن کي حاصل هوا . وڏي علم و فضل جو مالڪ هو. ڪڏهن ڪڏهن شعر ڏانهن بہ توجہ فرمائيندو هو. جيئن تہ هيٺيون شعر سندس يادگار آهي.

شيوهٔ آزادي از ارباب دولت خوش نماست
ورنہ نخلي کہ خالي از ثمر شد سرهو هست

١٣ صفر ١٠٥٥ جي هن بي بقا حويلي کان دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو. سندس وفات بہ ڪنهن شاعر هيٺيون قطعو لکيو آهي.

يگا نہ قدس نژاد ممالک اسلام
کہ سايہ گستر از و بود است مسعودي
گذشت سيز دهم صفر ز عالم قدس
ندائي ارجعي آمد بلحن دائودي
بہ بزم گلشن جنت رسيد و رضوان گفت
خوش آمدي تو شاهان اين مکان بودي
زهي عقل چو تاريخ فوت او جستي
بگو کہ "يافتہ ميرڪ مقام محمودي"

١٠٥٥

(مقالات و تحاٰر)

## ١٥٩- مولانا عبيدالله "آهي"

هي بزرگ سيني جامع علومن ۽ سيني فنن جو مالڪ هو. مرزا

Marfat.com

شاهه بيگ ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ پهتو، اصل هرات جو باشندو ۽ انهيءَ ملڪ جو ماڻهو هو. جون ته سندس تصنيفات هڪ سئو کان به زياده هئي. مگر آخر جمار ۾ اچي بيخودي جو جذبو مٿس غالب ٿيو ۽ جنون مٿس غالب پئجي ويو، جنهن ڪري پنهنجي ڪتب خاني کي ساڙي خاڪ جا ڍير بنائي ڇڏيائين، پوءِ مجنونن وانگر آواره ھلندو وتندو هو. عمدو شاعر هو ۽ ”آهي“ تخلص هوس. هوشياري جي زماني کان پوءِ به ڪڏهن فارسي شعر چوندو هو، جنهن مان هيٺيان چند شعر يادگار طور رهجي ويا آهن.

آهي آن روزکه در دست جنون بازده ام
رخت ادراک ز سر کنده بصحرا زده ام

---

حيرت عشق تو به ربوده ز سر هوش مرا
مانده ام همچو کدوی تهي از باده بخاک

---

نيست خالي از غمش سينه آهي افسوس
يار ميخوا ندم از جمله بي دردا نها

---

پس از من کس نه پرسد حال آهي
شهيد عشق گمنام دوا م است

هن جي وفات جو واقعو هن ريت آيل آهي ته شاهه حسن بيگ ارغون جي زماني ۾ جڏهن بادشاهه محمد همايون سنڌ جي چون (تعلقه بدين) جي شهر جي باهران اچي لٿو ۽ ان وقت ارغون فوج ۽ همايوني فوج جي دو بدو جنگ هلي رهي هئي ته هي مولانا مجنون ٻنهين فوجن جي وچ مان بيباڪ ٿيو آيو ويو ٿي. هيو مست تنهن

Marfat.com

مخفيم در جوهر معنيءِ، چو معنيءِ در سخن
ديدن من هرکه خواهد گو بمعنيءِ ميبر د
دردمندم قطره خوئي خواهم از زلف کجت
خواهش مبروص باشد تا از افعي فی برد

سندس نندي ياهہ مير ابوالمڪارم شهود انجي جواب ۾ غزل فرمايو آهي. جنهن جو مطلع هيئنين ريت آهي.

مست نوش لعل او کے دست سوی مي برد
نغمہٴ ساز عشق او کے دست سوئی نے برد

مير عبدالرزاق ٢٦ سال جلوس شاهجهاني مطابق ١٠٦٢هہ هن دنيا فاني مان هجرت فرمائي ويو ۽ سندس مقبرو صف صفا بکر جي ڏکڻ واري ڏڪري تي سندس والد جي پهلو ۾ آهي. مقبري جي مٿان ٻه ساڳيو مٿيون شعر لکيل آهي.

## ١٦٣- مخدوم رحمت الله صدر ٺٽوي

ٺٽي جي تمام وڏن عالمن مان صاحب درس تدريس، جامع معقول و منقول ۽ حاوي فروع و اصول علامہ وقت هو. سلطان عالمگير سندس علمي ڪماليت جو شهرو ٻڌي، کيس نهايت عزت ۽ احترام سان دربار ۾ طلب ڪرايو.

جڏهن ٺٽي مان روانو ٿي، شاهي دربار ۾ بادشاهہ جي روبرو پهتو. تڏهن بادشاهہ علامہ جو امتحان وٺڻ جو ارادو ڏيکاريو. ان وقت عالمگير جي وزير عنايت الله خان جي هٿ ۾ تفسير بيضاوي جو هڪ نسخو هو. حڪم ٿيو، تفسير مولانا جي حوالي ڪريو تہ انکي ڏسي

Marfat.com

ڏانهن واپس ٿيو ۽ ٺٽي جي صدارت جو عهدو حاصل ڪري واپس موٽيو.

مولانا ڪان پوءِ سندس فرزند محمد عابد ٺٽي جي صدارت واري عهدي تي فائز ٿيو ۽ والد وانگي وڏي علمي ڪمال سان زنده رهيو.

محمد عابد خوشگو شاعر هو. جن نواب حفيظ‌الله خان ٺٽ ۾ مسجد ٺهرائي. جنهن جي تاريخ هيٺين ريت لکرائين :-

شد اين مسجد فرخنده انجام
بنائي خير حفيظ‌الله خان
خرد تاريخ تعميرش بگفتا
جزائي خير باد از بهر باني

١١٠٩

مولانا جي علمي ڪمال ۽ فضائل جي سامهون شعر شاعري اگرچه ڪجهه به نه آهن. مگر ڪڏهن ڪڏهن هو انهيءَ فن ڏانهن به توجه ڪندو هو پوءِ جڏهن هو فوت ٿي ويو، تڏهن هن جي مرڻ تي، هجو آميز تاريخ جيڪا لکي انس، سا هيٺ درج ڪجي ٿي.

در ناف نهفته حج از حجت الاهي
شر الدّواب دوران ناگاه مختصر شد
مفتي مرگ، فتوي داد اين بروز مرگش
ڪه امروز بهر قربان جاسوس معتبر شد
بوده کمان کش شر، در کيش خود پسندي
آخرچه طرفه برجانش کارگر شد
گرچه معاني شر کردی بيان ز نخوت
صد شکر کز وفاتش آن شرح مختصر شد
دائم کلاغ صورت بوده جگر خور، اما

Marfat.com

در مبرز هلاکت چون حیفه مستقر شد
آن باد سبلت او آخر وبال او شد
کان دختر خباثت، یکبار منتشر شد
نفس شریر بودش پیوسته در مظالم
الحمد کان شرارت از خلق درگذر شد
د جال وقت نرغش رو بہ صفت درآمد
کزکینه و فریبش برداشت او مستتر شد
دستار بر زمین زد، ابلیس گفت آوخ
گنجینهٔ فنونم در خاک مدخر شد
تاریخ سال مرگش پرسیدم از دبیری
افسوس خرد گفتا في النار والسقر شد

۱۱۴۳

هن مان ظاهر آهي ته مولاڻا رحمت‌الله، سلطان عالمگير جي وفات کانپوءِ ڪجهه زمانو زنده رهيو آهي. ٻارهين صدي هجري جي وچ ڌاري وفات فرمائي اٿس. (مقالات و تحفت‌الڪرام)

(فائده) عنايت‌الله خان سلطان عالمگير جي مقرب مشيرن مان هو. سندس والد مرزا شڪرالله بہ مغليہ خاندان جي اميرن مان ٿي گذريو آهي. عنايت‌الله خان جي والده قرآن جي حافظ ۽ نيڪ سيرت عورت هئي. جنهن کري سلطان عالمگير پنهنجي نياڻي زيب‌النساء جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مقرر ڪيو. جنهن وٽ زيب‌النساء اسلامي ادب سکيا ۽ قرآن ياد ڪيو. زيب‌النساء جي سفارش سان عنايت الله خان پهريان باد شاهه جي حاضري ۾ ملازم ٿيو. ان کانپوءِ ترقي ڪندي، باد شاهه جي وزير اعظم اسد الله خان جي ٻاران پروانن تي دستخط ڪرڻ لڳو.

هو ڏاڍو پاڪيزه سيرت انسان هو. ڏاڍو پرهيزگار ۽ امانت دار

Marfat.com

خوبرویان چه کسانند دل آرامی چند
دام بدنامي واشوب نکو نامي چند
ره که پیمانه ما پر شد دریای خمي
بکشیدیم ز دست صنمي جامی چند
هاشمي قطع تمنا مکن و از صبح وصال
گر بنو میدي هجران گز رد شامي چند

---

کجا است آن که مرا ساغري بدست دهد
نه درد گوید نه صاف هرچه هست دهد
چو هاشمي من و خون جگر که ساقي دهد
مي مراد بدون همتان بست دهد

---

بي تو نبود هوس ساغر مي در ما
گرهمه چشمه خورشید بود ساغر ما
روزگاری است که زائل شده از گریه هجر
صورت خرور مي از خاطر غم پرور ما

---

مي روم از گلشن کوبت گراني میبرم
رخصت هستي بسته بار ناتواني مي برم
این چنین کز آستانت میر وم نا داده جان
شرم میدارم که تمام زندگاني مي برم

---

مظهرالاثار مان چند شعر :-

اي شده درعالم وزارت علم
بر خط ارباب خطا کش رقم

Marfat.com

همچو قلم ناظم دفتر شوی
عامل معموره کشور شوی
زور کمان در خور بازو خوش است
سنگ بیزان ترازو خوش است
در عملي کوش کزان کسب کار
عاقبت کار شوي رستگار
سفله که زر در گره مشت اوست
هر درمسي ناخن انگشت اوست

(هفت اقليم قلمي)

مير محمد معصوم لکي ٿو ته

جهانگير هاشمي شاه طيب هروي جي اولاد مان آهي. هڪ شيرين ڪلام شاعر هو. مرزا شاه حسن جي شروعات باد شاهت واري زماني ۾ سنڌ ۾ اچي مقيم ٿيو، شعر جي سمورن نمونن ۾ بي‌نظير هو. مظهرالاثار جو تحفت الاحرار جي جواب ۾ سندس طبيعت جو نتيجو آهي. سال ٩٦٦ ۾ حج جي ارادي سان سنڌ مان مڪران جي رستي کان روانو ٿيو. وچ واٽ ۾ ڌاڙيلن کيس شهيد ڪري ڇڏيو. (معصومي) هن مان ظاهر آهي ته شاه صاحب ٩٤٦هجري ۾ هن دنيا مان مڪران جي علائقه ۾ شهيد ٿي ويو.

# ١٦٦- محمد روشن روشن ٺٽوي

محمد روشن نام، ذهين تخلص، روشن ذهن شاعر ۽ ذهين طبع فاضل هو. ٺٽه جو حاڪم مرزا جاني بيگ تخلص وقاري جو سخن سنج ۽ نڪته پرور ۽ شاعرن جو قدردان ۽ گنج بخش هو. ذهين مرزا جو

Marfat.com

بيگ ارغون اهو عهدو قاضي محمد کي گهرائي انجي سپرد ڪيو. چاڪاڻ هرات ۾ قاضي شڪرالله ۽ قاضي محمد جي وڏن جو ڏاڍو گهاٽو لاڳاپو هو. ان کان پوءِ ٺٽه ۾ ظاهري عزازت ۽ گڏ قبرستان مڪلي جو سيدن ۽ قاضين جو رابطو قائم ٿي ويو.

سيد ميران محمد جي برڪت جو ڪارڻ آهي، جو ڪائونس پوءِ ۾ قضا جو منصب سندس اولاد ۾ ورثه طور رهندو آيو آهي.

مرزا عيسيٰ ترخان جي شروع حڪومت ۾ وفات فرمايائون.
(تحفت الڪرام)

قاضي محمد جي خانداني ڪتب خانه جي هڪ بياض تي، سندس سال وفات سن ٩٦٤ نظر مان گذريو.

# ١٦٨- قاضي محمد يحيٰ ٺٽوي

قاضي محمد يحيٰ جعفري طياري بن قاضي محمد حسين ولد قاضي علي محمد بن شيخ فريد بن قاضي محمد آچ. ٺٽه ۾ مرزا حسن ارغون سندس وڏو شيخ محمد آچ قاضي مقرر ٿيو. انکانپوءِ قاضي محمد جو فرزند شيخ فريد قضا جي مسند تي ويٺو. جنهن بابت مير قانع ليکيتو ته:

”درجا معيت علوم فريد عصر بود وبمحڪم شريعت متڪي ؟ بده عزت شده“ (تحفت الڪرام)

شيخ فريد جي بعض شيعيان جا نقل مخدوم محمد هاشم جي تصنيفات ۾ ابندا آهن. شيخ فريد مرزا جاني بيگ ارغون جي زماني جو قاضي هو.

قاضي محمد يحيٰ، پنهنجي والد قاضي محمد حسين جي زماني ۾ ڪئي

Marfat.com

قضا جي عهدي تي فائز ٿيو ڇو ته آخر عمر ۾ قاضي محمد حسين جي اکين جي بصارت ڪمزور ٿي وئي هئي. جنهن ڪري فيصلن لکڻ ۾ تڪليف ٿيندي هيس. قاضي يحيٰ پنهنجن وڏن وانگر شرعي فيصلن ۾ انصاف جون روايتون قائم رکيون ۽ تمام وڏي عزت سان حياتي گذاريائين. قضا جي منصب تي سلطان عالمگير پاران مقرر ٿيل هو. سندس عهدي ملڻ جي تاريخ عبدالباسط ٺٽوي فقره "نافذ العمل" مان

١١٠٣

ڪڍي آهي. هن بزرگ پنهنجي عهدي کي ڪاميابي سان هلائي سال ١١٣٧هه ۾ وفات فرمائي.

اسدالله روشن تخلص سندس سال وفات هيٺئين مصرعي مان ڪڍي آهي. "مشعل دين متين بود محمد يحيٰ"

١١٣٧

مير قانع لکي ٿو ته هن ۾ غلطي کان يحيٰ جي پوئين ياء کي ي ۽ الف ٻئي هڪ جاء شمار ڪيا اٿس.

ميان عبدالله واعظ ٺٽوي قاضي صاحب جي وفات جي تاريخ قرآن شريف جي هيٺئين آيت مان ڪڍي آهي. "ذالڪ الفوزالڪبير"

١١٣٧

(مقالات ـ تحفه ـ بياض ڪتب خانه قاضيان)

# ١٦٩ـ عبدالغني ٺٽوي

شيخ عبدالغني ولد مخدوم نورمحمد ولد شيخ عبدالغني.

عبدالغني جو والد رواجي علمن ۾ هڪ وڏو مشهور عالم هو ۽ ساڳي طرح سندس ڏاڏو وڏي قابليت وارو ۽ دنيا جي مشهور ماڻهن مان

Marfat.com

هو. هي پاڻ سلطان عالمگير جي زماني کان وٺي شاهه شهيد فرخ سير
جي زماني تائين ٺٽي جو امين ٿي رهيو. هن جي زندگي بلڪل اميرانه
انداز ۾ گذرندي هئي. ۽ سندس مجلس جو نمونو بلڪل مرزا (عبدالقادر)
بيدل (مشهور شاعر) جهڙو هوندو هو. ٺٽه جا وڏا ماڻهو ۽ علم جا
شوقين سندس. خدمت ۾ درس وٺندا ۽ صحبتن مان فائدا پرائيندا
رهندا هوا.

جيئن ته ميرڪ محمد افضل ميرڪ محمد احسن شيخ الاسلام جو
والد ۽ ميرڪامران ضرب خانه جو محافظ يا داروغه ميرڪزوري مشهور
شاعر جو پوٽو ۽ پيا سندس خدمت مان فائدو حاصل ڪندا رهندا هوا.
سندس شاگردن مان ميان محمد صادق ۽ ميان قمرالدين ڪاوُنس شعر
جو فن به حاصل ڪيو.

پاڻ شيخ عبدالغني هڪ وڏو باڪمال فارسي جو شاعر هو. هڪ
وڏو ديوان يادگار ڇڏيائين، جنهن ۾ هر قسم جا شعر موجود آهن.
سندس شعر جو نمونو هن ريت آهي.

رسيده تا خيال خوی کرمش در دل تنگم
جلوه ريزه آمده گوی خزان در گلشن رنگم
مقيم شهر دلهاديم ندانم کوهء صحرا را
بزلفت کايد از فرهاد و مجنون موبمو ننگم
ز ضعف و ناتواني باشدم کاخ سليماني
دهد مورے ضعيفے جا اگر در ديده تنگم
فغان در دل گره گشته رگ و پی خشک گرويده
نوازش کن که بهردست بوست صورت چنگم

شيخ عبدالغني ١١٣٥ ۾ وفات فرمائي. مير قانع سندس وفات جي
تاريخ هيٺئين فقره مان ڪڍي آهي. (في الجنت مثويه) (مقالات)

Marfat.com

هو. نقشبندي طريقي ۾ پير خواجہ نظام‌الدين مجددي شڪارپوري
مريد هو ۽ حڪمت ۾ لکي جي ساداتن سان سندس لاڳاپا هو
سندس مرشد وفات ڪئي ته قطعہ تاريخ هن بزرگ جو لکيل سند
مقبره تي لڳل آهي. جنهن مان هن جي عقيدت‌مندي جو اندازو ڪر
سگهجي ٿو. هو پاڻ به نقشبندي طريقي ۾ مريد ڪندو هو ۽ پنهنج
وقت ۾ عام ماڻهن جو مرجع هو.

مخدوم محمد صالح پين انساني خوبين سان گڏ فارسي جو نهاي
عمدو ۽ قادرالڪلام شاعر هو. سندس نظمون گهڻي حد تائين نعت‌النب
۾ آهن. جن مان نموني طور ڪجهہ هيٺ درج ڪجي ٿو. فارسي دا
قابليت وارا سندس ڪلام جي پختگي ۽ روانگي جو اندازو لڳا
سگهن ٿا. فرمائي ٿو.

بيا ساقي بگردان جام مي را
جزاک الله في الدارين خيرا
صبا از منزل ليلي بيا ور
پئي مجنون شميم خاک حي را (١)
سرم مخمور از عشق رسول است
مغني خوش نواکن چنگ ني را
خداي پاک از فرط محبت
گزيده سرور فرخنده پئي را
صلاء عام خدام جنا بش
نموده طي بساط جود طي را (٢)
بحمد الله که نام پاک احمد

(١) ليليٰ جو قبيلو (٢) حاتم طائي جو قبيلو

Marfat.com

چو شهد و شیر شیرین کرد نَے را (۱)
ز عشقش صالح بیخود نداند
کنون تاب تموز رنج وی را (۲)

## ایضاله

از کف ساقي گرفتم جام را
نوش کردم بادهٔ گلفام را
کعبہ مقصود ــــــ یا فتم
بستم از شوق درون احرام را
در سرم سودائی عشق آمد بدید
خواهم از گیسوش برپا دام را
تا ز زلفش ساختم ز نار دل
کفر داده رونق اسلام را
خستگان عشق این دانند رموز
نیست آگاهی ازو هر خام را
من مرید پیر عشقم از ازل
تا ابد خواهم قوی انجام را
تاخت فوج لشکر عشق از کمین
بر کشیده عقل نا فرجام را
اضطراب عشق او تسکین ما است
ما نمی خواهم کنون آرام را
ای صبا زین عندلیب خستہ گو
اشتیا قم عرض آن گلفام را

(۱) وات نڙي (۲) جولائي مهينو

Marfat.com

در حضور مصطفیؐ در طیبہ
قاصدا از من ببر پیغام را

هي تمام طويل قصيدو آهي. جنهن‌جي تشبيب هتي آندي وئي آهي. تشبيب کان پوء جيڪو گريز ڪيو اٿس. تنهن مان سندس قابليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ۽ هن جي قادر ڪلامي جو داد ڏيڻو پوي ٿو. خواجہ حافظ شيرازي جي هڪ غزل جي نعتيہ تضمين ڪئي اٿس. جنهن جي آخر ۾ فرمائي ٿو :-

اے خوش آن کس کز فیض عشقت مدح خواني میکند
ہر گدائی بارگاهت کامراني مي کند
با غم عشق تو صالح شادمانی مي کند
بلبل شیراز تلقین خوش بیانی میکند
خسرو وا پیرا نہ سر حافظ جوانی میکند
بر اُمید عفوجان بخش گنہ فرسائی تو

مخدوم صالح رح جهڙو فيض بخش ۽ فيض رسان عاشق رسول هن دنيا فاني مان سن ۱۲۶۸ ھہ ۾ وفات فرمائي دارجاوداني ۾ وڃي آراميو. ۽ عشق جي طفيل پنهنجي محبوب جي جوار ۾ جاء لڌائين. سندس تاريخ وفات جو قطعہ ميان نور محمد پيرزاده عبدوي هيٺين ريت نظم فرمايو آهي.

زہے واصل حضرت ذوالجلال ــ پسندیدہ مصطفیؐ در حضور
وسیلہ جهان رهبر خاص و عام ــ از و فیض حق گشت هرجا ظهور
عجب خاور آفتاب علا ــ کہ رخشان کند سینہ را زنور
چو آهنگ ترحیل دنیائے دون ــ نموده بحکم خدا، باسرور

Marfat.com

چون بيفتاد از مراتب جاه — صوبيدار ولد غلام علي
ديگر مير مير محمد خان — پور عالي تبار فتح علي
ميرشهزاد خان (١) ميرنصير — ابن الابن بن مراد علي
حيدرآباد و ملک سنده تمام — هم ز انصاف سان مدام جاي
همه حبس آسمان کرده — ملک شان را دگر نمود ولي
سال تاريخ يکهزار دو صد — چهل دو،ونه زے است جلي
گفت هاتف ز سال آن مردان — که کنار بکشت سيل علي رضه

تاريخ وارو مصرعو ميان نور محمد جي بياض تان آڏوهي ڪاٺي چڪي هئي، جنهن ڪري پورو سمجهه ۾ نه آيو.

ميان نور محمد جي وفات ١٣ محرم‌الحرام سن ١٣٢٠ هه ۾ ٿي گذري. ڪنهن شاعر سندس مرثيو لکيو آهي. جنهن جا چند شعر هيٺين ريت آهن.

آن که بُدْ خلق را امام زمان
صاحب شرع همه يگانه زمان
چون که رفت از جهان بجنت خُلْد
جستم از سال انتقال نشان
ناگهه از هاتفم رسيد آواز
که بہ جنت‌الخلد شد امام زمان

**نوٽ:**

پوئين مصرع تاريخ جو سال حاصل نه ٿيو. هي قطعو فقط هن لاءِ آندو ويو آهي ته ميان نور محمد کي پنهنجا شاگرد ڇا سمجهندا هوا. -

---

(١) مير شهزاد خان بن مير نورمحمد بن مراد علي خان
نصير خان بن مراد علي خان

Marfat.com

# ١٧٥- سيد عبدالملڪ بڪري

نائين صدي هجري جي وڏن مشائخن قادريہ طريقي مان هو۔ خضر خاندان جي مشهور بادشاھ علاؤالدين شاھ عالم (متوفي ٨٨٣) دهلي جي بادشاھ، بکر مان دهلي گهرايس۔ جتي خلق جي هدايت ۾ مشغول رهيو۔ آخر اسلام جي لشڪر سان آزيسي جي علائقہ ۾ شهادت جو شربت چکيائين۔ اهو واقعو ٨٥٥ سن ۾ ٿي گذريو۔

مفتي غلام سرور لاهوري، سندس وفات جو قطعہ تاريخ هيٺين بيت لکيو آهي ۔

متندي دو جهان عبدالملک ـ هادي و مهدي امين سيد شريف

٨٥٥ ٨٥٥

رحلتش خوان مقتدا پير زمان ـ نيز کامل امام دين سيد شريف

# ١٧٦- سيد عبدالواسع بڪري

عبدالواسع بن عبدالملڪ بڪري، هي بزرگ پنهنجي والد سان گڏ بکر (سنڌ) مان علاؤالدين شاھ بادشاھ جي گهرائڻ تي دهلي آيو هو۔ پنهنجي والد جي شهادت کانپوءِ دهلي مان هجرت ڪري، سرهند شريف ۾ اچي متيم ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ مقبرو بہ اتي ئي آهي۔ قطعہ تاريخ از مفتي غلام سرور لاهوري ۔

عبدالواسع سيد هر دو سراي ـ مقتدا و رهنما و متقي ۔

شمع عشق وصال پاک او ـ باز فرما سيد مخلص ولي

٨٨٠ ٨٨٠

• سيد عبدالواسع بکري جي بويان سيد عبدالخالق قادري طريقي جو

Marfat.com

جهاد جو روح ڦوڪيو. ان وقت راڻي پور ۾ پير صالح شاهه پهريون سجاده نشين هو. ان وقت به سيد احمد غازي ۽ پير صاحب گڏجي دعوت جهاد لاءِ آيا.

مگر هن صاحب قبول نه ڪيو. مگر ان وقت هڪ سرويچ جماعت جو بنياد پوندو رهيو جا اڳتي هلي اسلامي سلطنت جي قيام جو ڪم ڏني. انهيءَ ساڳي زماني ۾ رنجيت سنگهه سنڌ تي ڪاهڻ جو ارادو ڪيو. ٽالپرن ۾ مقابلي جو اصلي حوصلو ڪونه هو. جنهن ڪري رضاڪارانه نموني ۾ پير صبغت الله شاهه صاحب جماعت کي سکن ڪافرن سان جهاد لاءِ تيار ڪيو. ۽ چوطرف دعوت ناما لکي، هنن کي الله جي واٽ ۾ سر ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو.

انهيءَ سنڌ تي لاڙ ملڪ مان هڪ معزز بلوچن جي ٽولي آئي، جا مال املاڪ اولاد تان آسرو ڪٽي اچي پهتي، جنهن تي پير صاحب جماعت کي فرمايو ته اوهان جهاد لاءِ جيڪو قدم کنيو آهي. انجو ثواب اوهان کي الله تعاليٰ ڏيندو. ۽ پاڻ هنن کان ڏاڍا خوش ٿيا، مگر هنن جواب ۾ عرض ڪيو ته قبلا اسان کي ثواب جي سڌ ڪانه آهي. اسان ته آيا آهيون فقط اوهان جي قدمن ۾ قربان ٿيڻ. اگرچه انگريزن جي وچ ۾ پوڻ ڪري رنجيت جو رولو سنڌ تان ٽري ويو. مگر حرن جي جماعت جو بنياد پئجي ويو. ان وقت "فرق وارا" ۽ سالم جماعت ۾ وراهيل ڪونه هوا. پر سمورا مريد هڪٻئي سان رلي ملي رهندا هوا اهو فرق پوءِ جناب پير سيد حزب الله شاهه صاحب جي زماني ۾ پيدا ٿيو. هو بزرگ زماني جي معاملات کي منهن ڏيڻ سان گڏ عابد زاهد ۽ ذاڪر ۽ صاحب تلقين جو به زبردست هو. سيد احمد بريلوي جو هڪ زبردست روحانيت جو مالڪ صوفي هو. ۽ مولانا اسماعيل شهيد سندس موحد مريدن مان هو. ان بابت روايت آهي ته پير ڳوٺ ۾ رهڻ وارن

Marfat.com

هوس وصل هـل رآنـي را ـ لـن ترانـي جواب مـی آيد
تشنگي صدف چون شود بسيار ـ بهر سقيش سحاب مـی آيد
عـاشق بيگناه را کشتـن ـ دلبران را ثـواب مـی آيد
رونمودن به همچومن مسکين ـ نازنين را حجاب مـی آيد

جناب پير صاحب وڏي چمارکي پهچي هيئيان فرزند پوء تان چڏي وفات فرمائي ويو.

(١) پير غلام مصطفيٰ شاهه (٢) پير عبدالقادر شاهه (٣) پير علي محمد شاهه (٤) پير علي حيدر شاهه (٥) پير شاهه مراد شاهه (٦) پير مان علي ذوالفقار شاهه (٧) پير علي گوهر شاهه (سجاده نشين).

سندس وفات تي ڪيترن ئي شاعرن قطعات تاريخ ۽ مرثيا لکيا آهن. مگر انهن مان سندس خليفه آخوند گل محمد هالائي جيکي قطعات لکيا آهن، تن مان ڪجهه هيٺ درج ڪجن ٿا.

قطعه تاريخ فی القديم از خليفه گل محمد هالائي

غوث عالم مرشد فياض مـا کان کرم
کامل و اکمل مربي و مهدي و اعلي همم

صبغت الله پير ما آن محي دين احمدي
محي دلها ماحی عصيان و آثام آمم

چون به امر ارجعي نقل مکان زين دار کرد
وائي واويلا زعالم خواست تا لوح و قلم

در بيان سال و صال از اسم پاک آن شفيع
صبغت الله زيب دلها گفته ام بيش و کم

١٢٤٦

ايضاً که از هر مصرعه سال تاريخ حاصل مي شود

Marfat.com

نائب دین خلیفةالله خاص ــ خاص در بزم خاص، خاص‌الخاص
حق نما با حقیقت حق بود ــ بحق از خلق غیر حق بزدود
کرد صورت مثال ظهور ــ بی مثل از تہ ظلال نور
چون شد ازظل باز سوئی اصل ــ رفت از اصل سوي اصل الاصل
من هاتف شدیم در سر سال ــ در جواب و سوال، قیل و قال
او بما گفت مابوی گفتیم ــ حد تاریخ را در سفتیم
گفتمش بود شمع انجم خلق ــ گفت جامع رشید در دل فرق
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتمش بود بحر اعظم جود ــ گفت وه خوش دل و کریم وجود
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتم این فرد با فتوت بود ــ گفت ہمئے آن علی سخاوت بود
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتم او بدر پر ضیاء وجود ــ قال قد شاع شمس یوم شهود
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتمش مهدي چہ خوب مثال ــ قال لي کان ذاتہ لازال
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتمش مظهر کمال هدا ــ گفت وه روشن جمال خدا
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتمش زیب در طریقت شد ــ گفت حق بود در حقیقت شد
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتم آن مرشد بمع صفات ــ گفت ہے ہے وجود جامع ذات
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتم از رفعت صفاتي او ــ گفت حق وجود ذاتی او
۱۲۴۶ ۱۲۴۶
گفتم آن شرح از صفات حق ــ گفت وی واحد بذات حق
۱۲۴۶ ۱۲۴۶

Marfat.com

گفتم از اسم در مثل چون شد ـ گفت بـالله ذات بيچون شد

١٢٤٦ ١٢٤٦

چون گذشت از فهوم عام كلام ـ ختم شد والسلام والاكـرام

## ١٨١- قاضي عنايت الله متعلوي

عالم فاضل فقيه عنايت الله بن محمود بن حاجي محمد سعيد ـ مخدوم فيروز ٺٽوي جي اولاد مان متارين ۾ ١٢٧٦ سن ۾ ليلت البرات ١٥ شعبان جي تولد ٿيو. شروع ۾ قرآن شريف جي تعليم کان فارغ ٿي، قاضي محمد اسماعيل (متوفي ١٢٨٦) ۽ قاضي عبدالحميد (متوفي ١٣٠٥) مولانا محمد مقيم متعلوي فارسي جا علوم پڙهي فارغ ٿيو. عربي جا شروعاتي ڪتاب حافظ حاجي عبدالوالي متعلوي (متوفي١٣١٢) وٽ صرف نحو جا ڪتاب پڙهيائين. تفسير قاضي حاجي عبدالواحد بن ابراهيم متعلوي وٽ. باقي علوم سمورا جامع العلوم مولانا مولوي محمد حسن مرحوم حيدرآبادي (متوفي ١٣٠٩) ۽ مولوي حاجي احمد علوي (متوفي ١٣٤١) جو پڻ ساڳي حيدرآباد واري مدرسه ۾ تعليم ڏيندو هو. آتي فارغ ٿيو. ان کانپوءِ ١٣٠٤ ۾ مڪه شريف جو سفر درپيش آيس. مڪه جي مدرسه هنديه ۾ سيد عبدالله (متوفي ١٣١٠) وٽ نحو جو مشهور ڪتاب الفيه ابن مالڪ ۽ ٻيا ڪتاب پڙهيائين. مڪه شريف جي مشهور صوفي عالم شيخ محمد مراد النقشبندي المجددي کان تصوف وغيره ڪتابن جي اجازت حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ مدينه منوره ۾ شيخ الدلائل سيد محمد حسين ۽ سيد محمد بن ظاهرالوطري الحنفي کان دلائل الخيرات جي اجازت حاصل ڪيائين. نقشبنديه طريقه ۾ پهريان شيخ ولي محمد ملاڪاتيار واري جو مريد ٿيو. ان

Marfat.com

آهي، تہ جيئن وڏيڪ وضاحت سان قصيده جو مطلب دل نشين ٿئي. هڪ شعر جو نموني طور ترجمہ هيٺ ڏجي ٿو.

فمالعينيک ان قلت اکففا همتا ـ ومالقلبک ان قلت استفق يهم

(١) چيست اين چشمانت راگريند گر گوئي بمان
ورهمي گوئي دلت را هوش کن گردديهم (پريشان)

(٢) پس چيست چشم گريہ کنان ترا اثر
گر گويمش کہ گريہ مکن گريد او بهتر
باز اين دل تراچہ رسيدہ ست آفتي
گويم بهوش شو شود هوش بيخبر

سنڌس فارسي شعر جو نمونو هي آهي. حضرت عارف حاجي جن ـــــــ ۾ مناجات ۾ فرمائي ٿو.

خداوندا دلم را زندگي ده
بکار نيکوئي فرخندگي ده
زبانم را بذکر خويش بکشا
بکامم شکر شکرانہ بفرسا
شب ناآميدىم را صبح گردان
بفيروزي چو خورشيد درخشان
گل پژمرده از باد خزاني
بخندان از نسيم جاوداني

پنهنجي محبوبہ جي نالي تي هيٺين نظم لکي اٿس.

بگوش هرکہ رسد همچومن ملامت عشق
زند بہ تعبيہ نام حسن بہ نو بت عشق
حقيقتي ست نهان در حقيقت صورت

Marfat.com

خوشا حقیقت حسن است در حقیقت عشق
لبش چه لب که لب کوثر و لب حیوان است
مگر ببوسه شوم، خضر در طریقت عشق
یقین که مفتئی عشاق مي دهد فتوی
بخون من بستم کیش در شریعت عشق
مرا بجا دوئي چشمانش رخنه درکار است
بیک نگاه دلم را رُبود غیرت عشق
تبارک الله که دلبري پري پیکر
نهاد در دل ویرانه ام ودیعت عشق
نوشت از سر هر بیت نام موزونش
سها بشیفتگی نامه وثیقت عشق

هن فارسي جي خوشگو شاعر ۽ صوفي جو وصال ١٥ - ربيع الاول
سن ١٢٩٨ ۾ ٿيو. سندس هڪ همعصر عزيز آخوند احمد هيٺين ريت
قطعہ تاريخ لکي آهي:-

فرقت یاران عذاب داغ دهد بردلی
نیست کسے را گذار خواه نبی و ولي
عابد و ساجد تمام - جاهد عقبیٰ مدام
خاصه با خلاق حق با سم امید علي
بر دل او نقش است شاه قیوم الست
بود زخیل کرام شیخ مجدد ولي
بیک اجل چون رسید گوش دل او شنید
فادخلوا جنات عدن شارب جام ملي
١٢٩٨
ماه ربیع لاولین پانزدهم یوم ثالث

Marfat.com

آخوند اُميد علي نقشبندي طريقي جو صوفي هو. مگر ان هوندي به
بهادر نالي پنهنجي شاگرد تي نظارو رهندو هوس.

هڪ دفعي اُميد علي بهادر جي شان ۾ هيٺئين رباعي ارشاد فرمائي.

بهادر چه دري ست پاڪيزه
نباشد چنين گوهر در صدف
نه هر جوهري قدر او را شناخت
بهادر گران را مده با خزف

آخوند احمد مرحوم انهيءَ قطعي جي جواب ۾ فرمايو ته:-

بهادر نه دري ست پاڪيزه
ز خرمهر ارزان برابر خزف
چو شعراء تابع غوا گفته حق
تو داناى هستى مفرما قذف

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان ٻنهي شاعرن جا ڏگها سوال جواب
هليا آهن. جن کي اختصار سبب هت ترڪ ڪيو وڃي ٿو.

هڪ ڏگهو منظوم عربي خط مولوي احمد ٺٽائي کي لکيو اٿس،
جنهن ۾ فرمائي ٿو.

فيامن هو احرق قلبنا بنار هجرڪ
فيجمع بيننا رب الخلائق

هن عربي خط جي آخر ۾ عربي کان پهلو بدلائي فارسي ۾
خطاب ڪري ٿو.

شوق زياد گشت بسوى وصال تو
ليکن بد ست خويش ندارم زمام را
چون اختيار نيست مرا در طريق وصل

Marfat.com

پس اختيار کـردم اينک کـلام را
احمد صبور بـاش کـہ ناگهہ صبا رسد
از بـوء گـل معطر سازم مشام را

فارسي عربي ڪلام کان پوءِ سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هڪ قطعہ تاريخ ۾ معائنہ ڪري سگهجي ٿـو، جو سيد خان محمد شاهہ سنائي جي تعمير مسجد جي سال لاءِ لکيو اٿس. فرمائي ٿو،

سيد خان محمد مسجد جوڙائي گهڻي هيج منجهاء
شـروع مهيني رجب ۾ پـوري شب قـدرا
تـاريخ اُنجي سال جـي چئي ان پـر هاتفا
مسجد سگهوري، گهر خـدا پلي جـو آهـہ

آخوند صاحب ۾ علم، عبادت جي وصفن کان سواءِ خانداني عمليات ۽ علم جفر ۽ وظيفن ۽ مسخرات جو چاڻ بہ هو. مگر عمليات تي گهٽ ڪاربند هوندو هو. شعر شاعري ۽ ياد خدا ۾ مشغول رهندو هو. ايڏي ڪماليت وارو بزرگ ١٣١٧هہ ۾ وفات ڪري هالن ۾ دفن ٿيو.
(بياض آخوند احمد هالائي)
[٣١- آگست ١٩٤٧ع بروز يڪشنبہ ڪراچي- وفائي.]

## ١٨٤- مفتي محمد رفيق هالائي

هي بزرگ عالم فاضل صاحب فتويٰ ٽالپرن جي زماني ۾ هالن ۾ ٿي گذريو آهي. درس تدريس سان گڏ انهيءَ وقت فتويٰ نويسي جو معاملو بہ سندس حوالي هو. هو سڀني علومن جو ماهر ۽ فاضل عالم هو. هن بزرگ جي وفات پهرين جمادي الثاني سن ١١٨٢ ۾ ٿي گذري

Marfat.com

آهي. سندس معتقدن مان هڪ شاعر سندس تاريخ وفات هيٺئين ريت لکي آهي.

وه چه انسان فاضل و فائق
بود اندر لطافت او لائق
عالم و عامل ديانتدار
دائما با کتابيان مشفق
در علوم چهار ده دائي بود
لطف طبعش بهر کسی لا حق
علم فقه و فرائض و تفسير
از حديث و معاني و منطق
هم کلام او اصول قرات و صرف
نيز بود او بمناظره مسبق
قضيئه فوت شان ز هوشم برد
طعن جگر ها نمود همچو شفق
بر نماز جنازش مردم
بود الف چهار از تحقق
در شب اول، جمادي الثاني
کرد مولاء ما رحيل بحق
گفت هاتف ز سال تاريخش
بود، ازان مرندم هدايت حق

۱۱۸۲ ھ

(از کتب خانہ ملا سانوڻي هالائي)

Marfat.com

# ١٨٥- آخوند محمد قاسم سانوڻي هالائي

آخوند محمد قاسم ولد آخوند محمود سانوڻي هالائي فارسي جو وڏو شاعر ۽ فاضل اديب ٿي گذريو آهي. هن سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪئي، جو نصرپور ۾ بيرن وٽ تعليم ڏيندو هو، ۽ سندس مقبرو به اُتي نصرپور ۾ آهي. سندس وفات ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ ٿيل ڀانئجي ٿي. چاڪاڻ جو سندس دستخط هڪ ڪتاب ڏٺو ويو، جنهن تي ١١٧٢ لکيل آهي.

آخوند محمد قاسم پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ ڪجهه وقت نصرپور ڇڏي ۽ آخر مير چاڪر خان جي ٽنڊي ۾ تدريس جو شغل جاري رکيو. ڪانئس فارسي زبان جي تعليم وٺي ڪيترائي فائدو پرائي ويا. هن جي سفر ۾ هڪ "ديوان قاسم" جمع ٿيل آهي. نموني طور سندس ڪلام مان ڪجهه بيت ڏجي ٿو.

رسيده در جهان بي سرو رفتار
بسنت همچنين از دور دوّار
رخ خجلت ده گل اے گل اندام
تو هم با عاشقان بنماء اظهار
روان شو بادل افگاران بگلشن
که گل هم گردد رويت دل افگار
ربا تاج گلرو ده لاله را داغ
ز حسن خود بهريک کن خبردار
رود اندوه هجران از دل من
به بستان چون شوم با تو قدح خوار
رحيق کامراني نوش با دت

Marfat.com

بقاسم هم عطا کن قدح دو چار

## ایضاً له

زود آ که در قالب ـــــ آید جان باز
جان باز تو ام ـــــ روح روان باز
زود آ ز ـــــ غم آئینه دل
کز عکس خور رخت شود نور افشان باز
زلفت چو شب تار رخت صبح منور
روزم بشب این ـــــ مگر دور زمان باز
زنجیر کجا که این دل آشفته در این شب
دیوانه شده شب از هوس زلف بتان باز
زین گونه قاسم بدر دیر نشین است
شاید که کند رحم بر او پیر مغان باز

## ایضاً له

چهره اش خوب است رخسارش علی هذا القیاس
خنده اش خوش است و گفتارش علی هذا القیاس
شکل او دلخواه و ناز جان فزایش زان قبیل
صور قرن ـــــ کردارش علی هذا القیاس
جلوه اش جادوی اوصاف جمالش زین نمط
قامتش نیکو است و رفتارش علی هذا القیاس
دیده شوخش ستمگار و جفا کار است بس
گیسوئی حمدار و طرارش علی هذا القیاس
طبع قاسم دلکش و طرز بدیعش دلنواز
نظم او نغز است و اشعارش علی هذا القیاس

Marfat.com

سندس بيو ڪلام بہ علیٰ هذا القياس ڏاڍو شيرين ۽ دل پسند آ
مرحوم محمد قاسم جي وفات ۱۳ صدي جي اوائل ۾ ٿيل آهي. اگر
سندس مقرر تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي .

(مسودات ڪتبخانہ خاندان سانوڻي)

## ۱۸۶- آخوند نُور محمد ساڌوڻي هالائي

نور محمد بن آخوند الهہ بخش بن عارف صوفي حاجي متين‌الدي
سانوڻي هالائي. آخود امير علي هالائي جي دستخط هڪ ڪتاب ...
لکيل ڏنو ويو تہ ملان سانوڻي عقيلي نسب جا هاشمي آهن. ...
سلسلہ نسب گهڻي ڳولا سان بہ هٿ ڪونہ اچي سگهي ٿو.

آخوند نور محمد علم تعويذات ۽ عمليات ۽ علم تڪثير جو و...
ڄاڻو هو. فارسي زبان جو پڻ چڱو شاعر هو. سندس مخمس ڪريا...
سعدي نظر مان گذري. جنهن مان هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو.

در ايام گلزار فصل بهار
بهم مجلس مهوش گلعذار
بوقت صبا خنده لالہ زار
مئي لال در ساغر زرنگار
بود روح برور چو لعل نگار

آخوند نور محمد ۲ ذوالحج سن ۱۲۸۱ ۾ هن دنيا فاني م...
رحلت فرمائي جاوداني جهان ڏانهن روانو ٿي ويو. قطعہ تاريخ وفا...
سندس عزيز همعصر آخوند احمد هيٺين ريت لکي آهي .

Marfat.com

بسالکان هدایت طریق دین متین
بود نصیب مدارج علا بلاشک و شین
حرم کعبهء فردوس را دخول و طواف
کسي ندارد خبر حاجیان عین یقین
زهي مهذب اخلاق - مؤدب علم
بناسم ان له ذمة بفضل مبین
به بیت دوم از ماه حج بود هجرت
هزار دو صد هشتاد و هفت سنین
گذاشت کثرت از شوق وحدت واحد
بمرغ طائر باشد قفس عذاب مهین
بگفت احمد تاریخ رحلتش از دل
مقیم نور محمد بود بخلد امین

١٢٨٧هـ

(از مسودات آخوند احمد هالائي)

## ١٨٧- آخوند عبدالصمد ساڌوڙي هالائي

پختہ گو شاعر ۽ عامل - رمل جفر جو ماهر بزرگ ٿي گذريو. هو آخوند خليفہ گل محمد هالائي جو عزيز ۽ همعصر هو. سندس دستخط هڪ ڪتاب نظر مان گذريو. جنهن تي ٢١ ربيع الاول سن ١٢٢٤ لکيل هو سندس فارسي ڪلام جو هيٺيون نمونو آهي.

زماني جي شڪايت، دوستداري ۽ ناقدري جي باب ۾ فرمائي ٿو.

نادار را عزیز نہ باشد نہ خویش کس
نادار عیبدار بود بوءِ دار بس

Marfat.com

چون داشت درد بوديم در حلقہ عزيزان
کس يار غار خواند کسي دوست دار بس
دولت از دست رفت زبون گشتم از چون مور
دائمال خلق گشتم در زيـر بـار بس
عبدالصمد خموش مکـن نـالـہ عبـث
خوش دار خويش بـر قلم کردگار بس

مرحوم آخوند عبدالصمد ٢٢ محرم‌الحرام سن ١٢٧٢ جي هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري جاء جاوداني ڪي وڃي هميشہ لاء وسايو.

## ١٨٨- حافظ نصرالله ساڻوٽي هالائي

قاري عالم شاعر نصرالله بن حافظ بلال بن حافظ هارون ساڻوٽي. "ساڻوٽي" هن ڪري هن خاندان کي سڏيو ويندو آهي. جو علم درياء هنن وٽ ساڻوٽي جي موسم جيان چوليون هڻندو رهندو هو. چيو وڃي ٿو تہ هن خاندان جو سلسلہ نسب حضرت عقيل بن ابي طالب سان وڃي ملي ٿو. ـــ والله‌اعلم.

آخوند حافظ نصرالله فارسي ۾ هڪ مناجات چئي آهي. جنهن جا چند شعر هيٺ ڏجن ٿا.

ز شـر نفس اماره نـگا هـم دار يا الله
هوائي غير خود کلي زمن بردار يـا الله
کريما از کرم ما را بده توفيق بر طاعت
مرا از لطف خود هرگز فرو مگزار يا الله
مرا از درد بيماري بفضل خود نگهداري
برحمت خويش کن ياري بدبن بيمار يا الله

Marfat.com

آخوند لطف الله ١٣ صدي جي آخر ۾ وفات ڪئي ۽ هنن سڻ
لڳڻ وقت سندس شاگردن ۾ هڪ بزرگ ٨٠ سالن جو هالن پراڻن
۾ اڃا زنده موجود آهي.

## سنڌي ڪافي آخوند لطف الله

هو وئيڙا ڪنهن ڏس ڏور ـ عمر! ادا آءٌ ڏوتي ڏسان ڪين ٿي
جيڪس جهانگي جوءِ مان ـ لڏي ويڙا ڪنهن زور ضرور
مندون مولي آئيون ـ سارو نـ موتيا مـور
ملڻ ڪارڻ مارن جي ـ رڙي تـيس رنـجـور
الاهي لاڳاپا لطف چئي ـ ساري ويـا مـهجـور
عمر ادا آئون ڏوتي ڏسان ڪينڪي

## ايضا غزل

محب ماڻه ڪريو تون مارين ٿو
سور دل جا سدا سڌارين ٿـو
تون بچين تو تير برهه جا تازا
نيـڻ ڪٿيو جڏهن نهاريـن ٿـو
قـرب وارن قـريب ڪوڻابـو
پرت جا جام پڙ پيارين ٿـو
عاشقن کـي آهـا بشارت بس
نيش پنهنجي برين پوڪارين ٿو
آهـه حيـران لـطـف هالائـي
نت نوان ناز جنهن ڏيکارين ٿو.

## ايضا مناجات فارسي

غمي دارم ڪه دوايش از تو جويم ـ تن بيمار طبعم را طبيبي

Marfat.com

پاءُ هو ، مخدوم عبدالواحد سيوستاني بياض واري جو ، سندن خاندان ۾ تصوف ۽ علومن جو چرچو هو. سندس چاچي مخدوم عبدالواحد ڪانپوءِ قضا ۽ مدرسي جو مالڪ سندس وڏو ڀاءُ مخدوم محمد عارف هو. جنهن ڪري عربي علم ته پنهنجي مدرسي ۾ ئي تحصيل ڪيائين. ان ڪانپوءِ پنهنجي خانداني بزرگن جي طريقي نقشبنديه جي بجاءِ هو قادريه طريقي ۾ ملتان جي هڪ پير صاحب جي بيعت ڪيائين ۽ خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. اهو پير صاحب سال به سال سيوهڻ ۾ ايندو رهندو هو.

هو وڏو فقيه ۽ صوفي اهل الله ٿي گذريو آهي. ڪڏهن ڪڏهن فارسي شعر ۾ به طبع آزمائي ڪندو هو. جو تصوف ۽ حال تي مشتمل آهي.

**نمونه**

الا يا ايهاالساقي شراب عشق را نوشان
زدست خويش با مستانه دلق بيخودي پوشان
قلندر قادري هستم به بحر معرفت مستم
کمر در راهه حق بستم ردائي فيض بر دوشان
دلم هموار مي جوشد براهه عشق مي کو شد
رحيق راهه مي نوشد، دلم چون ديگ درجو شان
گل گلزار تحسينش، بهار باغ تمکينش
زتاب آتش حسنش، چراغ دل بکن اوشان
مغني گر تو مي داني، غزل خواني بيا بيشم
بوجد آري دل مارا، فراموشم شود اوشان
بعبد الواسع عاشق، بده يکجرعه فائق
که خاطر زان شود شائق طريق قادري کوشان

Marfat.com

رائت راهے قلندر بردوش آرائیم بس
تاج تقوی بر سرم از خشن پوشي عار نیست
سر خوشم از جام وحدت هست از روز اول
محوروئی دوست می باشم ، بعالم کار نیست
از سر جوش جنون در راه مستي گامزن
هیچ حاجت از رفیق و مونس وغمخوار نیست
از شراب شوق سر مستي، محمد صالح ست
درد دل و جانش طرب و الفت ورائی یارنیست

. هن صاحب جي تقوي ۽ پرهيزگاري ڪري ٽالپرن جي ساڻس ڏاڍي نيدت هئي. جڏهن مير نصير خان ولد مراد علي خان سنڌ جو والي ٿيو. هن مخدوم صاحب کي ديهه سامتياڻي جاگير ۾ ڏنائين. سامتياڻي ديهه جي ڪاردار نالي جيڪو پروانو جاري ڪيو ويو هو. تنهن ۾ ميرصاحب مخدوم کي هيٺين لقبن سان ياد ڪيو آهي.

حقائق و معارف آگاهے، ڪمالات دستگاهے مخدوم محمد صالح قريشي برادرزاده مخدوم محمد احسان (عبدالواحد سيوستاني) وغيره. انهي ۽ پروانه تي سن ۱۲۵۷ درج ٿيل آهي.

اگرچه سندس وفات جي تاريخ پوري طرح معلوم نه ٿي سگهي آهي. مگر واقعات مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ۱۳ صدي جي پوئين اڌ ۾ سندس وفات ٿي آهي.

(رساله حالات بزرگان سيوستان قلمي)

## ۱۹۴- مخدوم محمد مراد سيوستاني

محمد مراد بن محمد حسن (برادر زاده مخدوم عبدالواحد صاحب

Marfat.com

مطالعہ ۽ درس ۾ گذريا هوا ۽ سمورا ياد هوس. ترڪي زبان ۾ لکپڙهہ جو به ڏاڍو ماهر هو. علم جفر ۽ ٻيا عجيب علم به ڄاڻندو هو ڪتابن جون عبارتون برزبان ياد هونديون هئس.

مرزا شاهہ حسن ارغون سنڌ جو بادشاهہ سندس شاگرد ۽ معتقد هو ۽ گهڻو ڪري پاڻ کان جدا ٿيڻ نہ ڏيندو هوس. سندس ايڏي تعظيم ۽ تڪريم ڪندو هو. جنهن کان وڌيڪ تصور ڪري نہ ٿو سگهجي.

مير محمد معصوم بکري بہ سندس شاگردن ۾ان هو.

سندس والد مخدوم راهوصاحب حال هو. پنهنجي وفات کانپوءِ پٽ کي ارشاد ڪيو هوائين تہ هو مخدوم بلال جي صحبت ۾ وڃي رهي. جنهن جي صحبت ۾ ڪشف ڪماليت کي رسيو. (معصومي)

تذڪره مشائخ سيوستان جو مصنف لکي ٿو تہ:-

قاضي ڏتو وڏو عالم ۽ ولي ڪامل ڪشف و ڪرامت جو مالڪ هو. پنهنجي والد کان تصوف طريقت ۽ ظاهري علوم حاصل ڪري، جڏهن مخدوم بلال جي خدمت ۾ پهتو تہ مخدوم صاحب کيس هميشہ ملا ڏتو ڪري سڏ ڪندو هو. هڪ ڏينهن مخدوم صاحب ملا جي بجاءِ قاضي ڏتو ڪري سڏيس، جنهن تي جماعت عرض ڪيو تہ اڄ ملا جي بجاءِ قاضي جو لقب ڇو عطا ٿيو آهي؟ مخدوم صاحب فرمايو تہ اڄرات حضور رسول ڪريم صلي‌الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ ڏتو قاضي آهي. تنهن ڪري کيس پيغمبري دربار مان مليل لقب سان ياد ڪيو اٿم.

علم جو ايڏو متبحر ۽ ڄاڻو عالم هو جو هڪ دفعي سنڌ جي حاڪم (مرزا شاهہ حسن) وٽ هڪ ڪتاب سوکڙي ٿي آيو جنهن جو خط ۽ عبارت اهڙي منجهيل يا شڪستہ هئي، جنهن کي ڪوبہ پيو- وقت جو عالم قابل ڪونہ سمجهي سگهيو. آخر قاضي ڏتي جي سامهون رکيائون جنهن بنا ڪنهن تڪليف سمورو مضمون پڙهي مطلب ڪڍي

Marfat.com

اسانجي سنڌ سڳوري جي واکاڻ سان ڪئي اٿس. جيئن سنڌ کي ساراهيندي لکيو ته:-

بارک الله کشور سند سواد دلکشا
کز غبار او بود چشم فلک را توتیا
آبروئی چهره خلد برین را آبرو
از هوایش گلشن فردوس را نشوونما
شرخشان بادهء توحید را میخانه
ارزو وعده ایمال را سلمی نما
بسکه آدم برور آمد این گلستان هر
سبز از کهسار می روید همه مردم گیا
درچنین ملک ملک خیزے ملائک بروزے
در بنود گر شد ابلیس از کفرش رها.

يعني ته دل کي فرحت ڏيندڙ سنڌ ديس تي الله جي برڪت هجي شال، جنهن جي خاڪ جي ذرن آسمان جي اکين جو سرمو آهي. سنڌ بهشت بلند جي چهري تي آبرو آهي ۽ جنهن جي هوا ڪري بهشت جو باغ وڌي ويجهي رهيو آهي توحيد جي مست متوالن لاءِ سنڌ ديس ميخانو آهي. ميلاپ جي وعدي لاءِ معشوق وانگي وڻندڙ آهي. هي عمر عقل جو باغ ڏاڍو انسان پرور آهي ڪهسار تي سبز گاهه جي بجاءِ ماڻهو پرورش وٺي رهيا آهن. جهڙي ملائڪ پيدا ڪندڙ ۽ ملائڪ پاليندڙ ملڪ ۾ شڪ نه آهي ته ابليس به پنهنجي ڪفر کان توبهه تائب ٿي وڃي.

سنڌ ندي جي واکاڻ ۾ فرمائي ٿو.

در دل پر مهر سند این نهر مهران روان
شادي ديدار يار وعدهء وصل وفا

ماشاءالله رود مهران سراپا مهربان
جوئبار سلسبيل و چشمه آب بقا
نيل مصر از انفعال روء او بر چهره نيل
آب خضر از شرم او زد غوطه در بحر خفا
"كل شئي حي" آمد و صف احياى دمش
از صفات حق زده آب بروئى كارها

سنڌ جي محبت ڀري دل جي وچ ۾ مهراڻ جاري آهي. جنهن ۾ معشوق جي وصال واري وعدي جي خوشي جو ڏيک ڏئي رهي آهي.

سنڌ ندي (مهراڻ) برابر مهربان آهي. ڄڻ ته بهشت جي سلسبيل ندي آهي يا آب حيات جو چشمو آهي.

مصر جي نيل ندي شرمندگي کان پنهنجي چهري کي نيري رنگ ۾ رنگيندو آهي ۽ مهراڻ جي شرم کان آب حيات به ڪٿي گهڻي ڳجهه ۾ وڃي غوطو کنيو آهي.

سنڌ جي دم سان سڀ ڪا شئي جيئري آهي. اها هڪ الاهي صفت آهي جو دنيا جي ڪاروبار ۾ ڪم ڪري رهي آهي. هن پوئين شعر ۾ قرآن شريف جي آيت "وجعلنا كل شيء من الماء حي" جي تلميح آهي، يعني ته اسان سڀ شئي پاڻيءَ مان جيئري يا زنده ڪئي آهي.

سيد صاحب ۱۱۹۴ھ ڌاري جڏهن هو ۽ اهو قصيدو به انهيءَ سال لکيو هئائين. ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙي ڏانهن قنڌار جي بادشاهه تيمور بن احمد شاهه ابدالي انهيءَ سال خلعت موڪلي هئي، جنهن جو پڻ انهيءَ قصيدي ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ "خلعت با امن" جي عددن مان

۱۱۹۴



Marfat.com

شريف جي مسند تي متمڪن ٿيو. ظاهري علم سان گڏ باطني ذوق جو مالڪ ۽ وڏو عابد صاحب حال جو هو. سموري ڄمار شريعت جي مضبوطي ۽ درس تدريس ۾ گذاري سن ١٠٢٧ ھ ۾ رحلت فرمايائين.

## قطعہ تاريخ

جمال ز دين حق ترا کافی ست
بہ پيش حضور نبی شافی ست
خرد سال آن شيخ عالم تقی
بگفتا کہ شيخ ز من هادی ست

١٠٢٧ ھ

(آئينہ جهان نما)

## ٣٠٥- مخدوم يحيٰ بن جلال الدين کهڙوي

مخدوم يحيٰ وڏن درجن ۽ وڏين ڪرامتن جو مالڪ هو. وڏو عالم ۽ فقيهه مصنف ٿي گذريو آهي. پنهنجي والد مخدوم جلال الدين جي جاءِ تي ظاهري ۽ باطني فيض سان ماڻهن کي مالامال ڪندو رهيو. سندس لقب بدرالدين رکيل هو. هن جي تاليفات مان اساس المصلي، رسالہ در توحيد، رسالہ در فرائض و واجبات نماز يادگار آهن. سال ١٠٤١ ۾ وصال فرمايائين.

## قطعہ تاريخ

جناب زنده شيخ معلی ــ کہ بدردين لقب نامش يحيٰ
چون تاريخ وصول او جستم ــ خرد گفتا کہ فاضل علم اعلیٰ

١٠٤١

Marfat.com

# ٢٠٦- مخدوم عبدالخالق کهڙوي

عبدالخالق بن بدرالدين يحيٰ، اهو بزرگ ڀريوڻن انهيءَ خاندان مان جو ڀيري (تعلقه گمبٽ) مان نقل ڪري کهڙن جي شهر ۾ اچي رهيو هو، جنهن اباڻي طريقي تي دين جي تجديد ۽ شريعت کي جاري رکيائين. آخر سن ١٠٦٢ ۾ وفات فرمايائين.

## قطعه تاريخ

از بروح فياض علم و عمل

# ٢٠٧- مخدوم محمد عاقل اول

محمد عاقل ولد عبدالخالق، عالم فاضل ۽ صوفي سالڪ هو، معمور الوقت رهندو عبادت ۽ شرعي حڪمن جي جاري ڪرڻ ۾ مصروف رهندو هو. جڏهن ناگاهه هڪ رات کين حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ چئن يارن سڳورن ۽ سيدنا عبدالقادر جيلاني ۽ شيخ عثمان مروندي لعل شهباز سيوهاڻي جي بمعيت ڪشف جي حالت ۾ زيارت نصيب ٿي. حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم هن صاحب کي "مخدوم" جو لقب عطا فرمائي سيدنا ابوبڪر صديق جي معرفت فضيلت جي بڪيءَ بدلي ۾ سندس اولاد ۾ علم ۽ فيض جي بقا لاءِ دعا فرمائي.

هن بزرگ انهيءَ واقعي کان پوءِ پنهنجي اولاد کي وصيت فرمائي ته آئنده جڏهن به ڪو فتنو جي گدي تي ويهي ته اهو ڀيري سيوهڻ وڃي مخدوم لعل شهباز قلندر جي درگاهه تي دستاربندي ڪرائي

Marfat.com

ان ڪانپوءِ ڪم ڪار ڪي لڳي. اها رسم آخر وقت تائين انهيءَ خاندان ۾ جاري رهندي آئي آهي.

مخدوم محمد عاقل جي وفات ١٠٩٢ ۾ ٿي گذري.

## قطعہ تاريخ

عظيم و فاضل و عاقل زمانـہ – شهہ اهـل ڪـرم عاقل محمد
وصالش قطب افضل اهل دل گو – بـود پاڪبزہ دم عاقل محمد
١٠٩٢

(آئينہ جهان نما)

## ٢٠٨- مخدوم محمد ثاني کهڙوي

محمد بن مخدوم محمد عاقل، عالم فاضل، ظاهري ۽ باطني علمن جو جامع، قادري طريقي جو وڏو پير ڪرامتن جو مالڪ هو. آبائي رواج موجب هميشہ شريعت جي حڪمن جاري ڪرڻ ۾ گهڻي ڪوشش ونندو رهندو هو.

روايت آهي، ڳوٺ ترائي (حال تعلقہ ڳڙهي ياسين) ۾ وڏيري جلال خان ابڙي هڪ اهڙي هندو کي پناهہ ڏني هئي. جنهن کان اسلام جا ڪلما صادر ٿي چڪا هوا. مخدوم انهي هندو جي بازو هٿ ڪرڻ لاءِ جماعت سان جلال ابڙي وٽ چڙهي ويو. مگر هن نہ مڃيو، جنهن تي مخدوم صاحب شهر لاءِ بد دعا ڪئي، نتيجو اهو نڪتو، سمورو شهر سڙي خاڪ ٿي ويو. جلال خان جي والده مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي دعا لاءِ منٿون ۽ زاري ڪئي جنهن تي پاڻ فرمايائون تہ:

سڙي لوٽ منجهان هڪ مورو پيدا ٿيو

Marfat.com

جي حفاظت ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري حويلي جي بي حرمتي نه ٿي. مخدوم صاحب پوٽنان ۾ فرزند مخدوم محمدي ۽ ٻن سالن جو ٻ مخدوم احمدي هڪ سال جو ڇڏي ويو. اهو واقعو سن ١١٤٥ ۾ ٿي گذريو. مخدوم محمد عاقل رابع مؤلف تاريخ آئينه جهان نما ۾ هن دردناڪ واقعي شهادت تي هڪ مرثيو لکيو آهي. جنهن مان ڪجهه شعر هي آهن.

این چه سودا در دماغ دهر پا انداخته
واین چه شورشر بگردون در صدا انداخته
ني بيک شهر ست آه و نه يک کوچه است وائی
خشت ماتم هر تنے در هر سرے انداخته
هر زمان در فکر می بینم بهر جا فوج فوج
هر کسے با هر کسے لاؤ بلی انداخته
یا هلاکو گشت ظاهر یا مگر حجاج زیست
کز سعید و نجم جان از تن جدا انداخته
یا قیامت گشت قائم یا شر شد آسمان
هاء هوئے در جهان چون کربلا انداخته
یا به قتل عبدالرحمان رحمت رحمان علیه
در جهان شب از ره رنج و بلا انداخته
هر کجا آن شاه باز دین و دولت می روید
هر عذاب کفر بدعت قاؤ قاء انداخته
(آئينه جهان نما)

## ٢١- مخدوم محمد عاقل ثاني کهڙوي

محمد عاقل بن مخدوم محمد براد ر مخدوم عبدالرحمان شهيد

Marfat.com

ٿئين ڏينهن وفات فرمايائون. سندن جنازه نماز ۾ پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي ۽ سيد محمد صالح شاهه جيلاني راڻي پوري، فقير سچيڏنو درازائي ۽ پيا به هزارين ماڻهو موجود هوا. سندس وفات ١٢٣٢ هجري ۾ ٿي. مصرعه نور ڪامل بود بشرع رسول مان سندس وفات جو سال
١٢٣٢
حاصل ٿئي ٿو.

# ٢١٤- مخدوم عبدالخالق ڪوٽڙوي

ولد مخدوم محمد عاقل ثالث، هڪ وڏو بزرگ عالم ۽ عابد زاهد پرهيزگار ۽ متقي هو. هو نقشبندي طريقي ۾ خواجه فضل الله مجددي نقشبندي کان بيعت ٿيو ۽ اباڻي طريقي قادريه جي بجاءِ نقشبندي طريقي کي رواج ڏياريائين. تهجد نماز کانپوءِ صبح تائين مراقبي ۾ رهندو هو. ۽ ڪشف جي حالت ۾ حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم سان سندس ملاقاتيون ٿينديون رهنديون هيون.

شرع شريف جي جاري ڪرڻ ۽ مقدمن نبيرڻ ۾ پنهنجي خانداني بزرگن وانگي عام خاص جو مرجع هو.

هڪ دفعي گمبٽ ۾ هڪ هندو ذمي ڪڻون زنا ڪئي. مخدوم صاحب هن کي تعذير ڏيڻ لاءِ گهريو. مگر حاڪمن ۽ هندن هنجي ڏيڻ ۾ ڪجهه ڪوتاهي ڪئي. آخر مخدوم صاحب پاڻ چڙهي گمبٽ ويا. انهيءَ جوابدار جي جڏهن مخدوم صاحب تي نظر پيئي تڏهن ڪلمو پڙهي اسلام جي دامن ۾ اچي لڪو ۽ مسلمانن جي جماعت فتحياب ٿي.

١٢٣٤ جو واقعو آهي ته ٺٽو مستي خان ۾ هڪ هندو عورت

Marfat.com

هوء جڏهن واندو ٿيندو هو تہ باقي سمورو وقت نقشبندي طريقي جي
ذڪر اذڪارن ۾ مشغول رهندو هو. سموري ڇمار ان ريت رات
ڏينهن ياد خدا ۾ گذاري وفات فرمائي ويو. سندس فارسي ڪلام جو
ڪجهہ نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

برون شد از خم ديرين شراب آهستہ آهستہ
بر آمد از پس ڪره آفتاب آهستہ آهستہ
فريب روئي آتشناک او خوردم وندانستم
کہ خواهد خورد خونم چون ڪباب آهستہ آهستہ
باين خورسندم از نسيان روز افزون پير يها
کہ از دل مي برد ياد شباب آهستہ آهستہ
بيا بشنو تو پند من اگر هستي تو عاقل دل
کہ طفل خورد مي خواند ڪتاب آهستہ آهستہ

———*———

تمام شد مسودات جلد ثالث ڪتاب تذڪره مشاهير سنڌ مؤرخہ
٢٣ سوال المڪرم شب اربع بوقت ١٠ بجہ شب سن ١٣٦٦ هہ مطابق
٩ سپٽمبر ١٩٤٧ع. بحمده تعالي

(فقير دين محمد وفائي)

Marfat.com

Marfat.com

# ٢١٦- نيازي ٺٽوي

بخاري جو سيد سفر ڪندي ٺٽي ۾ پهتو ۽ اتي فوت ٿي ويو. معمانويس ۽ علم عروض ۽ شعر شاعري جو وڏو ماهر ۽ قابل هو. گهٽي هجو ۽ گلا چوڻ جو اُستاد هوندو هو. اِهوئي سبب آهي، جو هنڪي ڪٿي به قرار يا آرام ڪونه ملندو هو. هميشه دربدر ڌڪا کائيندو وتندو هو. هنجي زندگي جي ڪهاڻي به عجيب آهي. بخارا جي رهڻ وارن ڏينهن ۾ هڪ نظم لکي جنهن جي شروعات هن ريت آهي.

برفلڪ نيست شفق، باده گلفام من ست
رنـد درد ڪشم طاس فلڪ جام من ست

اخير ۾ چيائين:-

تا نيازي شد در ملڪ سُخن خسرو عهد
نام جامي شد منسوخ ڪنون نام من ست

غزل جي هن مقطع جي معنيٰ آهي ته نيازي يعني آءٌ جنهن وقت کان وني شاعري جو بادشاهه ٿيو آهيان تـه اُن ڏينهن کان وني مولوي جامي جو نالو منسوخ يا منجي ويو ۽ هاڻي فقط منهنجو نالو آهي.

اِنهيءَ شعر سبب بخارا جي ماڻهن ۾ سخت ناراضگي پيدا ٿي، جو نقشبندي طريقي جي پير ۽ عالم جي بي ادبي سمجهي وئي. جنهن ڪري بخارا مان ڀڄي هرات هليو ويو هـو. اُتي جي مشهور راڳيندڙ شاهه محمد شرناٿي جي صحبت ۾ اچي رهيو. ۽ اهو ماڻهو موسيقي ۽

Marfat.com

متعلوي آهن جن سان هن بزرگ جا بعض فقهي مسئلن تي ردڪد ۽ مناظرا رهيا آهن. مير قانع لکي ٿو ته :-

مخدوم ميان ميدنه جامع فنون ڪمال، عالم متبحر در فقه اکثر علماء در سائر ڪمالات اشهر برايا، با سلوک آشنا درين تازگيها بس ڪمال وفات يافت. پسرارشدش ميان عبدالله از علوم ظاهري بهره وافي برده متوجه علم معني است. (تحفة الڪرام)

مخدوم ميڏنو مريد هو مخدوم محمد امين ڊاسوڙي واري جو. هو وڏو موحد ۽ ڪامل وقت جو بزرگ ٿي گذريو آهي. ۽ ٻارهين صدي جي پڇاڙي ۾ ان بزرگ وفات فرمائي آهي. جيئن ته تحفت الڪرام مان معلوم ٿئي ٿو :-

مخدوم ميڏنو تمام ٻڍاپڻ ۾ سال ١١٨١ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي نصرپور ۾ ٿي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## ٢١٨- شيخ ابو تراب تبع تابعي

هي بزرگ جو احوال سنڌ گزيٽر ۾ هيٺئين ريت آيل آهي.

ابو تراب نالي هڪ وڏو بزرگ، جنهن بکر جو قلعو فتح ڪيو ۽ ٻيا وڏا بهادري جا ڪم ڪيا انجو مقبرو ڳوٺ گجو تعلقه ٺٽو ۾ آهي ٺٽي کان اهو ڳوٺ ١٠ ميل پري آهي. سندس قبر تي سال ١٧١ هجري مطابق ٧٨٧ع جو ڪتبو لڳل آهي. سنڌ ۾ انهيءَ کي تمام جهوني تاريخي لکيت تسليم ڪرڻو پوي ٿو.

هن مان ظاهر آهي ته اهو سال خليفي هارون عباسي جي خلافت جو آهي جنهن کي سنڌ ۾ جهوني مان جهونو بزرگ ۽ سندس مقبره

Marfat.com

کي جهوني مان جهوني يادگار تسليم ڪجي ته درست آهي.
(اورينٽل ميگزين لاهور)

مولوي محمد شفيع ايم. اي لاهوري مٿئين ميگزين ۾ لکي ٿو: مان انهيءَ مقبري تي پهچي ڏاڍي گهولا ڪئي ته ١٧١ ورهين وارو ڪتبو نظر اچي، پر ڪٿي به اهو ڪتبو نظر ڪونه آيو.

مگر مير قانع لکي ٿو ته:

شيخ ابوتراب از اجل تبع تابعين که مزارش مع شهدا ديگر تاهنوز زيارتگاه اهل دل ست. برسرگنبذ تاريخ بنا از ان قرار سال صدو هفتاد ويک مرقوم. (تحفت الڪرام)

مير قانع شيخ ابوتراب جو ذڪر عباسي خليفن جي گورنرن جي سلسلي ۾ ڪيو آهي ۽ سندس خيال آهي ته هو ٻي صدي ۾ اسلامي عرب مجاهدن سان گڏ ساڪري جي سر زمين تي شهيد ٿي، اُتي دفن ٿيو آهي. مير قانع ٻي هنڌ لکي ٿو ته:

شيخ ابوتراب المعروف بحاجي ابوترابي اصل از گماشتگان بنو عباس ست که بايالت سنڌ او امر بودند و معروف به تبع تابعي چنانچه مذکور، از شهداء است - مزارش مابين موضع گجوکه بعوض شهر ناره ولتو آباد شده و موضع کوری که بدل رسول آباد محمد طورثاني آباد گرديده از تته بانداز چهار گروه زيارتگاه سادرو زائر است برگنبذش تاريخ تعمير صد و هفتاد ويک موجود. (تحفت الڪرام)

مير قانع جي عبارت مان هي به ظاهر آهي ته ١٧١ جو ڪتبو سندس زماني ١١٨١ ۾ به موجود هو جو هاڻي ناياب ٿي چڪو آهي.

جام صلاح‌الدين سمو (٨٧١ھ کان ٨٩٣ھ تائين) حاڪم سنڌ جي زماني ۾ سندس رشتيدارن علاؤالدين سمو شيخ ابو ترابي تي گنبذ تيار

Marfat.com

ڪرايو جنهن تي هيٺيون ڪتبو لکيل آهي. جو تمام مشڪل سان پڙهڻ ۾ اچي ٿو.

بعهد شهر يار دهر سلطان داور (؟)
شه فيروز و منصور و مظفر در صف ميدان
بامر سرفراز سندهه خاص حضرت عالی.
که قدر او علا از فـّر فرقد تابان
ستوده جام جم سيرت علاؤالدين دريا دل
که مهمانی لطفش جهان شد جمله آبادان
برآمد اين چُنين گنبذ معلیٰ کز صفا گوئی
بسان بيت معمور آمده است اظهار اين ايوان
مقام شيخ حاجي بوترابي آن ولی الله
که بر درگاه او گردد رواحاجات خلق آسمان
بسال هفتصد هشتاد دو از هجرت احمد
زعون ايزد ذوالمنن والافضال والاحسان
بنا شد ثالث ماهه صفر اين روضه ميمون
بسعي کمترين بندگان موسیٰ بن شه جان

## ٢١٩- مولوي محمد علي سنڌي

هي بزرگ عارف، ڪامل، شاعر فاضل اصل سنڌ جو رهاڪو هو. ابتدائي تعليم به سنڌ ۾ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ باهر علم جي تحصيل لاءِ سفر ڪندو رهيو. دهلي، لاهور ۽ پشاور ۾ علوم حاصل ڪري پنجاب جي مشهور چشتي طريقي جي پير خواجه محمد سليمان (متوفي ٧- صفر ١٢٦٧) جي خدمت ۾ پهچي، نجي بيعت ڪري سندس خدمت ۾ رهجي پيو. (تذڪره روز روشن)

Marfat.com

خواجہ محمد سليمان تونسوي جي مريدن مان ٣ خليفا عرب عجم ۾ مشهور ٿي ويا جن مان هڪ مولوي محمد علي آهي. جنهن پنجاب کي پنهنجي ظاهري ۽ باطني فيض سان مالامال ڪري ڇڏيو.

( خزينت الاصفياء )

آخر مرشد جي اجازت سان سنڌ ندي جي ڪناري تي هڪ قصبہ مکڏ ۾ اچي رهيو، جتي پنجاب وارن کي ظاهري ۽ باطني فيض ڏيندو رهيو. هو ايڏو وڏو پرهيزگار ۽ شب زنده دار عابد هو جو برابر ٣٦ سال لاڳولاڳ عشا جي نماز واري وضو سان صبح جي نماز ادا ڪندو رهيو. هو فارسي جو نهايت بهترين شاعر هو. پورو ديوان غزليات جو يادگار ڇڏيو اٿائين. مولوي تخلص ڪندو هو سندس ڪلام جو نمونو اجهو هي آهي.

شهيد تير آن ترکم کہ از ابرو کمان دارد
خدنگ از شست آن خوردم کہ از مژگان سنان دارد
ز چشم مست بيمارم چہ بيماري فزود آخر
بهر سويش کہ مي بينم هزاران کشتگان دارد
حديث حُسن يوسف راکجا دانند اخوانش
زليخا را بپرس از وي کہ صد شرح و بيان دارد
خوش آن عاشق کہ از جانان رخ مهر وفا بيند
ز يار خويش حيرانم نہ اين دارد نہ آن دارد
صبا با آن طبيب عشق، حال مولوي برگو
کہ بس عمري است اين بيمار سر بر آستان دارد

هن بزرگ مکڏ شريف (پنجاب) ۾ ئي باقي جمار گذاري ٢٩- رمضان شريف ١٢٥٣ھ ۾ وفات فرمائي.

( تذکره روز روشن )

Marfat.com

# ٢٢٠- مير ڪرم علي خان ٽالپر حيدرآبادي

سنڌ ۾ حيدرآبادي ٽالپرن جي شاخ مان چئن ڀائر ٽالپرن هڪ ٻئي جي پوئتان حڪومت ڪئي. تن مان مير ڪرم علي خان ٽالپر هڪ نامور حاڪم ۽ علمي ادبي مذاق جو شاعر ٿي گذريو آهي. هن جو زمانو جيڪڏهن ٽالپرن جي عروج حڪومت جو زمانو هوته ان سان گڏ شعر ۽ سخن پروري جي ترقي جو زمانو ليکيو وڃي ٿو.

ڪرم علي خان پنهنجي ٻن ڀائرن، مير فتح علي خان (فاتح سنڌ) ۽ مير غلام علي خان ڪانپوءِ سال ١٨١٣ع ۾ گادي تي ويٺو.

سندس زماني ۾ شاه شجاع الملڪ قندهار جو بادشاهه، سنڌ تي چڙهي آيو مگر مير صاحب هنکي ڪافي خزانو ڏيئي، ملڪ تان اها مصيبت ٽاري ڇڏي.

پنجاب جي حاڪم، راجا رنجيت سنگ به سنڌ تي ڪاهڻ جو ارادو ڏيکاريو، مگر ميرن جي انگريزن سان دوستي قائم ٿي چڪي هئي، جنهن ڪري انگريزن وچ ۾ پئجي، رنجيت سنگهه کي ڪاهڻ جي ارادي کان روڪي ورتو.

مير ڪرمعلي خان، مذهب جي لحاظ سان پڪو شيعو هو، جنهن ڪري هنجي نگراني ۾ هڪ مشهور مرثيه گو شيعو ثابت علي سيوهاڻي سنڌي زبان ۾ مرثيه جو بنياد رکيو ۽ ثابت علي جي مير جي دربار ۾ ڏاڍو قدر ۽ عزت ٿيندي رهي.

مير صاحب پاڻ فارسي جو شاعر هو. هو پنهنجي يادگار هڪ "ديوان" ڇڏي ويو آهي. انهيءَ ديوان جوگڏ ڪندڙ مير نصيرخان ولد مير مراد علي خان، سندس ڀائٽيو آهي.

Marfat.com

"ديوان ڪرم" ۾ ڪل ١١١ غزل، ٣ قصيدا ۽ ٤ قطعات آهن.
سندس شعر جو نمونو هي آهي:

لطف ايزد هستم هردم يار ما
زين سبب بگرفت رونق کار ما
از نسيم فيض او خواهد شگفت
تازه گل در گلشن گلزار ما
نيست حاجت تا کرم سازد بيان
کار ساز ما بہ فکر کار ما

ٻي هنڌ فرمائي ٿو:

سويم بہ مهر ديد خطارا بهانہ ساخت
وز کوئی خويش راند جفارا بهانہ ساخت
گفتم بتا ز لطف بنه پاء بچشم من
خنديد ناز کرد، حنا را بهانہ ساخت
گفتم کہ روئی تو بہ بينم ز شوق دل
پوشيد رو بدست دعا را بهانہ ساخت

ميرڪرم‌عليخان، ١٥ سال سنڌ تي راڄ ڪري ١٢- جماديالثاني ١٢٤٤ھ مطابق ١٨٣٨ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس تاريخ هيٺين فقري مان نڪري ٿي.

"بادا بهشتش بارگاه"

## ٢٢١- ملا عبداللطيف بديٽائي

عبداللطيف سرزمين سنڌ جو هڪ وڏو شاعر هو، قيصر تخلص سان مشهور حضرت محي‌الدين عالمگير جي درٻارين مان هو.

Marfat.com

مير قانع لکي ٿو تہ: قيصر هڪ مستعد ۽ قابل ماڻهو هو. ڇهن ڇهن مهينن کان پوءِ پيس جي ٽڏي جو مصلو ڪڻي سلطان عالمگير ڏانهن ويندو هو، جتان کيس ڪافي انعام ملندو هو ۽ عيال جو ان مان گذران ڪندو هو. هڪ دفعي بادشاه جي حضور ۾ هي شعر پڙهيائين:

سلطنت ختم ست بر تو چون نبوت بر نبي
بادشاهی بر تو تنها چون خدائی بر خدا

بادشاه شريعت جو سخت پابند هو. جنهن ڪري مٿئين قسم جي شاعري جنهن ۾ حد کان وڌيڪ مبالغو هجي کيس پسند نہ هو. بادشاه کي مٿئين شعر تي ڏاڍو غصو آيو ۽ حڪم فرمايائين تہ ملا قيصر لاءِ روزينو ٺٽي جي حڪومت تي مقرر ڪيو وڃي تہ جيئن ملا آئينده سفر جي مصيبت کان ڇوٽڪارو لهي، سنڌ ۾ رهيو پيو هجي. ۽ هيڏانهن اچڻ جي تڪليف نہ ڪري. هي هو بادشاه جو غصو، پر شفقت سندس لاءِ ڪهڙي نموني جي هوندي. (مقالات الشعراء)

ملا قيصر جي شاعرانہ طبيعت ڏاڍي سخي هئي. هن "ديوان قيصر" پنهنجو يادگار ڇڏيو آهي. بختيار خان خواجہ سراء جي مدح ۾ فرمائي ٿو:

هر کہ خواهد مدد از بخت و نصيب از دوران
گو نهند سر بر در دولت بختاور خان
(تذکره فرحت الناظرين)

بختاور خان پنهنجي ڪتاب "ده سالہ عالمگيري" ۾ ملا قيصر جو ذکر ڪيو آهي، کيس ٺٽي جو رهاڪو لکيو آهي. مگر مير قانع مقالات ۾ لکي ٿو تہ سنڌ وارن کي هندستان ۾ گهڻو ڪري ٺٽي ڪري ليکيندا آهن. تنهن ڪري بختاور خان ملا قيصر بديڻي کي

Marfat.com

"ده سالہ" ۾ثنوي ڪري لکيو آهي. نہ تہ دراصل هو بدين جو رهاڪو آهي. تاريخ وفات معلوم نہ ٿي سگهي. مگر سندس حالات مان ظاهر آهي تہ هو ١٢ صدي هجري جو سنڌي شاعر هو.

## ٢٢٢- مير زين‌العابدين ٺٽوي

سيد زين العابدين عرف مير لطف الله ولد مير بزرگ. ٺٽي جي سيد علي شيرازي جي اولاد مان هڪ وڏو صاحب ڪمال ۽ مرجع جميع خصال، پنهنجي وقت ۾ ٺٽي جي ماڻهن ۾ هڪ وڏو معتمد، اهل علم ۽ فضيلت جو مالڪ هو، ٺٽي جا حاڪم سندس بيحد تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هوا. شهر جا سمورا ماڻهو هن جي فيض ۽ صحبت مان فائدا حاصل ڪندا هوا. علم جي استعداد بہ تمام گهڻو هوس. سندس ڪيترائي ڪتاب مشهور آهن. حرزالبشر هڪ عربي رسالو ۽ "ديوان قانع" هن جا يادگار آهن. شعر ۾ قانع تخلص ڪندو هو. ملا حسن ڪاشي ايراني جي ترڪيب بند جو جواب ڏاڍو سهڻو لکيو اٿس. (مقالات شعراء)

مير علي شير قانع لکي ٿو تہ سندس هي هڪ شعر هزار شعرن جي برابر آهي جو هيٺ درج ڪجي ٿو:

دوات چين چشم غزالان کم سياهي شد
مگر مجنون بليلى باز انشاكرد مكتوبي

مير موصوف سال ١١٣٢ هہ ۾ وفات فرمائي "رضو عنه" مان سال تاريخ ڪڍيو ويو.
١١٣٢ هہ

Marfat.com

# ٢٢٣- خليفو زين العابدين ٺٽوي

صديقي نسب مان سنڌ ۾ قادري طريقي جي خليفن جي خاندان مان هڪ وڏو بزرگ گوشه نشين رهندو ايندو هو. جاء جو دروازو هميشه بند رهندو هوس جيڪڏهن ڪو ماڻهو از خود ڪيس ڪجهه سوکڙيون يا نذرانو پهچائيندو هو ته وٺندو هو.

ان قسم جي ماڻهو جي آمد جو پتو ڪيس باطن جي صفائي سان پوندو هو، جنهن لاء آئي دروازو کوليندو هو. بي صورت ۾ سوال لاء ڪٿي به هٿ ڊگهو ڪونه ڪيو هوائين. ڪڏهن ڪڏهن فارسي ۾ ڪلام موزون ڪندو هو. فرمائي ٿو ته:

چه بردارد ز دریا نوک عصفور
چه نسبت درمیان اعمی ودر نور
نتابد پر تو خورشید خفاش
ندارد سر معنی طبع او باش
هم از تو باشم از تقصیر کردم
بعصیان برگنه تو فیر کردم
توئی آمرزگاري هر گناهی
صلاح کار هر حالت تباهی

هن اهل الله بزرگ سال ١١٤٨ ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪري هميشه لاء هن دنيا جو دروازو بند ڪري ويو. (مقالات الشعراء)

Marfat.com

# ٢٢٤- مير حيدرالدين ٺٽوي

مير حيدرالدين ابوتراب تخلص ڪامل، ولد مير رضي‌الدين تخلص فدائي بزرگ پنهنجي تخلص ڪامل وانگي سورين ڪماليتن جو مالڪ هو. ۽ اهل ڪمال سندس خدمت ۾ ڪمالات حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا رهندا هوا. دنيا کي ترڪ ڪري فقيرانه زندگي اختيار ڪئي هوائين. سموري حياتي شادي ۽ اهل عيال جي گمسان ۾ ڦاسڻ کان سواءِ مجرد گذاريندو رهيو. هنکي اگرچه گذران جي ڪابه گهٽتي ڪانه هوندي هئي. مگر ان هوندي به امير طبقي جا ماڻهو، جيئن ته نواب مهابت خان تخلص ڪاظم (متوفي ١١٣٥ ھ) منتون ڪري سندس خدمت ۾ نذر نياز پهچائيندا هوا مگر گهٽو ڪري قبول نه ڪندو هو. گوشه نشيني ۾ گذاريندو هو.

جيڪو به سندس صحبت ۾ ايندو هو، سو گهڻو ڪجهه پرائي اٿندو هو. قال الله و قال الرسول کان سواءِ سندس گفتگو خالي نه هوندي هئي.

مير علي شير قانع ٺٽوي ۽ محمد پناهه رجا ٺٽوي سندس مشهور شاگردن مان آهن. سنڌي، هندي ۽ فارسي جو بهترين شاعر هو. سندس متفرق شعرن جو هڪ وڏو ڪتاب جمع ٿي ويو هو، جنهن کي سندس ارشاد موجب ميان محمد پناهه رجا مرتب ڪندو رهيو. فرمائي ٿو:

نگاهش ساغر مل ميتوان گفت
صراحي گفت قلقل مي توان گفت
شهادت جنت از دوزخ برآرد
چراغ گشته گل مي تواند گفت

Marfat.com

## ايضا

قانع بخانہ دست بهر خان مکش مکش
یکنان بس است منت دو نان مکش مکش
ایماشناس نرگس بیمار یار باش
با درد ساز منت درد مان مکش مکش

هندي شعرن جو نمونو ڏسو:

لبوں دلبر کے میرے قتل پر بیڑا اٹھایا ہے
خدایاں خون سوں میرے تو اسکو سرخرو کرنا

بيا به هندي ۾ هزارين شعر زبان زد عام هوا. سندس شعرن جي ديوان کي محمد پناهه رجا اچا پوري طرح جمع نه ڪيو هو ته پاڻ سال ١١٦٤ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. مير قانع "ان للمتقين جنت" جي فقري مان سال تاريخ جو ڪڍيو آهي.

(مقالات الشعراء)

## ٢٢٥- حڪيم حبيب الله بڪري

حبيب الله بن خواجه ابراهيم بڪري شاگرد حڪيم محمد بڪري اهو شاگرد حڪيم عبدالڪريم رضوي بڪري (ملازم ميان نور محمد ڪلهوڙو) اهو شاگرد سيد حڪيم عبدالفتاح نمڪين دهلوي.

حڪيم حبيب الله هڪ مصنف ۽ شاعر عالم هو. سندس تصنيفات مان (١) رساله در نبض (٢) دلائل البول (اهي ٻئي رسالا منظوم آهن) - (٣) دافع الامراض و شفاء الاعواض (٤) شجره منظومه مشائخان قادريه (٥) رساله در علم تصوف.

Marfat.com

از نبي و علي نژادش دان
وز حسين و بتول اصلش خوان
بود از اولاد حيدر هروي
زاد شد اولاً به متعلوي
سال نهصد و چهل چهار دگر
بود از هجرت شفيع بشر
چونکه سي ودو و هزار گذشت
شد لقائش نصيب و وصاش گشت
شهر ذي قعد هفتين از ماه
شب يکشنبه آن خدا آگاه
وقت شام از جهان برضوان رفت
قد بلغ قد باغ ز جانها رفت
سال تاريخ رحلتش از ره ابجد
جز بلغ نيست در حساب خرد
رحمت حق برو و مريدانش
وز خدا باد عفو غفرانش

هن بزرگ جا حالات، مقالات ۽ ڪشف ڪرامتن جا بيان تمام ڊگها آهن. جن کي سندس ملفوظات "بيان‌العارفين" ۾ تفصيل سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

(ماخوذ از بيان‌العارفين از علامه محمد دائود پوٽه)

سندس مقبري تي جڏهن گنبذ تيار ٿيو، تڏهن ٺٽي جي مشهور عالم فاضل مخدوم محمد صادق هيٺين مصرعه مان تاريخ ڪڍي
"چه درگه کريمست مجلائي حق"
(مقالات) ۱۱٦٦

Marfat.com

ساڳي ريت شيخ طاهر جو والد شيخ يوسف سنڌي پٽ آهي
رڪن‌الدين جو. باقي نسب‌نامہ تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي.
(تذڪره گلزار الابرار)

هنن بزرگن جي وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. مگر
حالات مان ظاهر آهي. هو ڏهين صدي هجري جا آهن.

# ٢٢٨- مخدوم عباس پاٽائي

عباس بن جلال صديقي، پاٽائي پاٽ جي شهر ۾ ڄائو ۽ آتي ئي
علم حاصل ڪيائين ۽ وڏو ٿيو. مگر پوءِ ڪن سببن ڪري تقدير جي
حڪم موجب ٩٤٧ھ ۾ پاٽ مان لڏي هگورجن ۾ اچي رهيو (جنهن
ڪري تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪيس مخدوم عباس هگورجو سڏيو ويندو
آهي) ورهين تائين درس جو هنگامو جاري رکيائين. هزارين وڏا وڏا
عالم وتاڏونس فيض حاصل ڪري ويا.

حڪيم عثمان بوبڪاني ۽ قاضي عبدالسلام سنڌي برهانپوري
سندس شاگردن مان هوا. قاضي جو چوڻ آهي تہ دين ديانت، دانش،
بينش، طبيعت ۾ نرمي، ميلاب وقت گرمي، اِهي سڀ وصفون مخدوم
صاحب جي سرشت ۾ داخل هيون. ننڍپڻ‌کان وٺي ويندي وفات تائين
ڪنهن بہ ماڻهو کان ڪوبہ سوال نہ ڪيائين.

(تذڪره گلزار ابرار)

مير معصوم فرمائي ٿو تہ مخدوم عباس تفسير، حديث، فقہ ۽
باقي ٻين علومن ۾ وڏي مهارت جو مالڪ هو. هر هڪ مسئلي تي
تحقيق ۽ تدقيق تمام زبردست نموني ۾ ڪيل هوس. زهد ۽
پرهيزگاري ۾ جهڙس ڪونہ هو. رات ڏينهن جدا جدا عبادتن ۽

Marfat.com

ابراهيم سنڌي جي قبرستان ۾ برهانپور ۾ دفن ڪيو ويو. هو ظاهر ۾ قيدي پر معنيٰ ۾ آزاد هو. ”روضہ اش بزمگاہ رضوان باد“

(تذڪره گلزار ابرار)

## ٢٣٠- مولانا يونس سنڌي

قوم جو لاکو، سنڌ ۾ علومن جي تحصيل ڪرڻ کان پوءِ برهانپور هليو ويو. هو ايڏو وڏو عالم هو، جو شيخ وجيهه‌الدين علوي احمد آبادي ———— ۽ قاضي عيسيٰ احمد آبادي جي برابر علمن ۾ دستگاهه ۽ پهچ هوس.

ڏهين صدي جا وڏا وڏا عالم سندس شاگرد آهن، جيئن ته شيخ نظام‌الدين ابن ڪبير ———— ملا طيب سنڌي، قاضي ———— سيد ابراهيم بکري ————، قاضي ————

## ٢٣١- قاضي قاضن سيوستاني

قاضن بن قاضي ابو سعيد بن زين‌الدين بکري. قاضي قاضن جدا جدا علمن جو وڏو عالم هو. قرآن جو حافظ ۽ علم قرات جو وڏو ماهر هو. حديث، تفسير، فقه، تصوف ۽ عمليات يا عزيمت جي علمن ۾ وڏو دخل هوس. انشا پردازي ۽ علم حساب ۾ جهڙس ڪونه هو.

(معصومي)

هن بزرگ جام فيروز سمه حاڪم سنڌ ۽ مرزا شاهه بيگ ارغون ۽ مرزا شاهه حسن ۽ سلطان محمود بکري سان گڏ گذاريو.

Marfat.com

ڏاڍي ايمانداري سان شرعي فتوي ڏيندو هو. ماڻهو سندس امانت داري جي بيحد واکاڻ ڪندا هوا.    (معصومي)

سيد ميران محمد جونپوري (وفات ٩١٠هه) جي مهدي هجڻ جي دعوي سان سنڌ ۾ ڄام فيروز جي حڪومت واري زماني ۾ سنڌ ۾ اچي رهيو هو. قاضي قاضن سندس مريد ٿي، تصوف جي علم عمل ۾ وڏو درجو حاصل ڪيو هو. سنڌ جا ظاهري عالم سيد محمد جي مهدويت واري دعوي جا سخت مخالف هوا، تنهن ڪري قاضي صاحب تي به هو گمراهه هجڻ جو طعن ڪندا هوا. مگر هو پنهنجي ارادي تي آخر تائين قائم رهيو.

سيد محمد غوثي لکي ٿو ته قاضي قاضن ظاهري علمن کان دل کڻي چڪو هو. اخلاق جي تبديل ڪرڻ سان هن دنيا جي گهجهارت کي حل ڪرڻ ۾ لڳل هو. نفس جي لڙائي سان انهيءَ گهجهارت کي حل ڪري ورتو هوائين. شين جون حقيقتون ڪيس ظاهري اکين سان صاف ڏسڻ ۾ آيون، هت سندس خيالات کي پيش ڪجي ٿو. جي سنڌي زبان ۾ هن لکيون آهن. پوءِ هيٺين بيتن جو فارسي ۾ ترجمو ڏئي عذر ڪيو اٿس ته اصل ڪلام جي نزاڪت انهيءَ زبان ۾ قائم رهي ٿي، جا ترجمه سان ادا نه ٿي سگهندي آهي.    (تذڪره گلزار ابرار)

شيخ ابراهيم ولد عمر سنڌي، قاضي جي ارادتمند دوستن مان هو. جنهن جو مقبرو برهانپور ۾ آهي.

ڪنز قدوري ڪافيا ڪوهه نه پڙهيوم
سو پارٺي پيو ڪو، جنان پرين لڌوم
لوڪان نحو، صرف، مون مطالعه سپرين
سو ٺي پڙهيو سو پڙهان، سو ٺي سو حرف
(بيان العارفين)

Marfat.com

قاضي قاضن پيدايش جي زماني ۾ بکر جي قضا کان استعفا ڏيئي ياد خدا ۾ مشغول رهيو. سندس جاء تي سندس ڀاءُ نصرالله قاضي مقرر ٿيو. قاضي قاضن سن ٩٥٨ ھ ۾ وفات فرمائي.

# ٢٣٢- سيد صفائي بکري

شيخ الاسلام سيد صفائي بن سيد مرتضي ترمذي شه بيگ جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ بکر ۾ اچي رهيو. علم عمل جو مالڪ، زماني جي عالمن ۾ وڏو عالم ۽ فاضلن ۾ وڏو فاضل هو. هن جون عادتون ۽ اخلاق ساراهيل هوندا هوا. هن جي شرافت ۽ سيادت بيان کان ٻاهر آهي. هميشه عالمن سان سندس صحبتون رهنديون هيون ۽ صبح درسترخوان تان مسافر ۽ محتاج ڪاڌو کائيندا رهندا هوا.

بکر جي شيخ الاسلام شاه قطب الدين جي وفات کان پوءِ مرزا شاه حسن ارغون، شيخ الاسلامي جو منصب، سلطان محمود حاڪم بکر جي مشوري سان سيد صفائي کي مليو، انهيءَ حالت ۾ ذي قعد مهيني سن ٩٩١ ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري بقا واري دنيا ڏانهن روانو ٿي ويو.

سندس مشهور گرامي فرزند سيد محمد معصوم نامي بکري تاريخ وفات تي هيٺيون قطعو لکيو آهي.

شاه قريشي لقب صفائي
کافراخت فلک تواي نورش
ناگاه ازين جهان شد سير
افتاد بہ آن جهان سرورش

Marfat.com

انهي جنگ ۾ مرزا شه بيگ جو پاڻيڻو ابو محمد مرزا شهيد ٿي ويو، مگر پوء سنڌين جي فوج سواء ڪنهن نتيجي جي ٺٺ موٽي آئي.

ڄام نندہ جي وفات ڪان پوء ڄام فيروز تخت تي ويٺو مگر حڪومت جا سمورا اختيار دريا خان جي هٿ ۾ هوا، جنهن ڪري هو ڏاڍو تنگ ٿي پيو هو. لاچار ٿي پنهنجي والدہ نالي مدينه ماڇاڻي کي مرزا شه بيگ ڏانهن روانو ڪيائين ته اسانکي دريا خان ڪان اچي بچائي، شه بيگ سنڌن داد رسي لاء وڏي فوج ڪاهي سنڌ مان باغبان، سيوهڻ، فتح ڪندي اچي ٺٺ جي ٻاهران پهتو. دريا خان، ڄام فيروز کي چيو ته هي مصيبت منهن جي لاء نه آندي اٿئي پر پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو اٿئي. ڄام فيروز هن جي نصيحت کي نه ٻڌو. آرام سان گهر ۾ ويٺو رهيو. آخر دريا خان مقابلو ڪندي قتل ٿي ويو. سواء ڪنهن تڪليف جي مغلن جو ٺٽي تي قبضو ٿي ويو.

مرزا شه بيگ هيترو سو ڪيو جو سيوهڻ ڪان هيٺيون حصو ڄام فيروز جي حوالي ڪيو ۽ سيوهڻ ڪان مٿي پنهنجي قبضي ۾ ڪري بکر ۾ سلطان محمود کي مقرر ڪري پاڻ وري سيوي واپس ويو.

ڄام صلاح‌الدين ڄام فيروز جو ڇاڇو جو دريا خان هٿان شڪست کائي گجرات ڏانهن هليو ويو، تنهن کي جڏهن سڌ پئي ته فيروز بيڪار ٿي چڪو آهي ۽ دريا خان قتل ٿي ويو آهي. اهو وڏو ڪٽڪ ڪاهي ٺٽو ۽ سنڌ جي فتح ڪرڻ لاء وڌيو. ڄام فيروز مرزا شه بيگ ڏانهن قاصد موڪلي امداد گهري.

شه بيگ ۹۲۷ ھ ۾ پنهنجي فرزند مرزا شاه حسن بيگ کي سنڌ روانو ڪيو. مرزا شاه حسن جو ڄام صلاح الدين ۽ گجراتي فوج سان سخت مقابلو ٿي گذريو، جنهن ۾ ڄام صلاح‌الدين جو پٽ ۽ پاڻ ٻئي قتل ٿي ويا. باقي فوج ٽڙي پکڙي گجرات ڏانهن هلي وئي.

Marfat.com

# قطعہ تاريخ از مفتي سرور لاهوري

چون بتقدير خدائي ذوالجلال
گشت راهي سوئي جنت شاہ بيگ
سال تاريخ وفاتش از خرد
شد عيان، سلطان بدولت شاہ بيگ

٩٣٠ ھ

هت تاريخ وفات ٩٣٠ ڏيکاريل آهي ۽ مير معصوم بکري ٩٢٨ ڄاڻائيندي فقره "شهر شعبان" مان سال تاريخ ڪڍيو آهي. ٽن سالن کان پوء مرزا شہ بيگ جي لاش کي مڪہ معظمہ موڪلي جنت المعلي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. اهي ٣ سال بکر ۾ لاش امانت رکيل هو.

## ٢٣٤- مخدوم بايزيد هالائي

مخدوم بايزيد بن مخدوم عربي آيانو هالائي. هن ظاهري ۽ باطني علم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيو. هو سدي رستہ تي صداقت هميشہ قائدي ڏيئي ۾ مستقيم رهيو. ڪيترن طالبن کانئنس فائدو پرايو.

(تحفت الڪرام)

سنڌ جي فتح ڪرڻ لاء جڏهن مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ ۾ آيو هو تہ واپس ٿيڻ وقت برهانپور ۾ شيخ عيسيٰ سنڌي، مسيح الاولياء سان بيان ڪيائين تہ صوبہ ٺٽہ جي فتح واري زماني ۾ آءٌ مخدوم بايزيد جي خانقاہ ۾ ويو هوس، اُتي درويشن جي هڪ جماعت ڏٺم، جن جا همت تہ ظاهري ڪم ڪار ۾ رڌل هوا، مگر هنن جون زبانون

Marfat.com

قرآن جي تلاوت ۽ ذڪرالاهي ۾ مشغول هيون ، سندن قلب نفساني خطرات جي دور ڪرڻ ۾ رڌل هوا، مان سندن سڳوري صحبت مان گهڻون ڪجهه فائدو پرايو ۽ اندر جو سوجهرو حاصل ڪيو.
(تذڪره ابرارگلزار)

مرزا عبدالرحيم خان خانان سنه ۾ ٩٩٨ کان ٩٩٩ تائين هو، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ، هن بزرگ جي وفات يارهين صدي جي اوائل ۾ ٿي هوندي.

## ٢٣٥- مير لطف الله سيوستاني

لکياري ساداتن مان شاهه صدرالدين لکعلوي جي اولاد مان نامور بزرگ ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي علم ۽ قابليت ڪري ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ پهريان سنڌ پاران دهلي دربار ۾ سفير ٿي رهيو ۽ ان کان پوءِ ميان نور محمد والي سنڌ جو وزير اعظم جي درجي تي پهتو. بخت ۽ دولت واري زماني ۾ ساداتن ۽ علماء جي خدمت ۽ ڪمن ڪارين کي نهايت خوش اسلوبي سان سرانجام ڪندو هو. عام خاص سان سندس سلوڪ ڏاڍو سهڻو رهيو ، جنهن ڪري سنڌ ۽ هند ۾ تمام نيڪ نالو ڇڏيائين. (تحفت الڪرام)

هو جڏهن دهلي مان دوباره ٺٽي ۾ آيو ۽ اچي سرڪاري ڪم ڪار سنڀاليائين، تڏهن سندس دوست ۽ علمي مصاحب محمد ... ٺٽوي هيٺين مصرع مان ٺٽي ۾ آمد جو سال تاريخ لکيو.

ع - ڪردي آباد صوبه ٺهٺ
١١٥٥

Marfat.com

آخر وقت سيوهڻ ۾ اچي رهيو. آتي سرڪاري طرح ماڻهن جا فيصلا ڪندو هو. گويا وقت جو قاضي هو.

(بياض مير صابر علي ٺٽوي)

ٺٽي جو مشهور شاعر محمد پناهه تخلص رجا گهٽي ڇمار سندس نوڪري ۾ رهي انعام اڪرام حاصل ڪندو رهيو ۽ ڏاڍو آبرو سان گذاريائين.

سيد صاحب سن ١١٦٠ ۾ هن دنيا فاني مان وفات فرمائي ۽ سندس تاريخ رحلت تي محمد پناهه رجا، هڪ قطعه لکيو آهي، جنهن جي آخر ۾ آهي ته:

هر ڪه آمد برسر قبرش بتاريخ وفات
رحمت ايزد بجان میر لطف الله گفت

١١٦٠

(تحفت الڪرام)

## ٢٣٦- مولانا عبدالعزيز ابهري محدث

مولانا عبدالعزيز اصل هرات جو رهاڪو، هڪ وڏو عالم فاضل هو. هرات تي ٩١٨ هه ۾ جڏهن ايران جي شيعي بادشاهه اسماعيل صفوي ڪاهيو ته اُن وقت اهل سنت جماعت جي علماء تي ڏاڍو تنگ وقت آيو، ڇاڪاڻ جو بادشاهه جو حڪم هو ته جيڪو ماڻهو شيعه مذهب قبول نه ڪري ته ان کي قتل ڪيو وڃي، جنهن ڪري مولانا عبدالعزيز ابهري ڄام فيروز ولد ڄام نظام الدين جي زماني ۾ سنڌ ۾ هليو آيو ڇاڪاڻ جو فيروز جو والد ڄام نظام الدين پنهنجي علم دوستي ڪري ڏاڍو مشهور هو.

Marfat.com

سيوهڻ جي لڳ ڳاهان جي ڳوٺ ۾ سمن حاڪم جي وزير اعظم دريا خان جي جاگير هئي، جتي مولانا کي سندس ٻن فرزندن (١) اميرالدين ابهري ۽ (٢) محمد ابهري سميت رهايو ويو. هي ٻئي بزرگ عقلي ۽ نقلي علمن جا جامع ۽ ماهر هوا، جنهن ڪري سنڌ وارن وٽانئن تمام گهڻو فيض پرايو.

مير محمد معصوم لکي ٿو ته هرهڪ علم ۾ مولانا عبدالعزيز جون پسنديدہ جهڙيون تصنيفون آهن، جن مان مشڪوات شريف تي سندس حاشيه آهي، مگر پورو نه ٿيل آهي. انجا مسودا منهن جي (ميرمعصوم) جي ڪتب خاني ۾ موجود آهن. (معصومي)

مير قانع لکي ٿو ته ٻين ٻه ڪيترن ڪتابن تي سندس حواشي آهن هرات مان هي رباعي منظوم فرمائي هوائين:

انجائی کہ بناء دین گردد برہم
باشی تو دنی اگر کنی مکنی کم
اینک رہ راست پیش روء عالم
کافر نشوی ملک خدا نبود کم

(مقالات الشعراء)

انهيءَ ڳاهان جي ڳوٺ ۾ هن دنيا جي نسخي ٻڙهڻ کان اکيون ٻوٽيائين ۽ آخرت جي حالات کي مطالعہ ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

اِهو ڏهين صدي هجري جي وچ ڌاري جو واقعو آهي ۽ سندس مقبرو ٻه ڳاهان جي قبرستان ۾ آهي. اهو ڳوٺ هن وقت ٢١ ميل سيوهڻ جي آثر الهندي ۾ آهي جو ڳاهڻ جي ڳوٺ سان مشهور آهي. سندس شاگردن مان محمد انور تخلص انوار قنڌهاري هڪ مشهور شاعر ۽ عالم ٿي گذريو آهي جو سنڌ ۾ پرورش پاتي ۽ ڳاهان ۾ مخدوم

Marfat.com

صاحب وٽ سمورو علم حاصل ڪيو. پوءِ وڃي سلطان ظهيرالدين بابر جو ملازم ٿيو ۽ آخر همايون جي ملازمت ۾ سنڌ ۾ پهتو ۽ حرمين سفر ڪندي وفات ڪري ويو. (مقالات)

## ٢٣٧- سيد عبدالرشيد ٺٽوي

عبدالرشيد بن عبدالغفور حسيني ٺٽوي، پنهنجي وقت جو علامه ۽ سيني علمن جو جامع هو. سلطان شاهجهان جي نالي عربي لغت جو ڪتاب "منتخب‌اللغات" لکيائين جو سموري هندستان ۾ مشهور آهي ۽ بار بار ڇپجي چڪو آهي. فارسي نعت جو ڪتاب به رشيديه سان مشهور آهي. علم مناظره ۾ "رشيديه" رسالہ عربي زبان ۾ داخل درس آهي.

سيد وڏو شاعر هو. هڪ ڊگهي قصيدي ۾ پنهنجي علميت ۽ علومن ڏانهن اشارو ڪيو اٿائون، جنهن مان ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا.

شهر ياري فضلم و شهري معاني جاء من
ميرود در ڪشور دانش ڪنون غوغائي من
هم قلم دارم بدست هم علم دارم بدوش
ڪرد فتح ملڪ معنا خاطرم داناي من
در تفاسير سور ڪشاف سير مشڪم
منزل است اين آية اندر شان استيفاي من
در معاني و بيان مفتاح گنج داشتم
نيست در فن بلاغت هيچڪس همتائي من

Marfat.com

در طـريق نحـويان مصباح راه ظلمتـم
در سبيل صرفيان وافي است استيفاى من
در اصول هند سي تحرير اشكال از من است
در طريق منطقى تام است استقرائى مـن
از طبيعـي واز الهــي بهــره دارم تمــام
نيست محتاج براهين ســوره دعوائى مـن
شيوه سحر حلال از شعر من دارد رواج
شمع جمع شاعران بــاشد يـد بيضائى مـن

قصيدو تمام ڏگهو آهي. هن ۾ جن علمن ۽ ڪتابن جا تلميح طور نالا ونندو ويو آهي تن جو پتو تن کي پئجي سگهندو، جي صاحب علم انهن جا ماهر هوندا.

سلطان شاهجهان کان پوء حضرت عالمگير جڏهن تخت نشين ٿيو، تڏهن جلوس جي تاريخ هيٺين آيت مان حاصل ڪيائين.

”واطيعوالله واطيعوالرسول وا ولي الامر منڪم“

(يعني ته الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اوهان مان جيڪو حڪومت جو مالڪ هجي، انجي به اطاعت ڪريو.)

عالمگير جي زماني ۾ ٺٽي مان دهلي ۾ پهچي آتي وڏو مرتبو حاصل ڪيائين. ٻارهين صدي ۾ وفات ڪري ويو. پوئتان ڪافي اولاد ڪونه ڇڏيائين. سندس پاءُ سيد عبدالرؤف به هڪ وڏو عالم هو. مگر ان کي به اولاد ڪونه ٿيو. رحمهم الله تعالى

(تحفت الڪرام ... ... ...)

Marfat.com

# ٢٣٨- ملا عبدالحڪيم عطا ٺٽوي

اخلاق حسنہ جو جامع ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو مالڪ برابر ٣٠ سال رات جو جاڳندو عبادت ڪندو ۽ ڏينهن جو روزي سان رهيو. عشا جي نماز جو وضو ڪري صبح جو فرض انهي ساڳي وضو سان ادا ڪندو هو. انهن ٽيهن سالن ۾ رسول الله جي نعت ۽ حضرت علي جي مناقب ۾ هڪ لک شعر لکيائين جو عام ماڻهن ۾ قبول پئجي ويو. سندس ڪلام سنڌ مان لنگهي ڪابل تائين پهتو جو ماڻهو سندس ڪلام کي مولود طور پڙهڻ لڳا. سندس غزلن جو هڪ ديوان بہ آهي جو ٽيهہ هزار بيتن کان بہ وڌيڪ آهي. جيئن تہ هڪ هنڌ فرمائي ٿو :

نسخهٔ ابيات ديوانم گذشتہ از سي هزار
ليڪن اين در و گهر نيست اڪنون جوهري

سندس چمار هڪ سئو سالن کان بہ لنگهي وئي. سندس سامهون صفائي، سنڌي، قيصر، بديهي، سلامي ۽ شڪري ٺٽوي هڪ هڪ ٿي فوت ٿي چڪا هوا. جيئن تہ هڪ شعر ۾ فرمائي ٿو :

ڪو صفائي، قيصر و ملا سلامي و شڪري
در گذشتهٔ القصہ هريڪ اختر روشنگري

ملا عطا ٺٽوي، بادشاهہ شاهجهان (تخت نشين ١٠٣٦) جي زماني کان وٺي بادشاهہ محمد شاهہ (تخت نشين ١١٣١) تائين سمورو وقت زنده رهيو.

دهلي مان ٺٽي تي جيڪي بہ حاڪم مقرر ٿي ايندا هوا، سي ملا عطا جي ڏاڍي عزت ڪندا ۽ انعام اڪرام ڏيندا هوا. هو سائو لباس ڍڪيندو هو. سندس اولاد ۾ بہ ڪيترا شاعر ٿي گذريا آهن.

(مقالات الشعراء)

Marfat.com

سن ١٩٦٧ع مطابق ١٣٨٥ هه ماهه رمضان ۾ مونکي ٺٽ جي سيد محمد زمان شاهه مهدوي وٺان عطا ٺٽوي جي قصائد جو هڪ ڪرم خورده نسخو مطالعه لاءِ مليو جنهن ۾ حمد ۽ نعت ۾ سوين قصيدا هوا. بعض بعض قصيدن جا جدا جدا نالا به لکيا اٿس. هڪ قصيده روح الارواح ۾ فرمائي ٿو:

خداوند بحق وحدت تو
به آن مختار صاحب همتاها
حبيب خلق، تاج فرق ابرار
به آل صحب اصحاب تقاها

هڪ قصيده مان معلوم ٿئي ٿو ته هو عبادت زهد سان گڏ قرآن جو حافظ به هو، فرمائي ٿو:

ز دست آويز حفظ خاص قرآن
کنم عرض و غرض هم التجا ها

سموري زندگي رات ڏينهن عبادت ۾ گذارڻ جو احوال هيئين ريت پيش ڪري ٿو:

با کلمه صلوات مرا تاشو اعلي ست
هر شب، شب برات و بهر روز روز عيد
بيدارو خفته در صلوات توام بس است
بي ياد تو مباد مرا گفت هم شنيد
يک لحظه ز عمر معطل نبوده ام
کسب مُفيض داشته ام و پيشه سعيد
توحيد و نعت خاص و صلوات ست منقلبت
نظم و نثر هائي قديم است وهم جديد

Marfat.com

بس نامهائـی تحفہ تحیت رسالہ
گفتم نو شتم آنچہ بطبعم همي رسید

اهو مجموعہ مصنف مرحوم جو دستخط هو، جنهن ني مصنف قصیدن جي جمع ۽ ترتیب جي تاریخ هیٺین ریت لکي آهي:

خجستہ قصائد بتوحید و نعت
مردف و مرتب بطرز نوی
ثمرها طبع دل (۱) .......
بحسن قوانـي ردیـف و روی
خرد سال تاریخ ترتیب او
بگفتا قصائد عطا تتـوي

۱۱۰۹

اگرچہ سندس سال وفات هٿ نہ آیو، مگر معلوم ٿئي ٿو تہ هن بزرگ ۱۲ صدي جي وچ ڌاري وفات ڪئي آهي.

ٺٽي جا سبز پوش سڏائيندڙ عبدالحڪیم عطا سبز پوش جو اولاد آهن.

## ۲۳۹- شیخ محمد سیوستاني

شیخ محمد اصل بغداد جو رهاڪو هو. بغداد جي تباهي (۶۵۲هہ) کان پوءِ سنڌ ۾ هلیو آیو آهي. سیوهڻ ۾ اچي رهیو. شیخ محمد ابن بطوطہ مغربي جڏهن سنڌ ۾ آیو، تڏهن هن بزرگ سان سیوهڻ ۾ اچي

(۱) کرم خورده بود اینجا- ۱۲- وفائي (ڪاغذ اڏوهي کاڌل ۽ اکر غائب هوا "وفائي")

Marfat.com

مامي جي سامهون درس تدريس جو شغل اختيار ڪيائين ۽ صاحب فتويٰ جو بڻيو. سندس شاگردن مان مخدوم احمد ۽ باقر واعظ نامور ٿي گذريا.

سيد نجم الدين مخدوم معين جي تربيت ۾ بهترين شاعري ۾ هڪ بهترين ڪماليت جو مالڪ ٿيو. تخلص "عزلت" اختيار ڪيائين، "ديوان عزلت" سندس يادگار آهي، جو شايد هن وقت زماني جي دستبرد کان محفوظ نه رهيو هجي. سندس هڪ نسخو ١٩٢١ع ۾ راقم الحروف وفائي، حيدرآباد جي مرحوم ڊاڪٽر مرزا مدد علي وٽ ڏٺو هو، مگر ڊاڪٽر جي وفات کان پوءِ انجو پتو ڪونه ٿو پوي.

عربي فارسي ۾ ڪيترين ئي تصنيفون آهن، جن مان يڪروزي منطق جي جواب ۾ سندس هڪ رسالو "يڪروزي" پڻ آهي، جنهن ۾ ڪيترن ئي علمن جو بيان ٿيل آهي، جو موجوده درسي يڪروزي کان وڌو ۽ بهتر آهي. فقط هڪ ڏينهن ۾ لکيل آهي.

طوطي نامه فارسي زبان نخشبي جي طوطي نامه کان عمده عبارت ۾ لکيل آهي. ازانسوءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي هڪ رسالي "عدم جواز ماتم حسين" بابت به سيد عزلت جو هڪ جوابي رسالو آهي ۽ اهو رسالو پيرسائين جهنڊي وارن جي ڪتب خانه ۾ سيد عزلت جي مهر سان، منهنجي نظر مان گذريو.

سندس شعر جو هي نمونو آهي:

معشوق را ز جوهر ناز آفريده اند
عشاق را ز خاڪ نياز آفريده اند

(مقالات)

Marfat.com

سيد عزلت کي حياتي وفا نہ ڪئي. هو نوجواني ۾ ئي وفات ڪري ويو. سندس وفات سال ۱۱٦۰ هہ ۾ ٿي ۽ پوئتان نرينہ اولاد ڇڏي ويو ۽ اهو خاندان اڄ تائين ٺٽہ ۾ بکري جي بجاءِ مهدوي نسبت سان موجود آهي.

## ٢٤٢- ميان عبدالله واعظ ٺٽوي

ميان عبدالله ولد ميان محمد حفيظ، مخدوم ابوالحسن سنڌي واري جو پائيتو ۽ پاڙيچو هو. سندس ئي شاگرد ۽ مريد پڻ هو. هو "ميان موري" جي نالي سان مشهور هو. وڏو صالح ۽ وڏو پرهيزگار، صاحب علم ۽ عمل ۽ خدائي توفيق ۽ ذات جو مالڪ هو.

هن جي وعظ وارين مجلسن مان هزارين عام ۽ خاص ماڻهو فائدو پرائيندا هوا، هن جو ڪلام ڏاڍو اثرائتو ۽ دلين ۾ گهر ڪندڙ هو.

هو جيڪي بہ فرمائيندو هو، ان تي اڳ پاڻ بہ عمل ڪندو هو. هن جو وجود فقط برڪت ئي برڪت هو. هو شعر و شاعري جي ڪوچہ مان نہ لنگهيو هو مگر ان هوندي بہ ٺٽہ جي مشهور بزرگ قاضي محمد يحيٰي جعفري جي تاريخ وفات آيت ذالڪ الفوز الڪبير ۱۱۳۷ مان ڪڍي هوائين.

ميان عبدالله عرف ميان موريو واعظ تمام وڏي ڄمار کي رسي ۱۱٦۷ ۾ هن دنيا فاني مان لاڏائو ڪري هليو ويو.

**فائده:-** اسانجي ڪن معاصرن (۱) ميان موري واعظ کي

(۱) ڏسو سنڌ جي ادبي تاريخ مصنفہ مسٽر محمد صديق ميمڻ حيدرآبادي.

Marfat.com

سنڌي جي مشهور ڪتاب ڪنزالعبرت جو مصنف سمجهي، انجي ڪتاب تي وڏي تنقيد ۽ تبصرو ڪرڻ فرمايو آهي. هوڏانهن ڪنزالعبرت جو مصنف رياست ڪڇ ڀڄ جو رهاڪو نمرئي جي شهر ۾ مدفون آهي ۽ اتي ئي سندس اولاد ۽ هزارين مريد آهن ۽ ميان موري عبدالله واعظ ڪان پوءِ جو بزرگ آهي، ڇاڪاڻ جو ڪنزالعبرت سال ١١٧٥ ۾ لکي پورو ڪيو اٿس. جيئن ته پاڻ لکي ٿو ته:

تحقيق جڏهن تمام ٿيو نسخو سنڌي واهه
تڏهن ڪنزالعبرت سنڌي ۾ رکيم تنهنجو ناءُ
ٿيا هوا اڪاره سؤ ۽ پنجهتر ورهن گذريا
ڪنا هجرت حضرت رسول جي نورالانبياءُ

هوڏانهن مخدوم موريو، مير قانع ٺٽوي جي سامهون سن ١١٦٧ ۾ وفات فرمائي. جيئن ته لکي ٿو:

معمر شده و عنقريب سال شصت و هفت انتقال نمود
(مقالات الشعراء)

اُميد ته هن پڙائي ڪان پوءِ هن تاريخي مسئلي ۾ اشتباهه نه رهندو.

## ٢٤٣- مير رضي الدين محمد ٺٽوي

مير رضي الدين محمد ولد مير ابوالمڪارم شهود امير خاني سادات مان مشهور شاعر ۽ عالم فاضل هو. ڪيترن ئي خانداني فضيلتون ۽ نيڪيون هن جي ذات ۾ جمع ٿيل هيون. شعر ۾ فدائي تخلص ڪندو هو ۽ "ديوان فدائي" سندس يادگار آهي. ان ڪان سواءِ پيا ڪي قصيدا به آهن. سندس هڪ شعر آهي:

Marfat.com

غير خاموشي كسي از درد ما آگاه نيست
آه رابهر عيادت برسر ما راه نيست

مير رضي‌الدين سن ۱۱۲۰ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. مير قانع ٺٽوي هيٺين شعرن مان تهميه طور سندس تاريخ وفات حاصل ڪئي آهي.

بسڪه بفوتش همه ڪردند هي
هي رضي الدين بود سال وے

سندس فرزند مير حيدرالدين ابو تراب ڪامل وقت جو ٿي گذريو آهي. جنهن جو ذڪر سندس جاه تي پڙهڻ گهرجي.

# ۲۴۴- مير محمد عطا ٺٽوي

سيد محمد عطا حسين بن سيد امين الدين خان حسين ولد مير ابوالمڪارم شهود، ٺٽه جي اميرخاني سادات ۾ هڪ وڏي ممتاز مرتبي جو مالڪ، خوبين جو جامع، خوش اخلاق متواضع ۽ با مروت بزرگ هو.

پنهنجي والد ماجد کان ادب فضيلتون تمام گهڻي انداز ۾ گڏ ڪيون هوائين، ڪيترن اميرن جون صحبتون ۽ مجلسون ڏٺيون هوائين جنهن ڪري هن ۾ اڳين بزرگن جون گهڻيون مٺيون ريتون جمع ٿيل هيون. خانداني ورثي جي ڪري شاعرانه طبع جو مالڪ هو ۽ نظم عمده ۽ مرصع لکندو هو.

چون ٿا نوجواني جي زماني ۾ "حياتا" نالي هڪ عورت سان عشق هوس، پنهنجي روح ۽ ساهه وانگي سمجهندو هو. اوچتوئي اوچتو

Marfat.com

آچار هـوا کھٹا، پاپڑ لینے ہے مجھے
سرکا بنا تـو آگے سوئے سلونے اچھے

شعر فارسي

پئـے شکار مـن آن ترکتا ز مي آيد
ز بهـر صيدِ دلـم يـار، باز مي آيد

سيد صاحب مير قانع جو همعصر يعني ٻارهين صدي جي آخر جو ماڻهو آهي. سندس تاريخ وفات معلوم نہ ٿي سگهي. ٺٽي جي سيد مرحوم محمد زمان شاهہ ساقي مهدوي رضوي جي ڪتب خانہ ۾ مير حفيظ علي جو بياض نظر مان گذريو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب جو ڪلهوڙن حاڪمن سان تعلق هو. جيئن تہ ميان نور محمد جي آباد ڪيل شهر شاهپور ۾ وڃي رهندو هو.

هن بياض ۾ علامہ محمد معين ٺٽوي جون ڪجهہ رباعيون درج آهن، جن جي هيٺان لکيل آهي. "ڪتبه فقير حفيظ علي در شاهپور ٧- محرم ١١٧٩". ان کان پوءِ هو صاحب ١١٨٠ ۾ زنده هو. ڇاڪاڻ جو سندس دستخط بياض ۾ هڪ قطعہ تاريخ لکيل آهي، جنهن ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي ديره غازي خان جي علائقہ کي فتح ڪري اچڻ جي مبارڪباد لکيل آهي، ۽ اهو واقعو ١١٨٠ ۾ ٿي گذريو. انهيءَ قطعہ هيٺان لکيل آهي. اين تاريخ ورقعہ بخدمت ميان محمد سرفراز خان صاحبزاده نوشتہ شد. پوءِ خط ۾ ڏيکاريل آهي تہ ذره نواز اهي قطعہ تاريخ مبارڪباد رات جو دل ۾ آيو جو خدمت ۾ موڪلجي ٿو.

Marfat.com

## ٢٤٦- مخدوم عبدالرؤف هالائي

عبدالرئوف بن مخدوم عمر يئي هالائي، سهروردي طريقي جو فقير ۽ سنڌي شاعر ۽ عالم درويش هو. سموري زندگي فقط عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين ۽ پنهنجي وقت جي مشائخن ۾ وڏي عزت وارو هو. هن جون ڪرامتون شمار قطار کان ٻاهر آهن. ميان نور محمد ڪلهوڙو، سندس معتقد ۽ خدمتگذار هو. جنهن ڪري مخدوم صاحب جي اخراجات جو سمورو بار ميان صاحب تي هوندو هو. سن ١١٦٦ ھ ۾ هن دنيا فاني مان انتقال ڪيائين. ميان ابراهيم قاضي زاده هالائي سندس تاريخ وفات "ڪان ولياً رئوف الخلق" جي فقري مان ڪڍي آهي. (تحفت الڪرام)

ميان عبدالرئوف جي ڪيتي ڏان ڏل نه وڻ جي باري ۾ هڪ خط ميان نور محمد (شاهه قلي) جي مهر سان اڄ تائين سندس خاندان ۾ موجود آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته ميان صاحب مخدوم صاحب سان تمام رعايت سان پيش ايندو هو.

مخدوم عبدالرئوف سنڌي زبان جو بهترين شاعر هو. فارسي علم عروض جي نموني تي سڀ کان پهريان هن صاحب ئي نظمون موزون ڪيون آهن، جي مولودن جي صورت ۾ عام طرح مولود خوان ماڻهو پڙهندا آهن. هن صاحب ٻه دفعا حج ڪيو ۽ پوئين حج جي سفر ۾ وفات ڪيائين.

## ٢٤٧- مخدوم عبدالحميد هالائي

عبدالحميد ولد مخدوم فتح الله (متوفي ١٣ صفر ١١٢٤) يئي

Marfat.com

سيد صاحب ان کان پوءِ حضرت مخدوم نوح کي هڪ خط لکيو ۽ کيترين سوکڙيون ۽ هديا موکلي ڏاڍي نياز ۽ تاڪيد سان عرض ڪيائين ته پاڻ ڪنهن به صورت ۾ ٺٽي ۾ تشريف فرمائين. مخدوم صاحب سيد صاحب جي خط کان پوءِ ٻيڙي ۾ سوار ٿي ٺٽي جي ٻاهران پهتا ته سيد صاحب سندن استقبال لاءِ آيو ۽ هن نذر ڪيو هو ته مخدوم صاحب جي آمد وقت ڪجهه قدر پيادل هلندو. مخدوم صاحب ارشاد فرمايو ته نذر پورو ٿيو، تنهن ڪري هاڻ سوار ٿيو. پاڻ ٺٽي ۾ سيد جلال بن سيد علي شيرازي جي هڪ نئين جاءِ ۾ اچي رهيا، جا ڏاڍي خوبصورت ٺاهي وئي هئي ۽ اجان آن ۾ ڪو ماڻهو ئي ڪونه رهيو هو.

جمعه جي ڏينهن هزارن جي اجتماع ۾ سيد علي منبر تي چڙهي ماڻهن کي سمجهايو ته اسان سمورا مخدوم صاحب جا مريد يا معتقد آهيون. اسان کي هڪ ضرورت آهي، جنهن لاءِ مخدوم صاحب کي ٺٽه ۾ اچڻ جي تڪليف ڏني اٿئون. يعني ته مڪلي جي قبرستان ۾ هڪ فقير رهي ٿو. آن وٽ جيڪو صاحبدل يا اهل الله يا ڪو ٻيو فقير وڃي ٿو ته هن کان زوري چونو گهوٽائي ۽ ڪم وٺي ٿو!

حضرت مخدوم صاحب فرمايو ته پوءِ ان ۾ ڇا آهي، ڇاڪاڻ جو ان قسم جا ڪي فقير ٿيندا آهن. سيد صاحب وري عرض ڪيو ته هن وٽ شهر جون زالون به مردن سان گڏ وڃن ٿيون. مخدوم صاحب فرمايو ته ان ۾ ڪهڙو ڏپ آهي. الله جو رستو هٿ ڪرڻ زالن ۽ مردن تي برابر هڪ جهڙو آهي.

سيد علي، اتي گفتگو جو نمونو بدلائي عرض ڪيو ته اهو درويش بدعتي آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن قبله ڏانهن پير ڪري سمهي ٿو ۽ قبله ڏانهن ٿڪون اڇلندو آهي. اها سراسر بدعت آهي.

Marfat.com

هو. پوءِ جيڪو به سامان اسباب هٿيار ۽ زر نقد پرڪي جو موجود هو، سو ڪٺي بادشاهي خزاني ۾ داخل ڪيائون. ان کان پوءِ پرڪي جو پتوئي ڪونه پيو ته ڪيڏانهن ويو ۽ ڪٿي رهيو.

(دليل الذاڪرين)

تحفت الڪرام ۾ مير قانع لکي ٿو ته ”مرزا باقي مخفي شهيد ش ساخت“ يعني مرزا پرڪي کي ڳجهي طرح مارائي ڇڏيو.

بهرحال پرڪيو فقير ڏهين صدي جي رجالن مان آهي ۽ ڏهين صدي ۾ مارجي ويو.

## ٢٤٩- شيخ پرڪيو ڪاتيار

پرڪيو ولد شاهو ڪاتيار. ”ڪاتيار“ قوم جو نالو آهي ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو به آهي جو قديم تاريخ ۾ سماواتي تعلقه ۾ هو ۽ هاڻي ٽنڊو محمد خان تعلقه ۾ آهي.

شيخ پرڪيو شروع زماني ۾ ڏاڍيون زبردست رياضتون ڪيون ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ هڏن جي مٽي بڻجي ويو هو.

چون ٿا ته ١٦ سالن کان پوءِ هڪ دفعي روزو ڪوليو هوائين. سردي جي موسم ۾ هڪ چادر ڍڪي دريا جي ڪناري تي وڃي رات جو غسل ڪري ۽ انهيءَ ڀڳل يا آلي چادر سان نماز پڙهندو [illegible] سموري رات ننڊون غسل ڪندي نمازن ۾ مشغول [illegible] جي موسم ۾ سخت تتي ۽ ڪاڙهي ۾ [illegible] سخت آس [illegible] گذاريندو هو. ايڏي رياضت [illegible] بدن کان چمڙي صفا [illegible] لهي وئي هئي.

Marfat.com

Marfat.com

هن چيو ته جڏهن آءٌ لاالٰہ الاالله جي ذڪر ۾ مشغول ٿيندو آهيان
تڏهن منهنجي لڱو لڱ سامهون مون جهڙو هوبهو پيو ماڻهو بہ ذڪر
ڪندو رهندو آهي. آءٌ هن کي پڌري پٽ ڏسندو رهندو آهيان .

( دليل الذاڪرين )

هن اهل الله جي تاريخ وفات معلوم نہ ٿي سگهي آهي ، مگر
مخدوم صاحب جي مريدن مان هجڻ ڪري ڏهين صدي جي بزرگن ۾
شمار ڪري سگهجي ٿو .

# ۲۵۱- سيد طيب متعلوي

سيد طيب هڪ وڏو عالم ، فاضل ، شريعت جو پابند ۽ صوفي
بزرگ هو. هن خدا شناسي جي رستي ۾ وڏا ڪشالا ڪاٽيا ۽ ڏاڪڙا
ڏٺا ، آخر مخدوم نوح جي صحبت کان پوءِ پنهن جي حقيقي مقصود
کي رسيو.

سندس چوڻ آهي تہ مان وڏي گهراڻي جو سيدزادو هوس، مون
کي ننڍي چمار ۾ ئي اندرئين جذبي ڏاڍين مشڪل ۽ مشقت جهڙن
رياضتن ۽ عبادتن تي آماده ڪيو. ڏينهن جا ڏينهن انساني آبادي کان
پچي وڃي جهنگلي جانورن سان رهيس. ڪاڏي پيتي کي ترڪ ڪري
ڇڏيم. سيني جي صفائي سان معرفت جي منزلن تي درجہ بدرجہ عروج
ڪندو ويس. آخر وڃي چاليهہ ابدالن جي ڪچهري ۽ صحبت کي بہ
پهتس. پانت پانت جي غيبي ڳالهين کان واقفيت حاصل ٿيم ، مگر
اڃان بہ سمجهان پيو ، حضور ذاتي جو درجو نصيب نہ ٿيو آهي ، جو
صفات جي ظهوري کان بلڪل خالي هجي. ان ڪري ڏاڍو نااميد ٿي
پيس ۽ وري پنهنجي وطن ۾ واپس آيس ۽ عبادت گذاري واري رنگ

بيخود عشقم و بــ دختر ُرز
كتخدائي ز مــن نـمـى آيــد
با كسى هست از خدا بيگانه
آشنائــى ز مــن نــمــى آيــد
غرض نــان ست شيوه دونان
اين گدائى ز من نمى آيــد
مائــل حقم در حــق الحـق
د م جدائى ز من نمى آيــد
گــر بهايش كنــى هـمــ دنيا
دين فروشى ز مـن نمى آيــد
بنــد ه فيــض ميــر ذوالاكرام
دين فروشى ز مـن نمى آيــد

سندس غير مكمل ديوان موجود آهي ۽ متفرق قصيدا ۽ منقب
ائمه اطهار ۾ نظمون جدا جدا بياضن ۾ آهن. هن جو سوٽ مي
عظيم‌الدين ٺٽوي سندس هم عصر ميرن جو درباري شاعر آهي. پنهنج
غزلن ۾ ڪٿي ڪٿي مير عظيم‌الدين جي شعرن تي تضمين به ڪري
ٿو ۽ ڪڏهن محسن ٺٽوي جي ڪلام تي به ڏغمين آڻي ٿو، پر باربا
مير ڪرمعلي جو ذڪر ڪندو رهي ٿو.

دهــد از كــرم علــى كــامـش
دل به شكر و زبان به تحسين است

سندس ناقص ديوان ۾ به ٢١٦ غزل آهن، جو هاء جي رديف
تائين آهي. جيڪڏهن ڳولا ڪري ياٺي جي رديف به آن سان ملاءِ
وڃي. جيئن ڪن ........ جو ارادو آهي ۽ سندس قصيدا به جمع ڪ
ويا ته پوءِ تمام گهڻو ڪلام جمع ٿي سگهي ٿو.

هي خوش گو ۽ خانداني شاعر ١٩ ذي‌الحج سن ١٢٧٥ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو ۽ پنهنجي خاندان جي قبرستان مڪلي ۾ دفن ٿيو.

( از مسودات ڪتب خانهٔ سيد صابر علي شاهہ ٺٽوي )

# ٢٥٣- سيد صابر علي ٺٽوي

مير صابر علي ولد مير غلام علي مائل بن مير علي شير قانع، شاعر بن شاعر، بن شاعر هن صاحب ٺٽي جي شهر ۾ آن وقت اکيون کوليون، جڏهن اسلامي حڪومت جو سنڌ ۾ خاتمو ٿي رهيو هو ۽ انگريز راڄ جي شروعات هئي. هن خاندان جي علم ۽ فضل ۽ شاعري سبب سنڌ جا حاڪم پرورش ڪندا هوا، سو دور ختم ٿي چڪو هو. پر اِن هوندي بہ مير صاحب هڪ خانداني شاعر هو ۽ ٺٽي ۾ آن وقت تائين گهڻا خوش گو شاعر موجود هوا، جنهن ڪري هن صاحب فارسي نظم ۾ ڪمال حاصل ڪيو هو. سندس ڪلام جو نمونو ڪجھ هيٺ ڏجي ٿو:

تیری شرہ، ز ابروی کمانی بکمینے
زین تیر کمان نیست امانے بے امینے
مهر توان قرآن کرد بدل هیئت شرف شد
در برج و داد است قرآنے بقرینے
از قرب رقیب بدخو حیرت افزود
زیبا نبود جاء چنانے بے چینے
هر ناوک مژگان خدنگ است بقے صابر
ابرو تو گویا ست کمانے بے کمینے

## ايضا وله

دستت از خون ما نگارين است
دلبرا اين چه رنگ رنگين است
آب حيوان يا دعائى مسيح
يا تحقيق لبش نگارين است
گرچه نرگس به باغ خودبين است
پيش چشم تو ليک نابين است
مه جبين ابر زلف يار فلک
عقد رندان يار پروين است
صابر اينمت خوف روز جزا
چون شفيعت على شه دين است

سندس متفرق ڪلام گڏ ڪيو وڃي تہ پورو ديوان جمع ٿي وڃي.

انگريزن جي اوائل حڪومت ۾ سڀ ڪان پهريان علمي خاندانن کي آئنده گذران جو خيال هو، چاڪاڻ جو اڳين خاندانن کي اسلامي حڪومت پاران يوميه (روزنيا) يا جاگيرون مقرر هيون جي انگريزي حڪومت ۾ سند پيش ڪرڻ کان سواء ختم ٿيڻ واريون هيون. اُنهيءَ بناء مير صابرعلي هڪ پراڻو پروانو جو مرزا عيسي ترخان جي مهر سان وٽن موجود هو، سو سنڌ ڪمشنر مسٽر فريئرصاحب جي پيش ڪيو، جنهن ڪان پوءِ تحقيقات ٿي ۽ سند پٽيداري بحال ٿي ۽ سندس لکپڙهہ جي طفيل، ٺٽي جي ٻين خاندانن جا وظيفا بحال ٿيا.
انگريزن جي شروع زماني ۾ ٻن سالن تائين قديم نموني ۾ سرڪاري لکپڙهہ فارسي ۾ ٿيندي هئي ۽ مير صابرعلي شاهہ جي ڪتب خانہ ۾

انهيءَ بيخبري جي زماني ۾ ڪڏهن نظم لکندو هو، مگر بيخودي جي حالت ۾ جيڪو به شعر چوندو ۽ لکندو هو سو سمجهه ۾ ئي نہ ايندو هو. فقط شعر سندس پڙهڻ ۾ آيو جو هيٺ ڏجي ٿو:

در بيخبري شدم خبردار
خود شده باخدا شدم يار

افسوس هي نوجوان عالم شاعر جنون يا ديوانگي جي حالت ۾ سن ١١٥٤ ۾ هن فاني دنيا مان انتقال فرمائي ويو. مير قانع هيٺين فقري مان سندس سال تاريخ وفات ڪڍي آهي. جعل الجنت مثواه
١١٥٤ هه

# ٢٥٥- فاضل خان ٽتوي

عثمان نالي ٺٽي جي ... جي خاندان مان قوم سميجو. مخدوم معين جي ڏاڏي مخدوم طالب الله جو مريد هو. انهيءَ اعتقاد سبب هن پنهنجي نياڻي مخدوم طالب الله جي فرزند مخدوم محمد امين سان شادي ڪرائي جنهن مان علامہ محمد معين پيدا ٿيو. ان لحاظ سان فاضل خان علامہ معين جو نانو آهي. شروع ۾ مسڪين حال هو، مدرسن ۽ مسجدن ۾ گدائي ۽ فقر جون ٽڪيون يا ماني وٺي تعليم حاصل ڪندو رهيو. هن فارسي لکپڙهہ ۾ وڏي قابليت حاصل ڪئي ۽ انهيءَ پروسي تي هو شاهجهان آباد (دهلي) روانو ٿي ويو، جتي اڳ ۾ ئي سلطان عالمگير جو مير منشي ٺٽي جو رهاڪو قابل خان محمد شفيع موجود هو، اتي هن جو علمي جوهر چمڪندو نظر آيو ۽ سلطان عالمگير جي خدمت ۾ پهچي ويو ۽ شاهي خاندان جو داروغو مقرر ٿيو. آخر پنهنجي علمي قابليت سان ترقي ڪندي قابل خان جي جاء

تي مير منشي مقرر ٿيو. سلطان پاران فاضل خان جو خطاب عطا ٿيس. آخر صدرالصدور جي عهدي تي وڃي پهتو.

چون ٿا ته هڪ ڏينهن قابل خان محمد شفيع مير منشي پنهنجي حڪومت واري اوج جي زماني ۾ رستو ورتيون آيو ٿي ته ملا عثمان متس السلام عليڪم ڪيو، مگر هن صاحب ڪيس سلام جو جواب نه ڏنو. ڪنهن ماڻهو چيس ته تون به ته هن جهڙو لائق ماڻهو آهين، آخر ٿوري وعليڪم السلام چو نه چيائين. جواب ۾ هي بيت ٺهه پهه پڙهيائين:

میکشد آخر عدو را ناگهان تسلیم ما
دست برسر رفته را تیغ کمر فهمیده ایم

هو فارسي انشاپردازي جو بيحد قابل هو، جنهن جا خط سنڌ س زماني ۾ ڏاڍا مشهور هوا. شعر به ڏاڍو سهڻو چولدو هو. فرمائي ٿو ته:

ما از نسیم جنبه گل رنج می شویم
نازک تر از حباب شاسي دماغ ما

سنڌ س وفات سن ۱۰۹٦ هه ۾ ٿي. "رضوان پاه نگاه" مان سن وفات جو حاصل نڪي ٿو.

ملا عبدالحڪيم عطا ٺٽوي هيٺئين مصرع مان تاريخ ڪڍي.

مشعل ملک سند گل شد حیف
۱۰۹٦

ان تاريخي مصرع تي جڏهن فاضل خان جي وارثن ڪيس صله (انعام) نه ڏنو ته غصه ۾ اچي في البديهه هيٺيون فقرو تاريخ لاءِ بيش ڪيائين "کاسه پهکر بشکست" يعني ته پنڻ جو پيالو ڀڃي پيو. ان

فقري ۾ فاضل خان شروعاتي چمار ۾ علم حاصل ڪرڻ وقت گدائي ڪرڻ پڙهڻ ڏانهن اشارو آهي. اگرچه هن فقري مان هڪ سال گهٽ نڪري ٿو، يعني سن ١٠٩٥ مگر اهو معاف آهي.
(مقالات الشعراء)

## ٢٥٦- مولوي محمد جعفر مرزا

اصل شيراز جو رهاڪو ٻارهين صدي هجري جي پهرئين اڌ ۾ ٺٽي ۾ اچي پهتو ۽ آتيئي رهي ويو. علامہ مخدوم محمد معين سان سندس تعلقات پيدا ٿيا ۽ ان ڪان گهڻو ڪجهه علم ۽ فضل پرايائين. مخدوم صاحب کي به هن جي علم ۽ فضيلت جو اندازو معلوم ٿيو، جنهنڪري ٺٽي جي ناظم شيخ شڪرالله جي معرفت مرزا جعفر جو احوال صاحبزاده محمد خداداد خان ولد مياں نور محمد ڪلهوڙي جي خدمت ۾ پهچارايائين، جنهن تي صاحبزاده مرزا کي ڏاڍي عزت سان پاڻ وٽ گهرايو ۽ ورهين جا ورهيه پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائينس. خداداد خان مرزا جعفر جو علم فضل ۽ ڪماليت ڏسي، هن جو عاشق ٿي پيو، جنهن ڪري سندس معتمد عليه بنجي ايڏي اوج ۽ عروج کي پهتو، جنهن ڪان وڌيڪ تصور ڪري نٿو سگهجي.

ڪجهه وقت ڪان پوء صاحبزاده خداداد خان تي شيخ شڪرالله ناظم ٺٽہ جي قتل ڪرائڻ جو الزام لڳايو ويو، جنهن ڪري خداداد خان تي سندس والد ناراض ٿي پيو هو. پيءُ جي ناراضگي ڪان هندستان هليو ويو ۽ مولوي جعفر مرزا ڏولائي ۾ اچي ويو ۽ انهيءَ ڏک ڪان اکين ڪان صفا انڌو ٿي پيو، مگر پوء سنت ٿي اکيون نهرايائين ۽ دنيا جي ديدار ڪان بهره ور ٿيو. ايتري ۾ ميان نور محمد خان جو سڏ آيس

جتي نهايت عزت آبرو سان پهتو. ميان صاحب جي دربار ۾ بيحد مرتبو حاصل ڪيائين. مرزا صاحب علم جفر رمل، عمليات جو وڏو ماهر هو، جنهن ڪري ميان نور محمد جي حڪم سان "جامع جفر" نالي ڪتاب لکڻ شروع ڪيائين، اجا اهو ڪتاب پورو ٿي نه ٿيو هو ته ميان صاحب هن دنيا فاني مان رحلت ڪري ويو. ان کان پوءِ جڏهن ميان مراداياب خان وليعهد گادي تي وينو تڏهن وري مرزا جعفر وٽس ساڳئي مرتبي تي پهتو، جيڪو سندس والد وٽ هو. مگر ڪجهه وقت کان پوءِ ڪي اهڙا سبب پيدا ٿيا، جو ميان صاحب مرزا کان ناراض ٿي پيو ۽ سندس نظرن مان ڪري پيو. مرزا صاحب اها ڳالهه برداشت ڪري نه سگهيو، جنهن ڪري عراق جي زيارتن جي سفر لاءِ اجازت وٺي روانو ٿيو. واٽ ۾ ڪڪراله بندر وٽ رهڻ جو ارادو هوس، مگر اُتي جو چام اجمال سائس چڱي طرح پيش نه آيو، چاڪاڻ جو ڪلهوڙن ۽ چام جو هميشه تڪرار رهندو هو. (مرزا ڪي ڪلهوڙن جو ماڻهو سمجهي چام چڱو برتاءُ نه ڪمو هوندو.) آخر اُتان نا اميد ٿي وري ٺٽي ڏانهن واپس آيو. هن ارادي سان ته ڪراچي جي بندر کان عراق روانو ٿئي. خاص انهيءَ زماني ۾ ميان مراداياب خان به ٺٽي ۾ آيل هو، ۽ چام ڪڪراله سان جنگ ڪرڻ جي تيارين ۾ هو. ڪن حاسدن ميان صاحب جا ڪن ڀريا، هن ارادي سان ته شايد چام سان مرزا جي ڪا ساز باز آهي، جنهن تي ميان صاحب مظلوم مرزا کي ٺٽه ۾ ٻن ڏينهن جي پهچڻ کان پوءِ قتل ڪرائي ڇڏيو. اهو واقعو سن ١١٦٧ هه ۾ ٿي گذريو. مير قانع سندس تاريخ وفات هن مصرع مان ڪڍي آهي. "غريب زدام دنيا گشت آزاد"

(مقالات و تحفت الڪرام جلد دوم)

# ٢٥٧- مخدوم حاجي محمد هاشم ٺٽوي

عالم، عارف، قاري، حاجي، صوفي مولانا مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن محمد قاسم بن خيرالدين.

مخدوم صاحب جو والد بٺوري ۾ رهندو هو، جتي ١٠ ربيع الاول سن ١١٠٤هه حضرت مخدوم صاحب تولد ٿيو. سندس ولادت جي تاريخ هيٺئين عربي فقري مان حاصل ٿئي ٿي. انبت الله نباتا حسنا.

مخدوم صاحب ابتدائي تعليم پنهن جي والد بزرگ وٽ حاصل ڪئي. فقط ڇهن مهينن ۾ قرآن شريف ختم ڪيائين، ۽ پيا ڪجهه ڪتاب پڙهي باقي علم ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم محمد سعيد ۽ مخدوم ضياءُالدين وٽ ختم ڪيائين.

علم حديث جي تحصيل مخدوم محمد معين وٽ ڪيائين. سمورو علم ٩ سالن جي مختصر عرصي ۾ ختم ڪري ورتائين. ان وچ ۾ سندس والد ١١١٣ ۾ وفات فرمائي ويو. مخدوم صاحب بٺوري جي لڳ بهرامپور نالي هڪ ڳوٺ ۾ اچي مدرسه قائم ڪيو، جنهن ڪري ڳوٺ جي پيرن ۽ وڏيرن کي مخدوم صاحب جي نصيحت ۽ پابندي شرع ڏاڍي ڏکي لڳي، انهيءَ اڻ بڻت سبب مخدوم صاحب اُتان هجرت ڪري هميشه لاءِ مستقل طرح ٺٽي ۾ اچي رهيو. مخدوم صاحب ٺٽي ۾ علمي مدرسو فيض ڏيڻ لاءِ جاري ڪيو، جنهن ڪري سوين طالب علم سندس درس ۾ اچي شريڪ ٿيا ۽ سندس علمي شهرت دوردراز ملڪن ۾ پهچڻ لڳي ۽ پري پري جا شاگرد سندس درس ۾ اچي شامل ٿيا.

مخدوم صاحب ١١٣٥ هجري ۾ حج جي ارادي سان حرمين شريفين روانا ٿيا. حج جي عبادت سان گڏ مڪي ۽ مديني جي وڏن وڏن

علمائن کان حديث ۽ تصوف جون اجازتون ۽ سندون حاصل ڪيائون. جيئن ته شيخ عبدالقادر صديقي مالڪي ۽ شيخ عبد بن علي مصري ۽ شيخ ابوطاهر مدني ۽ شيخ عبد علي بن عبدالملڪ دراوي کان فائدا حاصل ڪيائون، جنهن جو مفصل ذڪر ڪتاب "اتحاف الاڪابر في مسانيد شيخ عبدالقادر" ۾ فرمايو اٿن. مخدوم صاحب کي مدينه شريف جي رهڻ واري زماني ۾ جمعرات ۹ رجب ۱۱۳۶ ۾ حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو، جنهن جو ذڪر پنهنجي بعض تصانيف جي حاشيه ۾ ڪيو آهي ۽ پنهنجي دستخط سان اها يادداشت لکي ڇڏي آهي.

حج جي سفر تان موٽندي بندر سورت جي مشهور عالم عارف صوفي سيد مير سعدالله سورتي جي بيعت ڪيائين، جو هڪ وڏو عالم ۽ وقت جو ڪامل بزرگ هو ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي به سندس معتقدن مان هو. مخدوم صاحب ٻن سالن جي سفر کان پوءِ خيريت سان صفر سال ۱۱۳۷ ۾ ٺٽي ۾ اچي وارد ٿيو. حرمين جي سفر کان پوءِ هڪ نئون رنگ حاصل ڪري واپس ٿيو هو. علم حديث جو شغل اڳي کان وڌيڪ جاري رکيو ويو ۽ بدعات جي انڪار ۽ بيخ ڪني تي وڌيڪ زور ڏيڻ لڳو. ان ۾ ٺٽي ۾ بين بدعتن سان گڏ شيعي مذهب جو به زور هو. مخدوم صاحب تابوت سازي ۽ محرم جي ماتم ڪي روڪڻ ۽ زالن کي قبرن تي وڃڻ واري بدعت کي روڪڻ تي ڏاڍو زور ڏنو، جنهن ۾ گهڻي حد تائين ڪامياب ٿيو.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙو حاڪم سنڌ جو مخدوم صاحب جي معتقدن مان هو. تنهن کان مخدوم صاحب ٺٽي جي بدعات بند ڪرائڻ لاءِ هڪ سرڪاري پروانو حاصل ڪيو، جو بعينه هيٺ ڏجي ٿو:

عمال وکار پردازن حال و استقبال متعلقہ این جانب بدانند کہ حسب مرقوم جناب مخدوم محمد هاشم درباب اجرا و ترویج، مقدمات اسلام و منع ماتم و تابوت وغیره بدعات ایام عاشورا و منع شُرب جمیع مسکرات و قمار بازي ولولي بازي و زنان فاحشات و مخنثین و منع رفتن زنان مسلمین در مقابر و کوهستان و باغات و منع زنان مردان از نیاحت در وقت تعزیت و منع مصورین از صور ذوالارواح و منع هنود از هرهنہ کردن رانوها در بازار و کوچها و دکانها. و منع مسلمین از گرفتن لحیه قبل‌القبضه روکشیدن خط ریش وگذاشتن سبلت، و منع هنود از هولي و بهگت و سرود مزامیر و دهول نواقیس و سجده پیش اصنام و پیش دریا بطریق علانیه زجر و توبیخ شدید نموده قدغن بلیغ نمایند کہ از رعایا متعرض و مرتکب حرمات و بدعات نشده متنبهہ گردد و نیز مسلمانان را در باب صلوات و صیام و دیگر عبادات مالیہ و جانیہ تاکید اکید بعمل آ رند کہ احدي ارتکاب شرک آن نہ نمایند. درین باب تاکید اکید دانستہ حسب‌السطور بعمل آ رند و باب بداهنت بر ذمہ خود دانستہ تخلف نہ ورزند.

تحریر تاریخ ٢- شهر شعبان سن ١١٧٢ هـ.

هن سرڪاري حڪم نامي جي پهچڻ کان پوءِ نتي مان محرم جون بدعتون ۽ بيون بچڙايون ۽ غيرشرعي ڪم گهٽي حد تائين ختم ٿي ويا ۽ ان جي برخلاف ڪن ماڻهن ڪوشش ورتي ۽ ميان غلام‌شاهہ کي برغلائڻ گهريو، مگر نتيجو ان جي برعڪس نڪتو، يعني تہ

مرگهوڻي ميان غلام شاهه مخدوم صاحب کي قاضي القضاة جو عهدو ڏني، مخالفن جي طاقت کي ختم ڪري ڇڏيو.
(حيات محمد هاشم دستخط ميان غلام محمد ٺٽوي [١])

مخدوم صاحب سان سندس معاصرين مان مخدوم محمد قائم ۽ علامه محمد معين سان سوال جواب هليا آهن. خصوصاً علامه معين سان محرم جي ماتم تي ۽ سيني صحابين تي حضرت علي جي فضيلت ۽ ڏاڙهي کي مُٺ کان گهٽ رکڻ تي رسالن جي صورت ۾ رد ڪد ٿيا آهن. يعني ته علامه محمد معين انهن شين جو قائل هو ۽ مخدوم صاحب مخالف هو. ان باب ۾ ٻنهي جا رسالا موجود آهن. مير قانع لکي ٿو ته مخدوم معين هڪ رباعي ۾ لکي. يعني ته :

اي واعظ خوش ڪلام شيرين پيغام
ممبر سواد گير گون ڪن تمام
باروی سيه خاک بسر فاش بگو
در تعزيت حسين صبر است حرام

مخدوم محمد هاشم ان جي جواب ۾ هيٺين رباعي فرمائي :

اي عاشق صادق محب خوش نام
در تعزيت حسين کن خو نه مدام
بانحوز دلت اشک همريز ز چشم
ليکن نه دهی را ز مخبت بعوام
(مقالات)

---

[١] اهو صاحب مخدوم صاحب جي اولاد مان آهي.

مخدوم صاحب جي زماني ۾ شريعت جي حڪمن بيحد رواج ورتو ۽ هن جو حڪم مسلمان ڪان سواءِ غيرمسلمن تي بہ هلندو هو. هن جي هٿ تي هزارين غيرمسلمان اسلام تي آيا. وقت جي بادشاهن مان نادر شاهہ ۽ احمد شاهہ ابدالي سان سندس لکپڙهہ هئي ۽ بادشاهہ بہ سندس خواهشن موجب دين جي حڪمن جاري ڪرائڻ ۾ پوري پوري امداد ڪندا رهندا هوا. دين جو وجود غنيمت هو ۽ هر علم ۾ سندس تصنيفون آهن. (تحفت الڪرام)

مخدوم صاحب جي پوٽي ميان غلام محمد ڪل ننڍن وڏن ١٥٠ ڪتابن جا نالا ڏيڪاريا آهن، جي مخدوم صاحب جا تصنيف ٿيل آهن. سنڌي، فارسي ۽ عربي ٽنهي زبانن ۾ سندس تصنيف آهي، جن مان ڪن ٿورن جا نالا ڏجن ٿا.

بياض هاشمي (فقہ) تفسير پاره تبارڪ (عربي) تفسير پاره عم (سنڌي نظم) جنت النعيم في فضائل قرآن الڪريم. الشفا في مسئلہ الراء. اللولؤالمڪنون في مد السڪون. تحفة القاري. رسالہ في وجوه قراء تہ وان من اهل الڪتاب. حياة القاري باطراف البخاري. اتحاف الاڪابر في مرويات الشيخ عبدالقادر. نورالبصائر و غاية النيل في اختصار الاتحاف الذيل ـ الرحيق المختوم في وصل اسانيد العلوم. غنية الظريف بجمع المرويات والتصانيف. نظم الجواهر بذيل اتحان الاڪابر. نورالعينين. بذل القوي. فتح القوي في نسب النبي. وسيلة الفقير الي اسماء البشير والنذير. روضةالصفا في اسماء المصطفي. نديقةالوصول الي احباب الرسول. وسيلة القبول في حضرت الرسول. مظهرالانوار ـ حياة الصائمين. رشف الزلال في تحقيق في الزوال. فيض الغني في تقدير صاع النبي. تصحيح المدرڪ و تهذيب الڪلام. فرائض الاسلام. فتح الڪلام في اسقاط الصلواة والصيام. شد النطاق في مسئلة الطلاق

که رونق داد دین را گاه بیگاه
نه اندر فقه و تفسیر و احادیث
کجا مثلش بعلم قرآة آگاه
بجد و جهد ورع و زهد و تقوي
کمال دین بدست آورد دلخواه
بروز رحلت ان پاک دین و خلق
نه تنها کرد پیهم ناله و آه
که ابر آنروز از غم زار بگریست
هوا حالش دگر گون شد باکراه
فتاده اندر زمین از آسمانها
عجائب کوکب دری شبا نگاه
پس از افتادن آن شعله نور
جناب حضرت حاجي حق آگاه
مبدل گشت احوال سیر نهش
ز حالت سابق وے تا سحر گاه
از ان دم تا دم آخر مر او را
نبودش بر لبش جز اسم الله
گذشته از روز چون قدري دو ساعت
وجود شیخ فاني گشت في الله
ششم تاریخ ز روز پنجشنبه
وقوع واقعه شد در رجب ماه
کدامي واقعه یک آفتي بود
چه قضیه قضیه دلگیر جانکاه
بوقت نزع ذکر از وي عجب نیست

که بود این ذکر شغلش گاه بیگاه
بروئی تختهٔ غسل این عجب دان
همانان داشت ذکر قلبی آن گاه
بنوعی از سماعش حاضران را
بر آمد بر زبان سبحان اللّه
صفات ذات آن مخدوم دیندار
که نفس الامر گوید حاش للّه
کمالات از تصافینش هوید است
چه گویم من چه گویم ، قصه کوتاه
ز بهر این چنین کامل وجودی
نگرید چشم کس استغفر اللّه
رجا تا چند جزع فزع خاموش
جمیل است و جمیل صبر هر گاه
رضا را تابع حکم قضا کن
قدم بگزار محکم اندرین راه
بحق حضرت مخدوم هاشم
کنون از درگهٔ حق مغفرت خواه
دل پر درد تسکین ده اکنون
که فضل ایزد یها اوست همراه
بشارت ده ازین بخشش بخدام
ترا هاتف چوکرد از سر آگاه
بلند آواز گو سال وصالش
بهشتش داد ایزد منزل جاه

## از غلامعلي تخلص مداح تتوي

در این زمان که بر وفق خواهش ازلي
نمود است بعالم نزول قحط رجال
بود دریغ که بربست رخت زین عالم
مدار دائره علم و آسمان کمال
به پنجشنبه ششم از رجب قریب بپاس
گذشته بود به هفتاد سالگي این حال
معین دین شریف محمد عربي
مزیل رسم ضلالت ز روي استقلال
مه سپهر کرامت محمد هاشم
که بود خاطرش از نور علم مالا مال
چو سال رحلت او ز عقل جستم گفت
که انه دخل الجنت هست سال وصال

۱۱۷۴

## از محمد رفیع تتوي

ناگهان برخواست ماتم در جهان با شور شین
حشر شد ظاهر الهما کرد در عالم نزول
آسمان تاریک گشته و ابرمي نالید زار
جن و انسان، و ملک حیران و پریشان وملول
چون چنین دیدم برسیدم، شنیدم این ندا
کرد رحلت از جهان سر دفتر اهل قبول
نیر برج شریعت ماحي کفر ظلام
واقف سر حقیقت عالم علم اصول

چون بجستم سال فوتِ آن بهار باغ دین
هاتفم گفتا کہ گل شد مشعل دین رسول

۱۱۷۴

## از مرزا غلامعلي بیگ تتوي

حیف از رحلت آن مرد فقیہ و عالم
کہ بحق بود بهر امرو نواهي حاکم
قوت شرع ز بازوئي علومش محکم
بود اسلام با بجاد قیامش قائم
داد هر مور ضعیفي چو سلیمان مي داد
حل هر عقد همین کرد ز نقش خاتم
ششم از شهر رجب بود در ایام خمیس
سال فوتش چون ازین دار فنا شد عازم
گفت هاتف ز گلستان جهان باز پرید
طائر قدس بفردوس محمد هاشم

۱۱۷۴

## از میان محمد رحیم تتوي

بو حنیفہ عصر خاذل اهل کفر
رخت خود بستہ سوء جنت شتافت
سال فوتش ز خرد جستم بگفت
در جوار مصطفي ماواي یافت

۱۱۷۴

## از محمد احسن خان ٺٽوي

کرد رحلت ز عالم فاني
مقتدائي علوم رباني
گفت تاريخ هاتفم با آه
جَعَلَ اللهُ جَنّة مثواه

١١٧٤

**فائده:** هي سموريون منظوم تاريخون ٺٽي جي مير قانع جي اولاد وٽان سندن قلمي ڪتب خاني مان هٿ لڳيون، جي هت درج ڪيون وڃن ٿيون. (وفائي)

# ٢٥٨- مخدوم حاجي محمد قائم ٺٽوي

عالم فاضل، حاجي حافظ سمورن ڪسبي ۽ وهبي علمن جو جامع مخدوم محمد قائم،

اصل ۾ ٺٽي جي ڀهراڙي جو رهاڪو هو. علم جي تحصيل لاءِ ٺٽي ۾ مخدوم رحمت الله جي درس ۾ اچي شريڪ ٿيو. علومن جي تحصيل کان پوءِ ٺٽي ۾ئي رهجي ويو. مخدوم محمد قائم، وقت جي وڏن عالمن، جهڙوڪ مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جو همعصر ۽ همسر هو، بلڪ طبع جي ذڪاوت ۾ انهن ٻنهين بزرگن کان وڌيڪ ذهين ۽ ذڪي هو. حافظو يا يادگيرو ايڏو قوي هوس، جو ڪتاب جي ڏسڻ کان سواءِ ورقن جا ورق ياد هوندا هوس ۽ ڪتاب جي فصل ۽ باب جو حوالو ڏيندو هليو ويندو هو. ٻين کي آن جي ڀولا ۾ گهڻي محنت ڪرڻي پوندي هئي. علماءِ وقت سان سندس

۽ مخدوم نور محمد نصرپوري ، جي بنهنجي وقت جا وڏا عالم فاضل ٿي گذريا آهن .

هو ڪڏهن ڪڏهن فارسي شعر بہ ڏاڍي سليس ۽ سادي انداز ۾ چوندو هو. هيٺ سندس هڪ نظم ڏجي ٿي جا علم هيئت ۽ نجم جي مسئلن سان لاڳاپو رکي ٿي، غور ڪندڙن لاءِ فائدي کان خالي ناهي، جنهن ڪري هيٺ ڏجي ٿي.

## قطعہ در استخراج تحويل شمس

گر تو خواهي کہ برج شمس کدام
بنگري هجرت رسول همام
باد بر روح اطهرش هر دم
بروئي و آل او درود و سلام
طرح کن يک هزار سہ صد زان
انچہ ماند بکن تو ضرب تمام
در عدد يا زده پس آنکہ هم
بسپاري بحافظہ بدوام
ثمن مضروب و پنج ديگر هم
وضع کن تا شود حساب دوام
نيست در ثمن گر کسر فبها
ور بود نصف فوق ش آر تمام
و آنچہ از نصف کمترين باشد
نيست محبوب نزد اهل کلام
آنچہ پس وضع ماندان موسوم
گشتہ محفوظ اوليت نام

آنچــه بگـذاشت باشد از قمري
بشمار انــدرش و ضيا و ظــلام
سي دهم بيست نـه مساوي دان
سرمــدآ دائـمـآ علــي الا عــوام
پس بكن طــرح اول از ثانـي
گر بود ممكن اے سعيد انجام
ورنــه دوري زياده كُن تو بران
سصد و شصــت پنجگـان ايــام
آنچــه باقــي بــود بكن تقسيم
از ترازو و ابتدائي خوشـه ختام
هــر كجا منتهــي شود عــددت
انــدران نــزل آفـتــاب المــام
بهــر خوشنودي خـــدا و رســول
كشف كردم ازيــن جزيره شمام
چونكــه منظوم سهل الحفظ است
وضــع كــردم بطــرف تــمــام
يــا رب ايــن كـثرت گناه مبين
منخرط سلــك عفو ركــن عــلام
رشتہ عفو تــو دراز بسي است
گر شود نظم اين حقير چه نام
بــهــر مـبعــوث اســودو احمـر
سيــد اصفيــا كــرام و عــظـام

مخدوم محمد قائم جا عربي زبان ۾ ڪجهه رسالا ۽ تصنيفات بہ آهن، جن مان حل العقود ۽ سخةالعلام في مسائل الا اسلام نظر مان گذريا آهن.

پوئين دفعي مديني شريف ڏانهن هجرت ڪرڻ کان پوءِ هن بزرگ ٤ سال آتي درس حديث جو ڏني سن ١١٥٧ ۾ هن دنيا کان رحلت ڪري، خيرالابرار جي جوار ۾آسودو ٿيو ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي مدني جي مقبره اندر جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

مير قانع ٺٽوي سندس تاريخ وفات في جنات تجري مان ڪڍي آهي.

١١٥٧

(تحفت الڪرام و مقالات)

## ٢٥٩- سيد احمد ٺٽوي

سيد احمد ولد سيد محمد انجوي شيرازي. سيد محمد صاحب ٨٦٧ هجري ۾ سنڌ ۾ پهتو، جڏهن ڄام صلاالدين سمي جو سنڌ ۾ راڄ هو. پهريان منڇر جي ڪناري تي مراد اوٺي جي ڳوٺ ۾ رهيو ۽ آتي ئي وفات ڪيائين. پوءِ هنن پنهنجو فرزند سيد احمد ڇڏي ويو، جو پوءِ ماڻهن جي ڪشش ۽ ڪوشش سان ٺٽي ۾ اچي رهيو، جنهن کي ٺٽي ۾ قاضي نعمت‌الله عباسي جي نياڻي فاطمه مان چار پٽ تولد ٿيا، جن مان سيد محمد حسين مشهور شاهه مراد شيرازي وڏو مشهور آهي، جنهن جو ذڪر هن تذڪري ۾ اڳ وارو آهي.

سيد احمد هڪ خدا رسيد بزرگ هو ۽ خدا وارن جي صحبت کي پسند ڪندو هو. ٺٽي جي لڳ ساموئي شهر ۾ هڪ بزرگ شيخ عيسي لنگوٽي رهندو هو، جتي سيد صاحب هنجي ملاقات ۽ زيارت لاءِ ايندو رهندو هو.

هڪ دفعي سيد صاحب شيخ عيسي جي ملاقات لاءِ آيو ته آن وقت شيخ وٽ شهر جو مشهور عالم قاضي نعمت‌الله عباسي ويٺل هو

بزرگي ۽ فضيلت مٿس ختم هئي. شعر جو سليقو يا لياقت بہ ڪافي منجهس موجود هوس.

مير آزاد بلگرامي يد بيضا ۾ هيٺيان شعر هن سنڌي شاعر جا ڏنا آهن.

ز اشک ديده مرا آب تاب مي باشد
ز چاک سينه مرا فتحياب مي باشد
شدم گداز بتدريج از فروغ رخش
چو نخل موم که در آفتاب مي باشد

**ايضاً**

کے رود از دل خيال يار پر تمکين ما
عکس او در ديدهٔ آئينه مردم مي شود

سيد صاحب قريب سن ١١٨٠ جي هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ۽ سيوهڻ ۾ دفن ڪيو ويو. (تحفت الڪرام و مقالات)

## ٣٦١- سيد عبدالقدوس نجوي ٺٽوي

سيد عبدالقدوس بن سيد حامد سيد محمد حسين شاهہ مراد جي اولاد مان وقت جو وڏو عالم ۽ وڏي شان ۽ بزرگي جو مالڪ هو. عو ايڏي علمي ليافت جو مالڪ هو جو ٺٽي ۾ شرعي فتوي ڏيڻ جا اختيارات بہ کيس مليل هوا. ٺٽہ جو وقت محتسب (شرعي باز پرس ڪندڙ ڪوتوال) بہ هو، جنهجي قابليت حد کان ٻاهر هئي جو ٺٽہ جي گورنر نواب سيف الله خان ( ) جي زماني ۾ ايران مان هڪ وڏو شاعر ۽ عالم شاهزاده ٺٽي ۾ آيو، جنهن ٺٽي جي سيني ان

وقت جي فارسي جي چاڻن شاعرن مان مير عبدوالقدوس کي وڏيڪ پسند ڪيو. هن صاحب جي علامه مخدوم محمد معين سان علمي لکپڙهه هلندي هئي. هڪ دفعي علامه مخدوم محمد معين امام حسين جي شهادت واري واقعي کي ياد ڪندي ڪيس تمام بلند درجي جي عربي ۾ خط لکيو ۽ ڪجهه ماتمي رباعيون به لکيون، جن جو جواب به سيد عبدالقدوس عربي فارسي ۾ نظم نثر ۾ ڏنو. عربي عبارتون ڇڏي، هت فقط ٻنهين عالمن جون رباعيون پيش ڪجن ٿيون.

## مخدوم محمد معين

در تعزيت حسين رد جامه به نيل
در سـدره منتهـي بشيون جبرئيل
تا کرد رسول شيشه پر خون برکف
خون است دل عيسي و موسي و خليل

## ايـضـا

در باد حسين خاکراهش دو جهان
از عشق سينه مجمرش عالم جان
امرور بماتمش سيه روز شدم
باد زن اللّي يا نجات الا کوان

## جواب از مير عبدالقدوس

اي نور نبي رتبه تو نه شميده اند
ان بد بختان نه از غضب تو سيد اند

خاک قدمت مرهم دوش جدت
هیهات سرت بخاک غلطا نید نـد

## ایـضـا

پیش قدمت سیـد شهداء جهان
عالم همه سر قدم نموده از جان
ماتم زدگان گوئي سعادت برا نـد
فـا سعوا بعزائد یـا خیار الا خوان

هي عالم فاضل شاعر ماه شعبان ۱۱۴۷ ۾ حضرت قدوس جي واصلن ۾ وڃي پهتو. مير قانع هڪ سال جي زيادتي سان هيٺين قرآن جي آيت مان سندس سال تاريخ حاصل ڪيو.

يرثون الفردوس ( مقالات الشعراء )
۱۱۴۷

## ٢٦٣- سيد طاهر نسياني ٺٽوي

سيد طاهر بن سيد حسن تخلص "نسياني" ٺٽوي. شروع ۾ اهو مرزا شاهه بيگ ترخان گهرائي مان سلطان جهانگير جي اميرن مان هڪ عالم فاضل شاعر امير هو. هڪ دفعي قندهار تي قزلباش قبيلي وارن ڪاهيو ۽ سلطان جهانگير جي حڪم سان شاهه بيگ کي قندهار ڏانهن چڙهائي جو حڪم ٿيو نه آن وقت سيد محمد طاهر به سائس همرڪاب هو، مگر اها مهم شاهه بيگ کان پوري نه ٿي جنهن ڪري سيد طاهر ٺٽي موٽي آيو. ان وقت شعر و شاعري جو ٺٽي ۾ ڏاڍو چرچو هو. امير کان وٺي سپاهي تائين هر هڪ ماڻهو شعر چوڻ جي

حڪومت تان قنڌهار ڏانهن بدلي ٿي. هو قنڌهار ڏانهن روانو ٿي چڪو هو ته سيد صاحب کيس ملتان ۾ وڃي مليو. ڪتاب لکڻ جي ماجرا وچ ۾ آندائين. هن صاحب وري ترغيب ڏياريس، جنهن ڪان پوءِ اهو ڪتاب لکي پورو ڪيائين ۽ وڏو انعام حاصل ڪيس.

سيد صاحب صوفي منش اهل دل بزرگ هو. رات جو عبادت ۾ گذاريندو ۽ ڏينهن جو هميشه روزي ۾ رهندو هو. مرزا شاهه بيگ جي خدمت ۾ ويندو هو ته به ڪتاب جي مسودي ڏيکارڻ کان سواءِ ٻي ڪابه قيل قال نه هلائيندو هو. سندس والد سيد حسن به مرزا محمد باقي ترخان ولد مرزا عيسي ترخان جي خاص ملازمن مان هو. هو فارسي جو عمده شاعر هو ۽ سندس نثر به ڏاڍي مشڪل ۽ مرصع آهي. پنهنجي نظم بابت لکي ٿو:

زبان سخن وردم عيسويست
که از کلک بخشد برده روان
بمحمود فردوسي در جان ندارد
نرا ندي کسي نام او بر زبان

## ايضا

ز آب حيات قلم هر که زيست
نميرد بود زنده تا زند گيست
والي مرد در زندگاني کسي
که زمانه نامش ندانند کيست

سال وفات معلوم نه ٿي سگهيو، مگر هو بزرگ ۱۱ صدي جي رجالن مان آهي.

## ۲۶۳- آخوند محمد شفيع ٺٽوي

ٺٽي جي شهر ۾ عام ماڻهن جو فارسي جو استاد ٿي گذريو آهي. نهايت متانت ۽ وقار سان وقت گذاريندو رهيو ۽ عام طرح فارسي جا طالب‌العلم ڪانئونس فارسي جي نظم ۽ نثر جا سبق وٺندا رهيا. شعر ۾ به ڪافي گهڻو محاورو هوس. مير علي شير قانع لکي ٿو ته قصائد عرفي ۽ قصائد سيفي ۽ علم عروض آخوند محمد شفيع جي خدمت ۾ تحصيل ڪيم ۽ ان وقت تمام پيرزو ٿي ويو هو. سنڌس زماني جي قاضي‌صاحب سان سنڌس اختلاف ٿي پيو، جنهن تي هيٺين رباعي قاضي جي هجو ۾ لکيائين:

قاضي بدين بزرگواري عجبي!<br>
بر مرکب جهل شهسواري عجبي<br>
اما پسرش نعوذ بالله منها<br>
عجلا جسد له خواري عجبي

[illegible] سنڌس شعر آهي:

[illegible] از باد خيال عجب چون شبنم گم [illegible] بودم<br>
[illegible] ڪم [illegible] خورشيد تا [illegible]

آخوند صاحب جي [illegible] وفات ٿي. ([illegible])

## ۲۶۴- صوفي محمد شفيع ٺٽوي

ٺٽو جي مخدومن جي گهراڻي مان هي بزرگ ٿي گذريو آهي. پنهنجي جمار جو گهڻو ڀاڱو شاهجهان آباد (دهلي) ۾ گذاريندو رهيو. هن سموري زندگي ۾ شادي نه ڪئي، تنهن ڪري دل جي اطمينان

چون زنده دل زین جهان رخت بست
کشیده لباس بقارا بدوش
جهان جملگي گشت ظلمت کده
رخ خویش چون کرد در پوش
بهر گوشه گسترد خوان علوم
بتدریس در زندگاني بجوش
بابر کرم تربتش تازه باد
بعزت بود خلد نور پوش
بتاریخ رحلت ندایم رسید
که او مرد حق شیخ کامل بگوش

۱۲۶۰ هـ

**ایضاً له**

چراغ شریعت سراج هدي
کریم طبیعت امین الوري
بسر پیچیده زین دار پهلوي خویش
گزشت از فنا رفت سوئي بقا
بسر دل بجستم سن رحلتش
ع
"سلیمان رضوان حق" شد ندا

۱۲۶۰ هـ

## ۲۶۷- میرک محمد احسن تتوي

میرک محمد احسن ولد میرک محمد شفیع ولد شیخ الاسلام

ميرڪ محمد مهدي ولد شيخ‌الاسلام مير عبدالباقي ثاني (متوفي ١٠٥٨ھ) خانداني لحاظ کان وڏي علمي گهراڻي جو بزرگ هو، جنهن ڪري هن ۾ اباڻيون علمي فضيلتون ۽ نيڪ عادتون موجود هيون، جنهن ۾ نادرشاهه دهلي تي ڪاهي سنڌ ندي وارن علائقن کي دهلي کان جدا ڪري پنهنجي قبضي ۾ آندو تنهن زماني ميرڪ محمد احسن داغستان ۾ وڃي نادرشاهه سان مليو ۽ نئي مان شيخ‌الاسلامي جو عهدو ختم ٿي ويو هو. تنهنجو پروانو نادرشاهه کان پنهنجي نالي نئون ڪرائي ٺٽي ۾ اچي پهتو. هن سموري حياتي ڪمال انسانيت ۽ وڏي امتياز سان حياتي گذاري ۽ آخر سن ١١٦٧ ۾ هن دنيا فاني مان لاولد فوت ٿي ويو. ڪنهن شاعر سنڌس هيٺئن مصرع مان سندس تاريخ وفات ڪڍي آهي. ”جنت الماوي محل احسن است“ (تحفه)

## ٢٦٨- ميرڪ محمود ٺٽوي

ميرڪ سيد محمود ولد شيخ مير ابوسعيد پوراني بن مير علي شير سبزواري قندهاري سڀ کان پهريان ميرڪ محمود ۽ مير بايزيد قندهار مان لڏي سنڌ ۾ پهتا. انهيءَ زماني ۾ ارغون خاندان جو سنڌ تي قبضو ٿي ويو هو. انهن ٻنهين ڀائرن مان ميرڪ محمود ٺٽي ۾ شيخ الاسلامي جي عهدي تي پهتو ۽ مير بايزيد بکر ۾ رهڻ لڳو. مرزا شاهه حسن بيگ ولد مرزا شه بيگ ارغون جي زماني ۾ شرعي فيصلا شيخ‌الاسلام ميرڪ ڪندو رهندو هو ۽ هن تي مرزا جو پورو پورو اعتماد هو.

سن ٩٦٠ ۾ جڏهن مرزا شاهه حسن تي فالج جي بيماري جو حملو ٿيو ۽ ٺٽي کان ٻيڙي ۾ سوار ٿي بکر وڃي رهيو هو تڏهن ٺٽي جي

مرزا جي ڪن ملازمن جي سرڪشي حد درجي کي پهچي وئي. جن هڪ رات جو هڪ ارغوني خاندان جي پيٽ واري عورت کي لتون هڻي سندس ٻار ڪيرائي ڇڏيو. اها ڳالهه مرزا شاهه حسن کي پهچائي وئي. جنهن ارشاد ڪيو ته شيخ‌الاسلام ميرڪ کي خط لکي سموري واقعي کان واقف ڪيو وڃي ۽ شريعت موجب هو جيڪا سزا تجويز ڪري، سا جوابدارن کي ڏني وڃي. (معصومي)

ميرڪ محمود، علم فضل سخا، زهد، تقويٰ ۾ يگانه روزگار هو. هن جي عملي فيض جو دروازو سڀ ڪنهن لاءِ کليل هو، جنهن مان سون شاگردن فائدو حاصل ڪيو. هو پنهنجي وقت جي عالمن ۾ سڀ ڪنهن خصلت ۾ بلڪل اڳرو هو. خوش خطي جي فن ۾ يگانه روزگار هو. خصوصاً نستعليق خط ۾ جهڙس ڪوبه ڪونه هو. ابترين خاصيتن ۽ نيڪ خصلتن واري بزرگ محرم ٩٦٢هه ۾ هن دنيا فاني کي هميشه لاءِ الوداع ڪيو. هيٺئين فقري مان سندس وفات جي تاريخ حاصل ٿئي ٿي. "رفت ميرڪ آه آه"

ٺٽي ۾ پنهنجي محلي ۾ وڏي مسجد ۽ مڪلي تي گنبذ سندس يادگار آهن. پنهنجي پوٽن ٣ فرزند عالم فاضل ڇڏي ويو.

## ٢٦٩- ميرڪ عبدالباقي پوراني ٺٽوي

مير عبدالباقي ولد مير محمود شيخ الاسلام ميرڪ پوراني. هو بزرگ پنهنجي والد وانگي مرزا عيسيٰ ۽ مرزا محمد باقي جي زماني ۾ شيخ الاسلامي جي عهدي تي پهتو. فضيلتن ۽ ڪماليتن جو جامع هو. جدا جدا علمن ۽ هنرن ۽ ڪاريگرين جو يگانو بزرگ هو. لطيف مزاج ۽ باوقار هڪ ڏي هو. سندس مروت ۽ انسانيت بلند درجي تي

پهتل هئي. اگرچہ آمدني گهٽ هيس، مگر ان هوندي بہ ايندڙ ويندڙ سندس احسان واري دسترخوان کان حصو حاصل ڪندا رهندا هوا. سندس گهر ۾ مختلف قسمن جا ڏاڍا لذيذ کاڌا پچندا هوا. خاص طرح مون کي معلوم ٿيو آهي تہ منيون ۽ چاشني دار شيون اهڙيون تيار ٿيديون هيون جو ڪنهن کي بہ ٻئي هنڌ اهڙيون لذيذ نصيب نہ ٿيون هونديون. ميرڪ عبدالباقي علم حڪمت ۽ فلڪيات ۽ اقليدس ۾ خاص طرح وڏو عالم هو. مولانا عبدالخالق گيلاني جو شاهہ فتح الله شيرازي ۽ مرزا جاه شيرازي جي پائي جو عالم هو، سو پڻ ميرڪ عبدالباقي کان ڪي مشڪل علمي سوال اچي حل ڪندو هو. تحرير اقليدس ۾ هن نيون شڪليون پيدا ڪيون جي عالم عالمن وٽ قبول پيون. شعر ۾ بہ وڏو دسترس هوس. هو وڏي قابليت واري اولاد ڇڏي ٩٨٣ھ ۾ هن فاني دنيا مان وفات ڪري ويو. (معصومي)

مير عبدالباقي ثاني ولد مير محمود ثاني هي بزرگ بہ پنهنجي والد کان پوءِ ورثہ طور ٺٽہ جي شيخ الاسلامي واري عهدي تي فائز ٿيو. نيڪي سان دنيا مان وقت گذاري سن ١٠٥٨ ۾ لاڏاڻو ڪيائون. سندس وفات جي تاريخ هيٺين مصرع مان نڪري ٿي.

"مير عبدالباقي آسود بفردوس نعيم"

مير عبدالهادي ولد مير عبدالباقي ثاني هي پڻ اباڻي علمي وراثت موجب پنهنجي والد بزرگ کان پوءِ ٺٽي جو شيخ الاسلام مقرر ٿيو. سن ١٠٨٦ ھ ۾ هن جهان بي بقا مان بقا واري جهان ڏانهن روانو ٿي ويو. سندس وفات جو سال هيٺين مصرعي مان حاصل ڪيو ويو.

"هادي اهل اکرم يافت مقام محمود"

هي بزرگ لاولد فوت ٿيو. رحمت الله عليهم (تحفت الڪرام)

# ٢٧٠- ميرڪ عبدالوهاب پوراني تتوي

علمي، فضيلت ۽ سخاوت ۽ شجاعت جو جامع ميرڪ عبدالوهاب بن ميرڪ بايزيد بن مير ابوسعيد پوراني بکري. ننني جي شيخ الاسلام ميرڪ محمود جو سڳو ڀائيٽو هو. هي صاحب بکر مان هجرت ڪري ننني ۾ اچي رهيو. هن مرزا شاهه حسن ارغون، مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سندس فرزند مرزا محمد باقي جو سمورو زمانو ڏٺو.

عمده خصلتن ۽ پسنديده عادتن جو مالڪ هو. هن جي مجلس هميشه زنده دلي ۽ علمي مذاق واري هوندي هئي. شعر و سخن سمجهڻ جو ڪيس بلند مقام حاصل هو. زاهد ۽ پرهيزگار ته هن جهڙو سندس وقت ۾ ڪو مشڪل سان ملي سگهي. هميشه نصيحت ۽ واعظ جي شغل جاري رکندو هو. بادشاهن کي حق جي ڪلمو چوڻ ۽ سڌي رستي هلائڻ هن جو بهترين مشغلو هو. ظلم ۽ بدعت جي پاڙ پٽائڻ ۾ هميشه سعيو ڪندو رهيو. فقيه به هڪڙو ئي هو. "جامع فتاوي پوراني" جو علم فقه ۾ هڪ مشهور ڪتاب آهي. سندس تصنيف ٿيل آهي.

ايتري حد تائين سخي هو جو شاعر ۽ عالم ۽ ٻيا ضرورت مند هن جي مهمان خاني ۾ هميشه موجود هوندا هوا ۽ ڪوبه سوالي وٽانئس خالي ڪونه ويندو هو.

مرزا شاهه حسن ارغون جي طبع ۾ هن کي ڏاڍو دخل هو ۽ گهرو معاملات ۾ تمام گهڻي حد تائين سندس معتمد ۽ ڀروسي جهڙو هو.

مرزا شاهه حسن کان جڏهن مرزا ڪامران ولد ظهيرالدين همايون سندس نياڻي ڪوچڪ بيگم جو سنگ گهريو ته اها مائٽي به مير عبدالوهاب جي مشوري کان پوءِ ٿي. مرزا ڪامران کي جو ان وقت

۾ اتحاد ڪرايو ته هو هڪ ڳالهه تي ٻيئا هجن ته جيئن سندن اختلاف ڪري، دشمن ملڪ تي قبضو نه ڪري وٺن. انهي ڏاهڪان پوءِ غسل ۽ ڪفن جو سمورو ڪم به مير عبدالوهاب سرانجام ڪيو. اتي اختلاف ٿيو ته لاش کي بکر کڻي وڃجي يا نه.

سلطان محمود جو بکر کڻي وڃڻ جو ارادو هو، مگر ماه بيگم اختلاف ڪيو. آخر مير عبدالوهاب جي ارشاد تي سلطان محمود پنهنجي ارادي تان هٿ کڻي ويو ۽ مير عبدالوهاب مرزا شاهه حسن جو جنازو ٺٽي کڻائي پهتو. (معصومي)

مرزا شاهه حسن جي وفات کان پوءِ مرزا عيسيٰ جي زماني ۾ به مير عبدالوهاب ساڳي عزت ۽ قبوليت جو مالڪ هو ۽ مرزا محمد باقي جي زماني ۾ اگرچه بادشاهه سان تقرب نه رکيائين، مگر ان هوندي به سندس قديم جاگيرون بحال رهيون، جنهن ڪري مهمان نوازي ۽ سخاوت جو ڪم بحال رکندو آيو. مرزا محمد باقي هڪ ڪنجوس ۽ حاسد ۽ ظالم ڏاڍو سخت مزاج انسان هو، جنهن ڪري هن جي زماني ۾ ڪيترائي درويش ۽ عالم ۽ امير، شهري ۽ مسافر قتل ٿيندا رهيا. ميرڪ عبدالوهاب جي شهادت جو واقعو به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ان جو تفصيل تاريخ طاهري واري هيئين ريت ڏنو آهي.

حقيقت ۾ ميرڪ عبدالوهاب ترخان گهراڻي وارن جو مرشد هو. جنهن سان مرزا محمد باقي ترخان جي دل ۾ وير ۽ حسد پيدا ٿيندو رهيو، ڇاڪاڻ جو ميرڪ عبدالوهاب وڏو سخي مرد هو ۽ ڏورانهن ملڪن جا عالم ۽ فضل وارا ماڻهو سمنڊ جي رستي جيڪي ٺٽي ۾ ايندا هوا، تن جي مهمانداري، نيڪي ۽ مروت جي برتاءَ ۾ ڪين گهٽائيندو هو. هنن کي خوراڪ کان سواءِ پهراڻيون، انعام ۽ سفر جو سامان به

ڏيندو هو. مرزا محمد باقي کي دل ۾ آيو ته ميرڪ عبدالوهاب جي اها شاهاڻي روش منهن جي بدناموسي جو ڪارڻ آهي، تنهن ڪري بهتر آهي ته هن کي ختم ڪرائي ڇڏجي ته پوءِ نه ڪو پرديسي مسافر وٽس ايندو ۽ نه وري هن جي نيڪ نامي ۽ منهن جي بدنامي ٿيندي. هوڏانهن حقيقت ۾ مرزا باقي جي گادي يا حڪومت هٿ ڪري ڏيڻ ۾ به ميرڪ جوئي هٿ هو، مگر هن ناحق شناس بادشاه ان جو ڪوبه خيال ڪونه ڪيو ۽ سندس قتل ڪرائڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجي دولت جي بدخواهي جو ڪوبه خيال نه ڪيائين.

قاضي خميسوجاهل جو مرزا جي اميرن مان هو، ميرڪ جي شهيد ڪرڻ تي ان کي مقرر ڪيو ويو. مشورو هيئن ڪيو ويو جو عيدگاهه کان موٽندي حملو ڪيو وڃي تہ بهتر آهي. عيدالفطر جي نماز ادا ڪري جيئن مڪلي تان پنهنجي جماعت سميت شهر ڏانهن موٽي رهيو هو تہ رستي تي قاضي خميسي جي اشاري سان مٿس حملو ٿيو ۽ وڏو عالمِ ولي درويش سيد ڏينهن ڏٺي بي گناهه راهه ويندي شهيد ڪيو ويو. اهو واقعو سال ٩٩٠هه ۾ ٿي گذريو. (طاهري)

سائس گڏ سندس سوٽ ميرڪ عبدالرحمان بن ميرڪ محمود به شهيد ٿي ويو، جو هڪ وڏو صوفي موحد عالم هو. (معصومي)

## ٢٧١- خليفو عبدالوهاب عباسي ٺٽوي

عباسي خاندان مان هي هڪ وڏو بزرگ ٺٽي جي ٻاهران رهندو هو. هن جي درويشي ۽ ولايت جي ڍري ڍري مشهوري ٿيندي هئي. سندس صوفيانہ تصرف سبب جهنگلي جانور ۽ ٻڪي چوڏاري اچي گڏ

ٿيندا هوا. ڪائونس تڏهن پري ٿيندا هو، جڏهن پيو ڏاريو ماڻهو اچي نڪرندو.

ترخان گهراڻي جي حاڪمن جي هن بزرگ سان بيحد عقيدت هئي. مرزا محمد باقي انهيءَ عباسي خاندان مان شادي به ڪئي هئي. جنهن ڪري خليفي جي بيحد رعايت رکي ويندي هئي، مگر سندس ڪرامتون ۽ معجزا ڏسي مرزا کي ڏاڍو حسد پيدا ٿيو، جنهن ڪري خيال ٿيس جيڪڏهن حد کان وڌيڪ ماڻهو هن جي چوڌرد اطاعت ۾ اچي جمع ٿيا ته پوءِ ممڪن آهي ته منهنجي بادشاهت کي نقصان پهچي وڃي، تنهن ڪري بهتر ٿيندو ته هن کي قتل ڪرائي خطره کان ٻاهر ٿجي. انهيءَ ڪم لاءِ مرزا پنهنجي مهر داد نوڪر خليل کي مقرر ڪيو ته هو وڃي هن وليالله جو ڪم لاهي اچي. خليل پنهنجي ماڻهن کي چيو ته جڏهن آءٌ درويش عبدالوهاب سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري دعا گهرائڻ لاءِ هٿ مٿي ڪٽڻ ته اوهان هڪدم مٿس حملو ڪري سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيو.

انهيءَ تياري ۽ واردات جي سڌ خليفي عبدالوهاب کي ٻه وڃي پهتي، جنهن تي سندس پٽ ۽ جماعت مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويٺا، مگر هن درويش فرمايو ته الله تعاليٰ جي رضا اڳيان سرتسليم خم ڪرڻو آهي. وقت جي مسلمان حاڪم جي بي‌فرماني ڪرڻ چڱي ناهي تنهن ڪري اوهان ڪجهه به نه ڪريو، جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيڻ ڏيو.

خليل ذليل جڏهن هن بزرگ وٽ پهتو، تڏهن پاڻ اڪيلو مصلي تي ويٺي رهيو فقط سندس هڪ فرزند محمد صادق نالي خنجر لڪائي پنهنجي والد وٽ ويٺي رهيو. گفتگو ملاقات کان پوءِ جڏهن دعا لاءِ هٿ مٿي ڪيا ته سندس ماڻهن خليفي اهل الله تي حملو ڪري شهادت

جو شربت پياري ڇڏيو. خليفي جي فرزند محمد صادق کان اهو سور نہ سٺو ٿيو ، تنهن خليل تي خنجر جا ٻہ چار حملا ڪيا اگرچہ موت کان بچي ويو ، مگر سندس نڪ صاف ڪپجي ويو. محمد صادق کي آتي شهيد ڪري پنهنجي والد جي اڳيان اڇلايو ويو. اهو واقعو سن ٩٩٠ هہ ۾ ٿي گذريو. ( طاهري )

تحفت‌الڪرام ۽ طاهري ۾ آهي مرزا محمد باقي جو نوڪر خليل جيترو وقت دنيا ۾ جيئرو رهيو تہ نڪ تي ڪپهہ رکي اڳڙي ٻڌي ، نڪ ڪپجڻ جي عيب کي لڪائيندو هو. نڪ تي اڳڙي اهڙي طريقي تي ٻڌي ويندي هئي، جيئن ٻيو ڪو سمجهي تہ شايد اکين اٽڻ ڪري ائين ڪيو اٿس. هوڏانهن اها هڪ ولي خدا جي ضرب جو مٿس نشان هو. خليفي عبدالوهاب کي ٻيو هڪ فرزند محمد هاشم نالي هو ، جو نهايت ناز نعمت ۾ نپيو هو. هو ان واقعي کان پوءِ گهوڙي سميت دريا ۾ غرق ٿي ٻڏي مئو. جو سندس لاش بہ هٿ نہ آئي. باقي خاندان جا ماڻهو هن خوفناڪ حادثي کان پوءِ سنڌ ڇڏي ڪنهن ٻي وطن ڏانهن هليا ويا. ( طاهري )

## ٢٧٢- مرزا احمد علي براهوئي

مرزا احمد علي صاحب تخاص احمد اصل بلوچستان جو رهاڪو هو. خان قلات مير خداداد خان سان ڪنهن اختلاف جي بنياد تي هن جا وڏا سنڌ ڏانهن هجرت ڪري آيا آهن نہ انهن ۾ مرزا احمد علي صاحب بہ هو. اها هجرت ١٨٧٣ ۾ ٿي . هو پهريان جيڪب‌آباد اچي رهيو. ان کان پوءِ رياست خيرپور ۾ سر مير علي مراد ٽالپر وٽ پهتو. هو فارسي جو بيحد خوش‌گو شاعر ۽ وڏي قابليت جو مالڪ هو، جنهن

ڪري ميز صاحب وٽ سندس ڏاڍو قدر ٿيو. مير صاحب جي ڏيڍ سال مصاحبت کانپوءِ هن سرڪاري ملازمت ڪئي ۽ سالٽ انسپڪٽر مقرر ٿيو. انهيءَ ملازمت جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ برابر عيال سميت ۱۲ سال مقيم ٿيو. ٺٽي ۾ اُن زماني ۾ استاذ الشعراء مخدوم ابراهيم صاحب خليل موجود هو، جنهن‌جي صحبت ۾ مرزا جي شاعري ڏاڍي چمڪي. ڪراچي جي مفرح القلوب اخبار ۾ سندس فارسي ڪلام شايع ٿيڻ لڳو ۽ فارسي ۾ طرحي مشاعرن ۾ به حصو وٺڻ لڳو ۽ ان وقت جي شاعرن جا ڪلام مفرح القلوب اخبار ۾ شايع ٿيندا هوا.

مرزا صاحب جو تذڪرو مخدوم ابراهيم خليل پنهنجي ڪتاب ”تڪملة مقالات الشعراء“ ۾ به ڪيو آهي ۽ هوندئن به سندس ڪلام مفرح القلوب جي جلدن ۾ به محفوظ آهن. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سوار چابک منِ عزم ميدان کرد می آيد
سمند ناز را يکسر بجولان کرد می آيد
مرا جمعيت خاطر چسان مانند آن سرکش
کله کج کرده و کاکل پريشان کرد می آيد
به هندوستان علم افراخت حسن دلربائي او
کنون آهنگ تسخير خراسان کرد می آيد
بچشم نرگسين و زلف کافر کيش خلقی را
هزاران رخنها در دين و ايمان کرد می آيد
به يک عشوه دل از من برد چشم مست و مخمورش
نگاهش بار قصد غارت جان کرده می آيد
نخستش بود به ”احمد“ عهد و پيمان وفاداري
کنون برکف ترک پيمان کرده می آيد

## ايضاله

آتش رخسار خود كردي نهان و خلق را
شعلـﮧ هادر خرمن صبر و قـرار انداختي
دل بچوگانِ خم زلفش چو گوه افتادو رفت
احمد اتا ديـن بـر آن شهسوار انداختن

## ايضاله

كشتن عاشق جزيـن نيست ز دست تو عجب
زانكه تـو عهده قتلش از روز نخست كـرده؛
شسته جهان ز زندگي دست دران دم اي صنم
تاتو بخون مـا كمر چابك و چُست كـرده؛

جڏهن رياست قلات جون حالتون درست ٿيون ـ مير خداداد خان جي جاءِ تي سندس فرزند مير محمود خان برطانيہ جي ماتحت والي قلات بڻايو ويو تہ ان وقت خان قلات مرزا احمد علي خان کي پاڻ وٽ گهرائي بلوچستان ۾ متوفي جي عهده تي مقرر ڪيو، مگر هڪ سال مس گذريو هوس تہ ڇنڇر ڏينهن ٢ـ ذي القعد ١٣١٢ھ مطابق ١٨٩٤ع ۾ هن دنيا مان وفات ڪري ويو ۽ ڪوئٽہ ۾ سندس نعش کي دفن ڪيو ويو.

## ٢٧٣ـ مير عبدالباقي پوراني سڪري

مير عبدالباقي ولد مير بايزيد ولد ميرڪ ابو سعيد بن مير علي شمير سبزواري ميرڪ سعيد سيد شيخ جلال بايزيد پوراني جو ڏهٽو آهي.

ابو سعيد جو فرزند مير بايزيد سبزوار (ايران) مان لڏي قندهار ۾ اچي ويئو، جتان سندس ٻه فرزند مير بايزيد ۽ ميرڪ محمود شه بيگ ارغون سان گڏ سنڌ هليا آيا، جن مان ميرڪ محمود ٺٽي جو شيخ‌الاسلام مقرر ٿيو ۽ اتي ئي رهيو ۽ ميرڪ بايزيد بکر جو شيخ الاسلام واري عهدي تي رهي سکر ۾ رهيو.

شيخ الاسلام ميرڪ بايزيد جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مير عبدالباقي وڏي بزرگي ۽ ڪماليت جو صاحب ٿيو. تحفت‌الڪرام ۾ لکي ٿو ته:

”مير عبدالباقي بفور ڪمال مرجع صغار و ڪبار زيسته و مضجعش بيرون سکهر زيارتگاه خلائق“ مير عبدالباقي جو اگرچه مفصل احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي، مگر سندس وفات کان پوءِ سندس اولاد سکر ۾ اج تائين ميرڪي ساداتن جيءِ لقب سان مشهور آهن.

مير عبدالباقي ۽ سندس پاڻ مير عبدالوهاب تتوي جنهن جو ذڪر ٿي آيو سيي سنت جماعت جا عالم هوا، مگر هن وقت سکر ۽ ٺٽي ۾ جيڪا به سندن اولاد آهي سي سمورا شيعا ٿي ويا آهن. مير عبدالباقي ٣- رمضان سن ١٠١٩ھ ۾ وفات ڪئي. سندس تاريخ وفات لاءِ هيٺين قطعه گنبذ تي مثبت آهي:

مير عبدالباقي پوراني قطب ڪه بود
قدوهٔ آل رسول و زبدهٔ خاص الـه
سال فوتش شيخ قاضي شاه محمد زد رقم
دار جان را مير عبدالباقي پوراني آه

تاريخ ٣ شهر رمضان ١٠١٩ھ

# ٢٧٤- چنو امراني سيوستاني

چنو امراني اصل ۾ سنڌ جي راء گهراڻي جو امير آهي. راجا دلوراء جي سوڌن مان هو. دلوراء پنهنجي ظلم ۽ ستمراني ۾ هڪ زبردست مشهور ماڻهو هو. هن جي ظلمن سبب جڏهن الور (اروڙ) جو شهر ويران ٿي ويو، تڏهن برهمن‌آباد ۾ اچي رهيو ۽ اتي به سندس ظالمانه ڪارروايون بدستور جاري رهيون. چنو فطرتي طرح نيڪ طبع جو انسان هو ۽ ان وقت عباسي خاندان جي گورنرن جي سنڌ تي حڪومت هئي، جنهن ڪري هو اسلامي عقيدا سکي ڪجهه گهوهه ۾ مسلمان ٿي رهيو. هن کي سندن عزيزن جڏهن شادي لاء زور آندو، تڏهن انڪار ڪيائين چاڪاڻ جو هو هندو ڌرم کان بيزار ٿيل هو، جنهن تي کن ماڻهن ٽوڪ طور چيس ته هو شايد عرب ملڪ مان وڃي عربياڻي پرڻجي ايندو. انهيءَ ڪري هندو سنڌي عورت قبول نه ٿو ڪري. چون ٿا هو انهيءَ زماني ۾ حج جي ارادي سان روانو ٿي ويو، جڏهن مڪه معظمه ۾ پهتو تڏهن هڪ ٻڍي عورت کي ڏٺائين، جا دڪان تي قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهي هئي. هن کي اها ڏاڍي پسند آئي. ٻيهي ٻڌڻ لڳو. مائي چيس ته بابا ڇو بيٺو آهين؟ چيائين ته قرآن جي قرآت ٻڌڻ لاء. جيڪڏهن احسان فرمائي مون کي به قرآن جي قرآت سيکارين ته گولو ٿي رهندس! مائي چيو ته منهن جي استاد به منهن جي ڌي آهي، هو پرده نشين آهي. تون جيڪڏهن زنانو لباس ڍڪي خاموش هلي سندس درس ۾ شريڪ ٿئي. آخر چنو ان ريت قرآت جي درس ۾ پهچي ويو. چون ٿا انهيءَ ڇوڪري کي علم نجوم ۾ به مهارت هئي، جنهن کي نجوم جي زائچ مان معلوم ٿيو هو ته سندس شادي سنڌ جي رهاڪو مرد سان ٿيندي،

ديندار شاهه عرف پوهه. هڪ گنبذ نهرايو، جنهن تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي :

بـدور شهنشاهـه شاهـه جهـان
خديـو خـرد منـد صاحبقـران
چو خلد برين روضهٔ شاهه چه
بنـا کرد نـواب ديندار خـان
ز سـال بنايـش طـلب داشتند
بهشت بروئی زمين گفت عثمان

١٠٤٢ هه

گنبذ هن وقت به چڱي حالت ۾ آهي. صحن تي سبز ڪاشي جون سرون لڳل آهن، ديوارين تي ڪاشي ڪاري ٿيل آهي ۽ مٿيون ڪتبو به ڪاشي جي سرن تي مغربي ديوار تي لڳل آهي.

## ٢٧٥- مخدوم عثمان مرندي سيوستاني

سيد عثمان مشهور لعل شهباز قلندر بن سيد حسن ڪبيرالدين بن سيد شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد شاهه بن سيد خالد بن سيد محب بن سيد مشتاق بن سيد اسماعيل بن سيد امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين علي بن امام حسين بن امام علي بن ابي طالب رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين.

( اخبار الاولياء و گنج تاريخ )

قلندرنامه ۾ لکي ٿو ته شمس الدين سيد عثمان لعل شهباز آذربائيجان جي پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ مرند ۾ ٥٣٨ هه ۾ تولد ٿيو.

مير قانع لکي ٿو ته ”مخدوم لعل شهباز قلندر سير ڪندي ٦٦٢ سنڌ مان لنگهي اچي ملتان ۾ پهتو ۽ انهيءَ زماني ۾ ملتان جو حاڪم شاهزاده محمد ولد سلطان غياث الدين بلبن دهلوي هو. شهزادو هڪ نوجوان، نيڪ بخت عالمن، صالحن جو صحبتي هوندو هو. شيخ بهاؤالدين ذڪريا ۽ شيخ فريد شڪرگنج سندس دوستن ۾ داخل هوا. امير خسرو دهلوي ۽ دهلي جو مشهور صوفي شاعر مير حسن سندس درباري هوا. شاهزاده محمد لعل شهباز قلندرکي ملتان ۾ رهڻ لاءِ گهڻو ئي چيو، مگر پاڻ قبول نه ڪيائون. اتان اگهتي روانو ٿي شاهه شمس بوعلي قلندر جي خدمت ۾ پهتو، جنهن چيس ته هندوستان ۾ اڳ ئي ٽي سئو قلندر موجود آهن، تنهن ڪري بهتر ته تون وري موٽي سنڌ ڏانهن هليو وڃ!“

انهيءَ اشاري ملڻ کان پوءِ هو صاحب سنڌ ۾ واپس وري اچي سيوهڻ ۾ سڪونت پذير ٿيو. سيوهڻ ۾ جنهن هنڌ تي اچي رهيو، اُتي آس پاس ڪجهه بد پيشه عورتون رهنديون هيون. مخدوم شهباز جي رهڻ ڪري اهڙو تصرف ٿيو جو انهيءَ رات جيترا به بدڪار مرد، انهن عورتن وٽ رهيل هوا سي پنهنجي فعل تي سگهارا نه ٿي سگهيا. صبح جو جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿين تہ سندن پاڙي ۾ ڪو ولي الله اچي رهيو آهي، جنهن ڪري آهي سموريون زالون توبہ تائب ٿي آئنده لاءِ بد پيشي کان باز آيون. (تحفت الڪرام)

مخدوم حضرت عثمان مرندي جي نالي ڪيترائي شعر ۽ غزل منسوب آهن، مگر هت آهو غزل درج ڪيو وڃي ٿو، جو مير قانع پنهنجي ڪتاب مقالات الشعراء ۾ آندو آهي ته تبرڪ طور يادگار رهي:

از عشق دوست هر ساعت درون نار مي رقصم
گهي بر خاک مي غلطم گهي بر خار مي رقصم

هجرت ڪري، شيخ الاسلام بهاؤالدين زڪريا ملتاني ۽ شيخ فريد شڪرگنج جي خدمت ۾ رهي، گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين ۽ شيخ صدرالدين عارف ملتاني سان به صحبتون رهيس، ان کان پوءِ سيوهڻ ۾ مقيم ٿيو.

ضياء برني تاريخ فيروز شاهي ۾ لکي ٿو ته جڏهن حضرت مخدوم شهباز ملتان ۾ پهتو تڏهن، خان شهيد، يعني شهزاده محمد قاان اعتقاد موجب تواضع جا سمورا شرط بجا آندا ۽ گهڻوئي ڪجهه نذراني طور خدمت ۾ پيش ڪيائين. شهزاده ڪوشش ڪئي ته هي بزرگ ملتان ۾ مقيم ٿي رهي، پر پاڻ راضي نه ٿيا. هڪ ڏينهن جو واقعو آهي ته خان شهيد پنهنجي مجلس ۾ شيخ صدرالدين عارف ۽ حضرت عثمان شهباز کي سڏايو. مجلس ۾ عربي غزل ڳائجڻ شروع ٿيا. هي ٻئي بزرگ ۽ درويشن جي ٻي جماعت رقص ۾ هوا ۽ خان شهيد هٿ ادب جا ٻڌيو بيٺو هو ۽ زار زار رنو ٿي.

مير غلام علي وڏيڪ لکي ٿو ته آءٌ جڏهن، ١٠ ربيع الاول سن ١١٤٣ ۾ سيوهڻ ۾ پهتس ته ان وقت سيد محمد خان (سندس مامو) بخشي گري ۽ قائع نگاري جو عهدو منهن جي حوالي ڪري، پاڻ ڪوٽ بلگرام روانو ٿي ويو، مگر ٿوري ئي وقت ۾ مون کي نوڪري کان برطرف ڪيو ويو، جنهن ڪري ڏاڍو پريشان ٿي پيس.

هڪ رات خواب ۾ ڏسان ٿو ته ڪنهن شهر جي هڪ گهٽي مان وڃي رهيو آهيان، هڪ سامهون ايندڙ ماڻهو کان پڇيم ته هي گهٽي اڪيان ڪليل آهي؟ جواب ۾ هن ماڻهو عربي زبان ۾ چيو ته "ستلقاڪ رجال" يعني توکي اجهوڪي مرد ٿا ملاقي ٿين. اجا ۾ چار قدم اڳتي وڌيس ته ٣ بزرگ سنڌي پوشاڪ ۾ هڪ جاءِ ۾ ويٺا آهن. جن ۾ هڪ اڪواڻ پيو سمجهان. مان اڳتي وڌي سلام ڇئي وڏي بزرگ جي

سامهون گوڏن ڀر ادب سان ويهي رهيس، عرض ڪيم ته ملهن جي نوڪري بحال ٿيندي؟ اهي لفظ ٻڌي گردن ڪٽي جهڪاياءِ ۽ مراقبه ۾ هليو ويو. برابر هڪ ڪلاڪ کان پوءِ مٿو مٿي ڪري فرماياءِين بحال ٿيندي. عرض ڪيم ته هي ڳالهيون ٿي گذريون آهن. فرمايائين آءٌ جو چوان ٿو ته بحال ٿيندي. آخر هڪ سال کان پوءِ وري نوڪري ملي وئي. پوءِ معلوم ٿيو ته اهو بزرگ خوشخبري ڏيندڙ لعل شهباز قلندر هو ۽ هڪ پهر يا هڪ ڪلاڪ مراقبي جي معنيٰ هئي هڪ سال.

(ماثرالڪرام صفحو ٢٨٧)

شيخ عثمان مرندي جي تاريخ وفات ۾ گهڻو ئي اختلاف آهي. سير قلندري ۾ لکيل آهي خميس ڏينهن عصر جي وقت ٢١ شعبان سن ٦٨٨ ۾ وفات ڪيائين سندس ڄمار ١٣٦ سال هئي. هڪ قطعه تاريخ سن ٦٥٠ ڏيکاريل آهي:

چــو شهبازِ مقدس لعل حضرت
شــده طائــر برحمت راز جنت
نموده فکــر تــاريـخ وصــالــش
ســروش غــيـبـم گفتــا برحمت
٦٥٠

حيات قلندري ۾ به سن ٦٥٠ لکي ٿو. جيئن هيٺين قطعه مان معلوم ڪري سگهجي ٿو:

بجــو تاريخ شمس الدين عثمان
بدرکن رنج از فلک کرامت
٥٣٨ (تاريخ ولادت)
ســن عمــرش ولی الله ــ وفاتش
١١٢

سروش غيب مي گويد برحمت
٦٥٠

رسالہ نسبت سادات سنڌ قلمي وارو لکي ٿو تہ:

وفات مخدوم محمد عثمان لعل شهباز بيست يکم (٢١) روز يکشنبہ بوقت عصر خمسين وستہ (٦٥٠) علي الاصح ٠

مفتي غلامسرور لاهوري گنج تاريخ ۽ خزينة الاصفياء ۾ لکي ٿو تہ سنڌس وفات سن ٦٧٤ ھ ۾ ٿي آهي. جيئن تہ هيٺيون قطعہ تاريخ ۾ لکيو اٿس:

چــو رفت ولي عثمان از دار دنيا
ز حــق ابــواب شــد بــرو بــاز
ز مخــدوم اجــل جــو ارتحــالش
٦٧٤
فــرمــا عــارف محبــوب شــهبــاز
٦٧٤

مير قانع ٺٽوي تحفة الکرام ۾ ۽ مقالات الشعراء ۾ سنڌس وفات جو سال ٦٧٣ لکيو آهي ۽ اهوئي صحيح سال آهي. مقالات ۾ لکي ٿو:

اين محقر متوسل نـگاه اهل الله چو عدد اسم گرامي اش را شمار گرفت در سال واقعہ دوازده کم بوده لهذا باين تعميہ دوبيت در واقعش گفتم.

چــون رفت سوئي جنان آن شيخ
کــو زبــده آل و پاک نام است
از هاتــف غيــب مــي شنيــدنــد.
عـثـمـان بـدوازده امـام اسـت
٦٧٣

## ٢٧٦- سيد شجاعت علي بکري

شجاعت بن سيد لطيف علي بکري. هو شاهجهان بادشاهه دهلي جي اميرن مان هڪ نامور امير ٿي گذريو آهي. ڪجهه وقت دوآبا ۾ جو فوجدار ٿي رهيو ۽ ڪجهه وقت قلعه ڪانگڙه جي نگهباني ۽ حفاظت لاءِ مقرر ٿيو.

شاهه جهان جي ٢٧ سال جلوس واري زماني ۾ سيد صاحب کي پيرانه ڪري نوڪري کان معافي ڏني ڪيس فريد آباد (يو. پي) جي پرڳڻي ۽ چار لک دام جاگير مقرر ڪري ڏني وئي ۽ کيس هزار ۽ پنج سئو سوارن جو منصب عطا ڪيو ويو.

شاهه‌جهان جي وفات ڪانپوءِ هو محي‌الدين عالمگير جي نظرعنايت جو حقدار ٿيو. شاهزاده محمد شجاع برادر عالمگير جي بغاوت ۽ جنگ جي موقعي تي ۽ شهزاده دارا شڪوه جي ٻئي جنگ وقت سيد صاحب حضرت عالمگير سان جنگين ۾ همرڪاب رهيو. عالمگير تخت نشيني جي ٻئي سال کيس شجاعت خان جو لقب عطا فرمايو. ان کان پوءِ هو چندا واهه جي قلعه داري تي مقرر ٿيو، دنيا و مافيها کان تعلقات ٽوڙي خاموش زندگي گذارڻ لڳو. ان کان پوءِ سندس وڌيڪ احوال معلوم ڪونه ٿي سگهيو نه ڇا ٿيو. (ماثرلامراء)

## ٢٧٧- سيد عبدالڪريم امير خان بکري

مير عبدالڪريم امير خان بن مير ابوالبقا امير خان بن مير ابوالقاسم نمڪين هروي بکري. هي خاندان هميشه کان وٺي مغل بادشاهن جي دربار ۾ عمدن خدمتن بجا آڻڻ جي مقبول ۽ مقرب رهندو

آيو هو، تنهن ڪري پنهنجي والد ۽ ڏاڏي وانگر حضرت محي الدين اورنگ زيب جي دربار ۾ پهچي، سڀ کان پهريان بادشاهه جي نماز پڙهڻ جي بندوبست ۽ مصلي وڇائڻ جي خدمت لاءِ مقرر ٿيو. ان کان پوءِ سنت ٿي، بادشاهه ۽ محلات جي چوڪيدارن جي نگراني ۽ نماز جي انتظام رکڻ سان ٻيو ڪم سندس حوالي ٿيا. بادشاهه هن جي خدمت ۽ سهڻي حاضري کان راضي ٿي مٿين حاضري جي ڪمن سان گڏ نقاش خاني جي نگراني به مير صاحب جي حوالي ڪئي.

آخر ۱۱۲۸ هه ۾ ڪنهن ڪوتاهي سبب بادشاهه کائونس ٿورو ناراض ٿي پيو جنهن ڪري نماز جو انتظام کائونس ڪسيو ويو.

۱۱۲۹ هه ۾ جڏهن بادشاهه زاده شاهه عالم بهادر حيدرآباد دکن تي ڪاهي اهو شهر ابوالحسن والي تلنگ تي فتح حاصل ڪئي تڏهن مير صاحب کي شاهزاده جي خدمت ۾ مقرر ڪيو ويو هو. حيدرآباد جي ٻاهران چٽن ڪوهن تي هڪ هلڪي جنگ ٿي جنهن ۾ مير عبدالڪريم کي سخت زخم رسيا، جنهن ڪري ميدان ۾ نهايت لاچاري واري حالت ۾ پيو رهيو. آخر ڪيس آتان ڪڍائي شاهزاده جي فوج ۾ پهچايو ويس، جتان محمد مراد نالي هڪ امير ڪيس پنهنجي گهر ڪڍائي ويو ۽ آتي سندس دوا درمل ڪيو ويو. صحت حاصل ڪرڻ کان پوءِ سندس ارادو هو ته سرڪاري ملازمت ڇڏي، گوشهنشين ٿي رهي، مگر بادشاهه جي پيغام پهچڻ تي خان جهان بهادر سان گڏجي شاهي دربار ۾ وڃي پهتو. (بادشاهه انهيءَ زماني ۾ ڏکڻ هندستان جي جنگين ۾ رڌل هو.)

انهيءَ زماني ۾ صوبه دکن جي محصول اگهارڻ لاءِ نيابت خان سان گڏ هن کي سرڪاري طرح انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيو ويو ۽ ازانسواءِ ڏنڊن وصول ڪرڻ جو ڪم به سندس سپرد ٿيو.

١١٢٣ هه محصول اگهاڙڻ جي حسن خدمت سبب بادشاهه کيس دربار ۾ گهرائي ملتفت خان جو خطاب عطا ڪيو. سرڪاري محلات جي آبداري جون خدمتون سندس حوالي هيون.

١١٣٦ هه دربار ۾ خاص حاضري جو شرف حاصل ٿيس ۽ هزاري جي بلند منصب تي وڃي پهتو ۽ بادشاهه جي طبيعت ۾ ڪافي اثر رسوخ حاصل ڪيائين جنهن ڪري نهايت خاص خلوت ۽ پرده داري واري حالت ۾ حاضري جو حڪم ٿيس. ١١٤٥ هه ۾ خانداني لحاظ سان مير جي لفظ سان بادشاهه سڏڻ لڳس. ان ڪان پوءِ ستت ئي مير خان جو خطاب حاصل ٿيس.

١١٤٨ ۾ پنهنجي موروثي لقب امير خان سان سرفراز ٿيو. انوقت بادشاهه فرمايس تہ اوهان جي والد کي جڏهن امير خان جو لقب ڏنو ويو هو، تڏهن هن هڪ لک رپيا حضرت فردوس مڪاني (          ) جي خدمت ۾ پيش ڪيا هوا، هاڻي بڌاءِ تہ تون ڇا پيش ڪري رهيو آهين؟

عرض ڪيائين، سو بار منهن جو ساهه اوهان جي ذات تان صدقي آهي، منهن جو تہ جان مال سڀ ڪجهہ اوهان سائين جن تي صدقي آهي.

ٻئي ڏينهن هڪ قرآن مجيد ياقوتي خط سان بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيائين، جنهن تي بادشاهه فرمايو تہ اهڙي شي عطا ڪئي اٿو جو دنيا و مافيها کان وڌيڪ ملهہ واري آهي. پوءِ ستت ئي سہ هزاري جي منصب تي وڃي پهتو. بادشاهه جي پوئين زماني ۾ ايتريقدر وڃي ويجهو ٿيو جو رات ڏينهن وقت بي وقت بادشاهه جي خدمت ۾ ويندو هو. ماثر عالمگيري ۾ آهي تہ هندستان جي ديواپور ۾ بادشاهه فوج سان لٿل هو، اتي بيماري سبب سندس طبيعت بگڙجي لڳي، بيماري

جو ايڏو غلبو ٿيو جو ڪڏهن بيهوشي بہ طاري ٿئي ٿي چمار ٩٠ سالن کي پهتل هئي ، جنهن ڪري ڇٽوطرف نا اميدي پکڙنندي رهي. ملڪ ۾ گڙٻڙ پيدا ٿيڻ جو خطرو نظر آيو ٿي. سيد عبدالڪريم امير خان نقل ڪيو تہ انهن بيماري وارن ڏينهن ۾ بادشاهہ آهستہ آهستہ چپن ۾ (نظامي گنجوي جا هي شعر) چئي رهيو هو :

بهشتاد و نــود چــون رسيدي
بسا سختي کہ از دوران کشيدي
و ز انجا چون بصد منزل رساني
بــود مرگي بصورت زندگاني

اهي شعر ٻڌي بادشاهہ جي خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرت سلامت! شيخ نظامي گنجوي انهن شعرن سان گڏ ٻيو هڪ شعر بہ ارشاد فرمايو آهي. جو هي آهي :

پس آن بهتر کہ خود راشاد داري
دران شادي خدارا ياد داري

بادشاهہ فرمايو تہ وري پڙهہ! ڪيترا دفعا مان انهيءَ شعر کي وري وري پڙهيو. اشارو ٿيو تہ لکي ڏي. لکي ڏنم. پوءِ انهيءَ کي گهڻو وقت پئي پڙهيائون ، جنهن ڪان پوءِ صحت ۽ طاقت ترقي ڪندي وئي. انهيءَ رات جي صبح جو مظلومن جي دانهن ٻڌڻ واري ڪچهري ۾ تشريف فرما ٿي، مير عبدالڪريم کي فرمايائون تہ اوهان جي بيت مون کي صحت ڪامل بخشي، منهن جي هيٺي بدن ۾ طاقت ۽ توانائي آندي آهي.

امير خان (عبدالڪريم) هڪ تيز فهم ۽ نڪتہ رس ۽ جلد ڳالهہ کي سمجهندڙ ۽ وڏو حاضر جواب فاضل ماڻهو هو.

بيجاپور جي گهيري وقت بادشاهه محفه ۾ چڙهي ڪاهي جي معائنه ڪرڻ لاءِ روانو ٿي اچي قلعه جي خندق ڀيا ڪاهي تي پهتو ۽ قلعي مان دشمن پاران خوب گولي باري ٿي رهي هئي، جي بادشاهه جي محفه مٿان لنگهي رهيا هوا.

مير عبدالڪريم ان وقت بادشاهه جي نماز جو انتظام رکڻ جو داروغو هو، تنهن ايڏي گوله باري هلندي فوراً هيٺيون مصرع تاريخ تيار ڪري:

فتح بيجاپور زودي مي شود

١٠٩٩

ڪاغذ جي ٽڪري تي موتي قلم سان لکي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيو. بادشاهه ان مان نيڪ فال وٺي فرمايو "خداڪند چنين باشد" يعني ته الله تعاليٰ شال ائين ڪندو. آخر انهيءَ هفته ۾ بيجاپور جو قلعو فتح ٿيو.

گولڪنده جي قلعي جي فتح ٿيڻ تي هيٺين ريت تاريخ مصرعه لکيائين:

فتح قلعه گولڪنده مبارڪ بادا

١٠٩٩

بادشاهه انهيءَ تي تمام گهڻي مهرباني فرمايس.

بادشاهه جي قرب ۽ پيار ڪري، هو هڪ اهڙي وڏي اوج کي پهتل هو جو ڪنهن کي به ڪجهه ڪري ڪين پائيندو هو. خاندان جا امير زادا ۽ ٻيا بلند مرتبي وارا ماڻهو هن جي نظرن ۾ ڪجهه به ڪين هوندا هوا، بلڪ سڀ ڪو ماڻهو هن جو محتاج هوندو هو، ڇاڪاڻ جو هن جو بادشاهه جي طبع ۾ سخت دخل هو.

پالڪي ۾ چڙهي بادشاهه جي دربار ۾ اچڻ جن ٻن چئن ماڻهن کي اجازت هئي، تن مان هڪ صاحب هي به هو. ان مان هن جي مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن بادشاهه جي دل ۾ ڪيتري قدر جاءِ حاصل ڪئي هئي.

بادشاهه جي وفات کان پوءِ پهريان شاهزادو محمد اعظم شاهه سان، ان کان پوءِ شاهزاده شاهه عالم بهادر شاهه تخت جو مالڪ ٿيو ته مير صاحب کي سه هزاري منصب عطا ٿيو، مگر بادشاهه جي زماني وارو نـاز نخرو بلڪل ڪونه رهيو. آخر اڪبرآباد (آگره) جي قلعه داري تي مقرر ٿي گوشه نشين ٿيڻ گهريائين، مگر منعم خـان خانخانان وزير اعظم جو مروت ۽ فضيلت ۾ بي نظير انسان هو، تنهن مير صاحب کي آگره جـو صوبيدار مقرر ڪري سندس قـدرشناسي ڪئي، مگر ان کان پوءِ ستت ئي معزول ٿي فقط قلعه دار ٿي رهيو. بادشاهه محمد فرخ سير جي وچ حڪومت واري زماني ۾ دهلي ۾ گهرائي شاهي حويلي جو داروغو مقرر ڪيو ويو. فرخ سير کي تخت تان لاهڻ کان پوءِ دهلي جي مغليه تخت تي باره جي سيد ڀائرن جو قبضو ٿي ويو هو. اميرالامراء حسين علي خان ۽ سندس ڀاءُ قطب الملڪ سموري سلطنت جا مالڪ هوا. قطب الملڪ سيد عبدالڪريم جي ڏاڍي رعايت ڪندو هو ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ تخت تي ويهاريندو هو. آنهن ڏينهن ۾ ئي (محمد شاهه جي شروع زماني ۾) دهلي ۾ وفات ڪيائين ۽ هڪ سؤ سالن جي چمار تائين هن جي قوت ۽ نظر ۾ ڪو فرق ڪونه آيو هو. پنهنجي والد وانـگي اولاد تمام گهڻو ڇڏي ويو، جي گهڻو ڪري قابليت جا مالڪ ڪونه هوا. دولت ۽ مال دهلي مان ڪٺي سنڌ ڏانهن هليا ويا. (ماثرالامراء)

۽ وڃي مٽيارين ۾ پنھنجن پوئين ڪتابن جي تڪميل ڪري. جنھن تي وري واپس آيو.

١٢ محرم سن ١٢٩٥ ھ مطابق ١٨٤٣ع جڏھن سنڌ تي انگريزن قبضو ڪيو، تڏھن مخدوم عبدالڪريم متعلوي ھن ملڪ کي دارالحرب سمجھي، پنھنجي اھليہ سميت مڪہ شريف ڏانھن ھجرت ڪئي ۽ پاڻ سان انھيءَ سفر ۾ پنھنجي پياري شاگرد قاضي حاجي عيسى کي بہ پاڻ سان ورتيون ويو. افسوس جو مخدوم صاحب ٻن سالن جي رھڻ کان پوءِ ١٢٦١ ھ ۾ مڪہ ۾ وفات ڪئي. حاجي عيسى خيال ڪيو تہ سندس اھليہ کي سنڌ ۾ واپس وٺي وڃي عزيزن کي پھچائي. مائي جي بہ اھا مرضي ھئي، مگر خواب ۾ مخدوم صاحب ارشاد ڪيس تہ شرعي عدت جا ڏينھن گذاري ان کان پوءِ سنڌ واپس وٺي وڃوس.

حاجي ھڪ ذھين عالم ھو. ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي حرمين جي عالمن کان علم حديث جي تحصيل شروع ڪئي. حج ڪندي، برابر ھڪ سال علم حاصل ڪندي گذري ويس. سنڌ ۾ جو منطق ۽ معقول جو ڪوبہ رواج ڪونہ ھو. انھيءَ فن ۾ بہ گھٽائي ڪتاب پڙھيائين. حديث جي سمورن ڪتابن جي سند شيخ عمر محدث حدودي يمني کان حاصل ڪري، ان کان پوءِ پنھنجي استاد جي اھليہ محترمہ سميت اچي مٽيارين ۾ وارد ٿيو.

حاجي عيسى، جو اڳ حنفي فقہ جو وڏو عالم ھو، سو سنڌ ۾ موٽڻ وقت علم حديث ۽ منطق ۽ معقولات جو وڏو عالم ھو. ھو حنفي مذھب جو پيرو ھو، مگر مذھب جي تقليد واجب ڪانہ ڄاڻندو ھو، پر صحيح حديث جي حڪم کي سڀ کان مقدم سمجھندو ھو. ان زماني ۾ سموري سنڌ ۾ سندس ھمخيال فقط ھڪ ٻي عالم ھو. يعني

قاضي حاجي عثمان نوشهرائي . جنهن سان آئنده هلي گهاٽا دوستانا لاڳاپا ٿيس.

ان زماني ۾ خواجه محمد حسن مهاجر مڪي سجاده نشين درگاه شريف کي پنهنجي فرزند خواجه محمد سعيد صاحب جي تعليم لاءِ هڪ وڏي عالم جي ضرورت هئي، جو خصوص الحڪم محي الدين ابن عربي جي ڪتاب جي تعليم ڏئي سگهي. سڄي سنڌ مان حاجي عيسى جي معقول ۽ منقول جي جامع هجڻ جي واڪاڻ ٻڌي، کيس پاڻ وٽ گهرائي ورتائين ، جتي رهي هن وڏي عالم خواجه محمد سعيد کي تعليم ڏني . لواري جي عظيم الشان ۽ بي نظير قلمي ڪتبخاني مان بيحد فائدا حاصل ڪيا. لواري کان پوءِ ڀريان نوشهرو فيروز تعلقي جي ڳوٺ جلباڻي ۾ اچي رهيا ۽ ان وقت قاضي عثمان پاڻ وٽ نوشهره ۾ رهڻ لاءِ زور آندو ، مگر ستت جناب پير سيد حزب الله شاهه پاڳاري ، هن بزرگ کي پنهنجن فرزندن جي تعليم لاءِ پيرڳوٺ گهرائي ورتو ۽ آئي تمام گهڻي احترام سان صاحبزادن کي تعليم ڏيندو رهيو. جن مان پير علي اصغر شاهه ، تخلص علي ، سمورا ڪتاب پڙهي فضيلت جي درجي کي رسيو. پيرڳوٺ ۾ حضرت پير سائين، روضي ڌڻي جو وڏو ڪتبخانه هو ، جتان پڻ حاجي صاحب تمام گهڻو پرايو. سنڌ جي عالمن ۾ هڪ وڏي معلومات وارو لائق ۽ فائق شمار ٿيڻ لڳو. سندس مُهر جو نقش هي آيت هئي :

”لن يستنڪف المسيح ان يڪون عبداً لله“

پير ڳوٺ جي رهڻ واري زماني ۾ ڳوٺ منگر جي لڳ پير ڳوٺ جي هڪ بزرگ حافظ حاجي فيض الله پيرزاده پنهنجي ڀيڻائي سان شادي ڪرايس جنهن جي پيٽ مان مولوي فيض الڪريم تولد ٿيو. ان کان پوءِ ڳوٺ ساند تعلقي ڪنڊياره کي هميشه لاءِ پنهنجو وطن بڻائي اچي

رهيو، جتي ڪيترن ئي شاگردن ڪاڻونس فيض پرايو، جن ۾ نوشهري جا قاضي مشهور آهن. سندس مشهور شاگردن مان مولانا عبداللطيف حيدرآبادي ۽ مولانا عبدالغفار محدث لغاري ميرپورماٿيلو ۽ مولوي قاضي عبدالڪريم ولد قاضي حاجي عثمان نوشهرائي آهن. هو طريقت ۾ پير سيد رشيدالدين راشدي صاحب العلم ثالث جو بيعت ٿيل هو ۽ خواجه عبدالقيوم قنڌهاري مجددي سان به سندس صحبتون هيون.

هن بزرگ ٩٠ سالن جي ڄمار ڪي پهچي ساندن جي ڳوٺ ۾ ماه ذي القعد سن ١٢٩٤هه ۾ وفات فرمائي، ملاءُ لاعلي جي جوار رحمت ۾ وڃي شريڪ ٿيو. سنڌ جي مشهور شاعر سيد غلام محمد شاهه صاحب گدا سندس تاريخ وفات ۾ هيٺيون قطعه ارشاد فرمايو آهي:

جناب مولوي عيسى گرامي
محدث با عمل "دُرِّ" عظامي
بزهد و ورع و تقوىٰ بود آية
بعلم و عمل صالح نيک سيرت
چو عزم سفر کرده سوئی جنت
فتاده از مقدمش غلغل برحمت
شنيدم از ملک سرًا وَ جهرًا
جزاک الله فی الدارين خيرًا

١٢٩٤

## ٢٧٩- قاضي عثمان محدث نوشهرائي

عالم، محدث، صوفي عثمان بن محمد شريف نوشهرائي. ننڍپڻ ۾ هن مٽيارين جي مدرسه ۾ مخدوم عبدالڪريم مهاجر کان علم حاصل

ڪيو. اچا پورو جواني کي پهتو ئي نه هو ته مڪه شريف روانو ٿي ويو. مڪه ۾ الڳ سنڌس پياءُ ميان حبيب الله مهاجر اڳ ۾ هجرت ڪري وڃي مقيم ٿيو. هو هڪ وڏو عالم ۽ محدث ۽ موحد هو. انهي زماني ۾ شيخ محمد بن عبدالوهاب نجدي جو حرمين جي بعض عالمن تي موحدانه ڪافي اثر موجود هو. سنڌس پياءُ به انهيءَ رنگ ۾ رنگيل هو.

حاجي قاضي عثمان جو هڪ سنڌي فقير هو، تنهن پنهنجي پياءُ جي خيالات ۽ اثرات ۽ اعتقاد قبول ڪرڻ کان سخت پاسو ڪيو ۽ انڪار ڪندو رهيو، جنهن تي محدث حبيب الله چيس ته تون ڪعبةالله جي آڏو هي دعا پڙهي پوءِ انتظار ڪر ته ڇا نتيجو نڪري ٿو. "اللّٰهم ارناالحق حقا وار زقنا اتباعه وَ ارنا الباطل باطلاً وار زقنا اجتنابه" يعني ته ياالله اسان کي حق پوري جلوي سان ڏيکار ۽ ان جي تابعداري نصيب فرماءِ ۽ باطل يا ڪوڙ کي ڪوڙ واري شڪل ۾ ڏيکار ۽ ان کان بچاءِ! آخر ان دعا جو اهو نتيجو نڪتو جو قاضي عثمان جو علم حديث جي تحصيل ڏانهن توجه ٿيو. مڪه شريف جي محدثن کان حديث حاصل ڪري، پوءِ يمن جي مشهور عالم قاضي محمد بن علي شوڪاني (متوفي ) جي خدمت ۾ صنعا ۾ پهچي صحاح سته جو دورو پورو ڪيائين. پورن ويهن سالن کان پوءِ هو دوباره سنڌ موٽي آيو. پهريائين پنهنجي اصلي ڳوٺ ڪاهي تعلقه نوشهره ۾ اچي رهيو. ان کان پوءِ نوشهره جي قاضين جي تقاضا سان نوشهره ۾ اچي رهيو.

هن بزرگ جو يادگيرو ايڏو زبردست هو جو صحاح سته ۽ ٻيا سمورا ڪتاب ياد هوندا هوس، جنهن ڪري هن جي علميت جو وڏو شهرو ٿيو.

هو ظاهر ۾ حنفي مذهب جو پابند هو، مگر تقليد کي ڪجهه به

ڪري نه سمجهندو هو، جنهن ڪري سند جا حنفي ڪائونس ڏاڍا چڙيل ۽ ناراض رهندا هوا . بلڪ سندس استاذ مخدوم عبدالڪريم پنهن جن شاگردن ڪي سائس ملاقات جي منع ڪري ڇڏي هئي، جن مان حاجي عيسي سانڌائي ڪان روايت آهي ته هو جڏهن مڪه شريف مان موٽي آيو ۽ سندس استاذ مخدوم مهاجر وفات ڪري چڪو هو ته اچي قاضي عثمان سان مليو. چا ڏسي تہ هو هڪ زاهد صوفي ۽ محدث نيڪ زندگي بزرگ هو . جنهن ڪان پوءِ پنهن جا هميشه لاءِ هرخيال هجڻ ڪري ڏاڍا گهاٽا لاڳاپا رهيا ۽ قاضي عثمان وفات ڪان پوءِ سندس فرزندن جي سنڀال حاجي عيسي ڪندو رهيو.

مرحوم قاضي عبيدالله ولد قاضي (      ) مون ڪي روايت ڪئي، سا هتي پرڳڻي جومالڪ جنهن زماني ۾ ميرعلي مراد خان هو، ته ان وقت نوشهره فيروز جي لڳ هو صاحب شڪار لاءِ آيل هو ، منهنجي والد (قاضي عثمان) جي علميت ۽ پرهيزگاري جي شهرت ٻڌي ، پاڻ وٽ گهرايائينس. تمام مزيدار علمي مباحثا هليا. قاضي صاحب جي امتحان لاءِ هڪ نوڪر ڪي اشارو ڏنو تہ قاضي ڪي پيران پير جي نالي واري مٺائي آڻي ڏيو. قاضي صاحب مير صاحب ڪي صاف فرمايو ته غير خدا جي نالي واري شئي مطلق حرام آهي ، تنهن ڪري منهنجي سامهون ٿي نہ آڻيو. مير صاحب سندس پختہ اعتقادي ڪان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهي علائقي جي ۾ وجہ معاش جو ٿورو زمين جو ٽڪرو جاگير طور عطا ڪيائينس ۽ جنهن جو بروقت پروانو لکيو ويو، مگر جڏهن ساهتي پرڳڻو مير صاحب ڪان ڪسي برٽش حدن ۾ آندو ويو ، تڏهن قاضي صاحب انهيءَ جاگير ٽڪري تان دست بردار ٿي ويو.

قاضي عثمان جي همعصر علمائن مان مولانا نورمحمد شهدادڪوٽي، مخدوم حاجي فضل الله پاٽائي، حڪيم غلام محي الدين سيوهاڻي جا سائس

علمي مناظرا ۽ مباحثا رهيا. هن لاءِ مشهور ڪيو ويو هو ته امامن مجتهدن کي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو پر حقيقت ائين نه هئي. هو فقط امامن جي تقليد کي واجب يا فرض ڪونه سمجهندو هو ۽ بس، تمام وڏي ڄمار ۾ محرم سن ١٢٩٤ ۾ وفات فرمائي ويو. ڪنهن شاعر سندس تاريخ وفات هيٺين مصرعي ۾ مان ڪئي آهي.

"بگفتا، نهان ماند گنج عظيم"

## ٢٨٠- مولوي عبدالڪريم محدث نوشهرائي

محدث عبدالڪريم ولد قاضي حاجي عثمان نوشهرائي، ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي والد بزرگ جي حياتي ۾ عيسي محدث وٽ علوم پڙهيائين. علم حديث ۽ فقه ۾ يڪتا زمانه ٿيو. سندس معاصرين سان جدا جدا تحقيقي مسئلن تي وڏا وڏا تحريري مناظرا رهيا. نواب سيد صديق حسن خان ڀوپالي محدث سان خط ڪتابت جي ذريعي لاڳاپا رهيس، جنهن ڪري هن صاحب جي سموري تصنيفات سندس ڪتب خانه ۾ جمع ٿيندي رهي.

سموري زندگي مجرد گذاريائين، رات ڏينهن سفر حضر ۾ ڪتابن جي مطالعي جو شغل جاري رکندو آيو. سفر جي حالت ۾ ٻه هڪ خرزين ڪتابن جي گهوڙي تي رکي سفر ڪندو هو ۽ جتي رات پيئي اتي ڪتابن جي ملاقات جو شغل جاري رهيو. هن کي معتقدن يا مريدن مان جيڪا آيت ٿيندي هئي، سا سموري ڪتابن جي خريداري تي خرچ ڪندو رهيو. هڪ وڏو ڪتب خانو پنهنجو يادگار ڇڏي وفات ڪري ويو. سندس وفات سن ١٣٢٢ هجري ۾ نوشهري ۾ ٿي ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو. ڪتابن بابت وصيعت ڪري ويو ته هن کي ٻن

حامی اسلام دین هم نافذ شرع متین
هادی هر مسلمین هم سالکان را پیشوا
مطلع انوار عرفان مخزن اسرار حق
گمرها را رهنماؤ واقف ملت هدا
زین جهان چون کرد رحلت سوئی فردوس برین
وجد کرده حور و غلمان گفت رضوان مرحبا
روز پنجشنبه که بود چار ده ماه رجب
داد رضوان با خلیفه باغ این خوشتر ندا
از پئی سال وصالش گفت فضل الله بگو
نیز از ظل الاهی گودگر ظل هما
٩٤٦ ٩٤٦

(انوار قلندري)

## ٢٨٣- پير شهرالله قريشي بکيرائي

پير شهرالله قريشي شيخ بهاولدين ملتاني جي اولاد ۾ سنڌ ۾ پير فاضل شاهه وٽ اچي رهيو، جنهن کي پير فاضل شاهه پنهنجي نياڻي جو سنگ ڏئي دامادي سان نوازيو. پير فاضل شاهه جي وفات کان پوءِ سندس وصيت موجب گادي نشين ٿيو ۽ ٿوري ئي زماني ۾ هن بلند درجي واري بزرگ پنهنجين پڌرين ڪرامتن ۽ ڪامل نشانين سان شهرت حاصل ڪئي ۽ آمري وارو وڻ ساڳي ريت پنهنجي سلسلي جي ... جي حوالي رکندو آيو.

هن بزرگ کي ٻه فرزند ڄاوا (١) شاهه سراج الدين (٢) شاهه قائم الدين. پير شهرالله قريشي جي وفات کان پوءِ سندس فرزند قائم الدين

گادي تي ويهڻ کان پوءِ لاولد فوت ٿي ويو. ان کان پوءِ سندس ڀاءُ سراج الدين گادي نشين ٿيو. هو تمام عقلمند ۽ زمانہ شناس هو، جنهن کري بادشاهہ دهلي جي دربار ۾ وڏو اثر پيدا ڪيائين.

صوفي عنايت الله جهوڪ واري سان جيڪا جنگ ٿي، تنهن ۾ پير سراج الدين قريشي جو بہ هٿ هو، چاڪاڻ جو هو ان وقت دهلي ۾ هو ۽ بادشاهہ فرخ سير کي صوفي جي برخلاف ڏاڍو برانگيختہ ڪيائين. سراج الدين ٻہ فرزند ڇڏي وفات ڪئي. (١) فاضل شاهہ (ثاني) (٢) مهر شاهہ. فاضل شاهہ لاولد گذاري ويو ۽ مهر شاهہ گادي نشين ٿيو، جنهن بزرگانہ نموني نيڪ نالو ڇڏيو. ان کان پوءِ سندس فرزند قائم الدين وڏن جو قائم مقام ٿيو. (تحفت الڪرام)

## ٢٨٤- پير قائم الدين قلندر بڪيرائي

مجذوب مزاج، ڪرامتن جو مالڪ، پير قائم الدين قلندر جو نسب نامہ هيٺئين ريت آهي. قائم الدين بن مهر شاهہ بن سراج الدين بن شيخ شهر الله بن شاهہ اسماعيل بن قطب الدين بن فتح محمد بن شاهہ ڪبير بن شيخ بهاؤالدين ثاني ملتاني بن شهر الله اول بن شاهہ يوسف بن عماد الدين محمد بن رڪن الدين اسماعيل بن صدر الدين محمد بن عماد الدين شهيد بن شيخ صدر الدين محمد عارف بن شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني اسدي هاشمي رح.

سندس والده جو نالو بي بي نهال خاتون بنت پير پيرمحمد ڪلان غوث پوٽو. ولادت تخميناً سال ١١٤٠ ڌاري وڃي ٿي. هن جي ڄمڻ کان اڳ ڪن بزرگن ڄمڻ تہ ان وقت جي سجاده نشين درگاهہ غوثيہ ملتان مخدوم بهاون شاهہ ۽ مخدوم ڪاهو بڪيرائي ۽ ٻين هن جي

هندن تي هن بزرگ جي واکاڻ ڪئي آهي. جيئن ته فرمائي ٿو:

ڪونيو قائم الدين، ڪواٽا واٽون ڪري
بيٺو مهر شاهه جو آهي، اصلي امين
جنهين جاءِ يقين، تن آڏو شاهه عنايت ڇٽي.

---

بادشاهه بڪيرن ۾ متشرع موچار
آل قريشي اڳرو، ذات ڏنس ڏاتار
قلندر قائم الدين قرار، اصل ڪيو ايمان جو.

قائم الدين شاهه قلندر ٧٥ سالن جي ڄمار کي پهچي هن دنيا فاني مان ١٣- شعبان المعظم سن ١٢١٥ هه ۾ رحلت فرمائي ويا. سندس وصيت موجب خليفو شفيع محمد مينهين راڄي خاناڻي واري غسل ڏنو ۽ هزارين ماڻهو جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا. هو لاولد فوت ٿيو هو، جنهن ڪري سندس پاڻتيو پير امام بخش پالڪي وارو گادي تي ويهاريو ويو. قطعات تاريخ وفات ڪن شاعرن جا هيٺ درج ڪجن ٿا:

## از ميان نور محمد سينهون راڄو خاناڻي

صاحب تاج و لواؤ مسند و معراج تخت
هادي و مهدي قريشي، هاشمي اعلي درخت
قطب عالم قائم الدين يک دل و قيوم وقت
گفت هاتف سال تاريخ و وصال نيک بخت
١٢١٥ هه

## از قاضي عبدالرحيم آسي ٽنڊو سائينداد

مظهر نور الاهي در درياڻي ڪرم
شاهه قائم الدين قلندر واقف لوح و قلم

تارک الدنیا و آل پاک غوث العالمین
پیشوائی عارفان محبوب شہ عرب و عجم
از وجودش شد بکیرا رونق خلد برین
آستاني بوسي نما یندش ملائک دمبدم
آه از جور فلک بیداد از دور زمان
ماه کامل معرفت رابر در برج عدم
چون بجستم سال رحلت آن سخی مقتدا
١٢١٥ ھ
هاتفم گفت این سخن آ ندم مرابي کاست و کم
سیز دهم شعبان مکرم یوم ثلثا بعد فجر
روئی انور محفل آرا گشت بستان ارم
رحمت رب العلا نازل بروح و مرقدش
میشود آسي بیاپي، زن رقم براه ختم
(اختصار از رسالہ انوار قلندري)

# ٢٨٥- پير امام بخش شاهہ قريشي بڪيرائي

پير امام بخش عرف صديق محمد ولد پير شمير شاهہ قريشي اسدي هاشمي پير قائم الدين قلندر جي لاولد فوت ٿيڻ ڪري سندس وصيت موجب انهيءَ گادي جو سجاده نشين ٿيو. ننڍي ڄمار ۾ قلندر صاحب جي سائس محبت ۽ پيار هو ۽ ڪيترا دفعا هن جي حق ۾ [illegible] چڪا هوا، ته هو اسان جو جاءِ نشين ٿيندو. قلندر جي تربيت ڪري هو صاحب نڍپڻ ۾ ئي دنيائي معاملات ڪري تصوف جون منزلون طئہ ڪندو رهيو ۽ ڪيتريون ڪرامتون، سندس هٿ ۽ زبان تي ظاهر

ٿيون. پير محمد اشرف ڪاماري شريف وارو ۽ پير غلام محي الدين جيلاني راڻيپور وارو ۽ خليفو محمود نظاماڻي ڪڙيءَ وارو سندس همعصر ۽ بيحد ادب ۽ عزت ڪندڙ هوا.

هي صاحب سفر جي وقت ڏولي ۾ سواري ڪندو هو جنهن ڪري هن کي ڏوليءَ وارو يا ڏولي ڌڻي ڪري سڏيندا هوا. عام طرح هي مشهور ڳالھ هو ته جيڪو ماڻھو سندس ڏوليءَ کي ڪلھو ڏيندو، تنهن تي دوزخ جي باھ حرام آهي. انهيءَ ڪري عام ماڻهو ته ڇڏيو، پر ڪي پير ۽ مشائخ به سندس ڏوليءَ کي ڪلهي ڏيڻ جي آرزو رکندا هوا. لاڙ جي علائقي ۽ خاص طرح ٿرپارڪر ضلع ۾ غوث جي خاندان جا بي شمار مريد آهن، جنهن ڪري انگريزن جي اوائل حڪومت ٿرپارڪر جي ڊپٽي ڪمشنر مسٽر ٽروٽ صاحب، پير صاحب وٽ پنهنجو بيحد اعتقاد ڏيکاريندو هو ۽ بڪيرن ۾ اچي رهندو هو، ۽ خدمتون بجا آڻيندو هو. ڏولي واري جون ڪرامتون رسالہ انوارقلندري ۾ گهڻي انداز ۾ بيان ٿيل آهن، جنهن مان هن جي منزل ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

انوار قلندري جو مؤلف سيد علي ڪڇي لکي ٿو ته:

”هي سگهورو چشمہ آب حيات هو، جو هزارن طريقت جي اڃايلن کي آب رحمت سان شاداب ڪيائين. هي سگهورو باد صبا هو، جو هزارين ويرانن باغن کي بهشتي نمونو ڪيائين. هي سگهورو نوراني ڏيو هو، جو پنهنجي نور فيض ظهور جي پرتوي سان، جهان کي منور ۽ روشن ڪيائين. دنيا ۽ دنيا وارن جي ڪجھ بہ پرواھ نہ رکندڙ هو بلڪ هميشہ محبت الاهي جي استغراق ۾ رهندو هو.“

انهيءَ پير صاحب ڏوليءَ واري ١٤- جمادي الاول سن ١٢٨٣ هه

حقيقي مالڪ جي سڏ تي لبيڪ چئي ، ابدي حياتي جي شراب طهورا جو جام نوش فرمائي ، هن دنيا مان لاڏاڻو فرمائي ويو.

## قطعه تاريخ وفات

دريغ آن امام بخش شاهِ سرير
بظاهر فقير و بمعني امير
ز دير کهن چونکه شد مرتحل
بباغ جنان گشت آندم ميرِ
بباغ فضيلت گل با صفا
بچرخ سعادت چو بدر منير
ملک سيرت و سعيد ذي شرف
هميشه خداوند او را نصير
ز اولاد امجاد غوث زمان
هم بود از آل پيران پير
چو جستم سن رحلت آنجناب
بگفتا سر و شم قطب بي نظير

١٢٨٣ ھ

(ماخوذ از انوار قلندري)

## ٢٨٦- پير علي محمد قريشي غوث پوڙو

علي محمد ولد فتح محمد اصلي شاهبندر (ضلع ڪراچي) جو رهاڪو هو. پنهنجي والد جي وصيت موجب هو سهروردي طريقي جي راهه و رسم حاصل ڪرڻ بدين واري پير احمد شاهه وٽ اچي

ايندا ۽ ملاقاتيون ڪندا هوا. هو پير امامبخش ڏوليءَ واري جو سڱ ۾ سوٽ هو.

سون ماڻهن کي سندس دعا ۽ توجه ڪري فائدا ۽ فيض حاصل ٿيا. سموري ڄمار مجرد ۽ بنا شاديءَ جي رهيو ۽ انهيءَ حالت ۾ وڏي ڄمار کي پهچي وفات ڪيائين. يعني ته ٥ ماهه ذوالقعد ١٢٨٢ ھ ۾ هن دار فاني کي الوداع چئي دار جاوداني ۾ وڃي آراميو. سندس مقبري تي خليفي طاهرمحمد ڪاٺ پانهنجي هڪ گنبذ جوڙايو ۽ اڄ تائين انهيءَ خاندان جا ماڻهو قبر جا مجاور آهن. (اذڪار قلندري)

## ٢٨٧- مير مرتضيٰ نصرپوري

رضوي ساداتن مان نوجوانيءَ جي زماني ۾ ٿي هن تي خاص ڪيفيت طاري ٿيل هئي. هڪ دفعي پير قائم الدين قريشي قلندر بکيرائيءَ پنهنجي جماعت کي فرمايو ته نصرپور ۾ هڪ شخص ولادت جي درجي کي قلندري نسبت درجي ۾ پهتل آهي، مگر اڃا پنهنجي حال کان بي خبر آهي، مگر جڏهن هتان ٿي ويندو، تڏهن ان کي قلندري حال جي خبر پوندي. هڪ ڏينهن سيد مير مرتضيٰ گهوڙي تي سوار ٿي تير ڪمان کڻي اچي قائم الدين قلندر وٽان، بکيرن جي درگاهه وٽان اچي لانگهائو ٿيو ۽ ڪبوترن جي هڪ ڏولي کي تير اڇلايو. مگر اهو گسي ويو. فقيرن کي چيائين تير کڻي ڏيوم. فقيرن چيو ته هڪ ته هن شخص بي ادبي ڪري درگاهه جي پکين کي تير هنيو آهي، ٻيو وري اسان کي حڪم ڪري ٿو ته تير کڻي ڏيوم. مگر قائم الدين قلندر صاحب فرمايو ته تير کڻي ڏيوس. هن اسان جي پکين

انهيءَ نانڪ جي متان اڇي پيا جو هڪ تمام ٿلهو ۽ ڏگهو ڦڻ ڪڍيو ڪر ڪنيو بيٺو هو. شيخ هوتي پنهنجي نظر اهڙي طرح انهيءَ نانڪ تي اڇلائي، جو هو آتي جو آتي مري ويو.

( ارشاد الطالبين )

(۴) چون ٿا ته هن بزرگ جڏهن هن دنيا فاني مان لاڏائو ڪيو، تڏهن سندس جنازه نماز ۾ جيڪي ماڻهو شريڪ ٿيا، تن مان هڪ جو بيان آهي ته شيخ هوتي ساڻس ڪلهو ڪلهي ۾ صف ۾ بيٺو هو. انهيءَ ماڻهو چيس ته اوهان وري پنهنجي جنازي تي نماز پڙهو ٿا؟ شيخ هوتي چيس ان لاءِ توکي حيران نه ٿيڻ گهرجي، اسان کي جيئرو سمجهه!

( تحفت‌الڪرام و ارشاد الطالبين )

شيخ هوتي جو مقبرو ڊنڊ جي ڪناري مورياڻي جي مقام ۾ آهي. جو دريا سانگري جي ڪناري تي آهي.

( تحفت‌الڪرام و ارشاد الطالبين )

هن وقت انهيءَ حد جو نالوئي ديهه مشائخ هوتي تي چڪو آهي موريائي وغيره نالا نابود ٿي ويا آهن. سانگره ندي ڦٽي وئي آهي. مشائخ هوتي شهدادپور تعلقه ضلع نواب شاهه ۾ آيل آهي.

شيخ احمد ۽ شيخ محمد سندس ٻه فرزند وڏا بزرگ نامدار ۽ وڏن ولين مان ٿي گذريا آهن. شيخ احمد هميشه مجاهدن ۽ ذڪر ۾ لڳل هوندو هو. هڪ لحظو به الله جي ذڪر کان واندو نه هوندو هو. شغل باطني ۽ ڪمال قرب ڪري ظاهري عبادتن سان گهٽ لاڳاپو رکندو هو. هنن ٻنهي ڀائرن جون ڪرامتون سمجهه ۽ ڳالهائڻ کان وڌيڪ آهن. سندن مقبرا پنهنجي والد جي لڳولڳ ساڳي جاءِ تي آهن.

( تحفت الڪرام )

کان پوءِ سندس مشهوري جو غلغلو بلند ٿيڻ لڳو ، وفات کان پوءِ ڀات ڀات جا ماڻهو سندس مقبري تي اچڻ ٿا.

هر سال هڪ خاص ڏينهن تي هندو زالون سموري سنڌ مان آتي اچي گڏ ٿين ٿيون. ڪنهن پردي يا شرم کان سواءِ هو عجيب عجيب حرڪتون ڪنديون آهن. لال اڏيري جو نالو وٺي ، جيڪڏهن ڪي ماڻهو آنهن سان گڏجي نچندا آهن. هندو زالون پنهنجي مردن وغيره جو ڪوبہ خيال ڪونہ ڪنديون آهن. (تحفت الڪرام)

شيخ بهاءُ الدين زڪريا جي مريد هجڻ واري حالت ۾ شيخ طاهر لال اڏيرو ۷ صدي جي رجالن مان سمجهڻ گهرجي. اگرچہ هن جي تاريخ وفات ميسر نہ ٿي آهي.

اڳ جنهن نموني هندو زالون نهايت بي پردگي سان لال اڏيري تي پٽ حاصل ڪرڻ لاءِ حرڪتون ڪنديون هيون ، جنهن جو مير علي شير ذڪر ڪيو آهي. اڄ ڪلهہ سڌريل زماني ۾ اهي رسمون تمام گهٽجي ويون آهن ۽ هندن ۾ ڪافي بيداري اچي چڪي آهي.

ملا علي ٺٽوي شيخ طاهر اڏيري لال جي شان ۾ هڪ ننڍو قصيدو لکيو آهي ، جو درگاهہ تي هڪ پٿر مٿان اُڪيرايو ويو هو. (مگر هن وقت اهو قصيدو ۽ پٿر ضايع ٿي ويا آهن) قصيده هي آهي:

آن گوهر بحر وحدت حق
پروانہ نور شمع مطلق
گنجور كنوز بادشاهي
منظور عنايت الاهي
مقبول مقربان درگاهہ
يعني کہ اڏيره بن رتن شاهہ

از فیض زیارتش همه غـم
واکرده ز جان جملـه عالم
(مقالات شعراء)

هن نظم مان پڌرو آهي ته سندس والد جو نالو "رتن شاهه" هو.
والله اعلم بالصواب.

## ٢٩١- شيخ نوح کيبراڻي

درويش نوح قوم جو هوتياڻي سواءِ ڪنهن نام نمود جي خاموش وقت گذاريندو رهيو. سموري زندگي ٻڪرين چارڻ ۾ گذاريائين. هو وڏو عارف ولي ڪرامتن ۽ ڪشف جو مالڪ هو.

نقل آهي ته هالن ۾ هميشه مخدوم نعمت الله مخدوم نوح جي والد بزرگ جي خدمت ۾ اچي ڪجهه نه ڪجهه نذر نياز ڏئي ويندو هو. جڏهن مخدوم نوح پنهنجي والده جي پيٽ ۾ سنجريو، تڏهن درويش نوح هوتياڻي جو ڪجهه به هديو آڻيندو هو سو مخدوم نعمت الله جي خدمت ۾ پهچائڻ جي بجاءِ مخدوم نعمت الله جي حويلي ۾ پهچائي ڏيندو هو. مخدوم نوح جي ولادت کان پوءِ درويش مخدوم نعمت الله وٽ پهچي فرزند جي مبارڪ باد ڏئي ۽ مخدوم نوح جو ٻارڙو هو، ان کي ڏسي، سندس قدم بوسي ڪري پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڪيبري (جو هالن کان توري مفاصلي تي آهي) واپس هليو ويو. ان کان پوءِ ستت ئي وفات ڪري ويو.

ڄام جونو سمه جڏهن ٺٽي جو حاڪم ٿيو، تڏهن هن پنهنجن ٻن عزيزن ڄام صلاح الدين ۽ ڄام تماچي کي، دهلي جي بادشاهه کي

چغلي ڪري آتي قيد ڪرايو هو. هو ٻئي دهلي ۾ (سلطان فيروز تغلق وٽ) ڪيترو ئي وقت قيدي هوا.

آخر هو پنهنجي عقلمندي سان قيد مان ڇوٽڪارو لهي سنڌ ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن ڪيبرن جي ڳوٺ وٽان لانگهائو ٿيا تہ هڪ درويش (نوح هوتياڻي) کي عارفانہ صورت ۾ ويٺو ڏٺائون. ٻئي ڄڻا سندس پيرن تي ڪري، بيحد نيازمندي سان پيش آيا. ۽ پنهنجي تڪليفن ۽ حڪومت ڪان برطرف ٿيڻ جو سمورو احوال پيش ڪيائون. درويش کين دلجاءِ ڏيندي فرمايو تہ ٻہ چار ڏينهن ٿيا آهن، جو آءٌ پکين جي واتان ۽ وڻن جي پنن مان اهو آواز ٻڌي رهيو آهيان تہ سنڌ ۾ ڄام تماچي جي حڪومت آهي ۽ ڄام جوڻي جو خاتمو ٿي چڪو آهي. جڏهن اِهي ٻئي ٺٽي ۾ پهتا تڏهن ڄام جوڻو سَتت ئي وفات ڪري ويو ۽ سنڌ جي حڪومت ڄام تماچي جي حوالي ٿي، جنهن کان پوءِ ڄام سما هميشہ شيخ نوح هوتياڻي جا معتقد ٿي رهيا. شيخ جي وفات (سن ) ۾ ٿي ۽ سندس مقبرو ڪيبرن ۾ مشهور معروف آهي. (ارشادالطالبين وحديقت الاولياء)

# ٢٩٣- پيرو پنو ديولي

اصلي نالو حسين بن راڄپار بن ڪاهو بن سخير بن سخيرو قوم ايلان، سندس والده جو نالو سلطاني ڌي مراد بن شرفو.

وڏو اولياء ۽ تمام شرف وارو واصل بالله هو. هن جي واڪاڻ ۾ ڪنهن کي حوصلو آهي جو ڪجهہ ٿورو بہ بيان ڪري سگهي. سنڌ ۾ ايڏي ڪماليت وارو انسان ڪو گهٽ پيدا ٿيو هوندو.

(تحفت الڪرام)

مهمان هو، جنهن بزرگ مجذوب جي ايڏي ڏکهي ننڊ جو احوال معلوم ڪري هيٺ لهي آيو. متن ڪان ويهي فرمايائينس: او مست! اها ننڊ ڪنهن ڪان سکيو آهين، ڇو تہ تنهنجي ننڊ اسان جي جاڳڻ ڪان بہ ڀلي آهي.

”آنچہ تو در خواب داري، مارا در بيداري نيست“

سنڌ تي جڏهن نادر شاهہ ڪاهہ ڪئي، ان زماني ۾ هي درويش ننڍ مان گم ٿي ويو. پوءِ پتو نہ پيو تہ مئل آهي يا جيئرو.

اهو واقعو ۱۱۵۲ هہ ۾ ٿي گذريو. (تحفت الڪرام)

## ۲۹۴- سيد رڪن الدين متعلوي

متوڪل، عارف ڪامل، سخي سيد رڪن الدين متعلوي مخدوم ساهڙ لنجار جو مريد ۽ خليفو. سيد رڪن الدين جون مخدوم نوح عليہ الرحمت سان بہ ملاقاتيون رهيون آهن.

هو پنهنجي مرشد جي محبت ۽ فرمانبرداري ۾ ايڏو محو هو جو هڪ دفعي مخدوم ساهڙ لنجار ۽ سيد صاحب، دريا جو ڪنارو ورتيون آيا ٿي تہ رستي ۾ نماز جو وقت پهچي ويو. ڪناري سان اهڙي ڪپ هئي، جو پير کوڙي وضو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. جنهن تي مخدوم ساهڙ چيس تہ تون سنڌون تي سمهي رهہ تہ آءٌ توتي پير رکي وضو ڪريان. شاهہ صاحب حڪم جي تعميل ڪئي. جڏهن مخدوم سندس تي چڙهي وضو ڪرڻ لڳو، تڏهن شاهہ کي دل ۾ گذريو تہ آءٌ سيد اهل بيت آهيان. فقط انهيءَ وسوسي پوڻ شرط مخدوم ڪشف جي ذريعي معلوم ڪري چيس تہ طريقت ۾ اهي وهم نہ آڻبا آهن. افسوس جو تنهنجي ڪماليت مان گهڻو حصو رهجي ويو.

حضرت مخدوم نوح جي جماعت ۾ پلاءُ کائي رهي آهي ۽ اوهان وٽ ڪڏهن رب ۾ ڪڏهن رکي ماني آهي. پاڻ فرمايائون ته حضرت مخدوم نوح تي حضرت سليمان پيغمبر جو سايو آهي، جنهن کري هو بادشاهت جو مالڪ آهي ۽ مون مسڪين تي حضرت محمد مصطفيٰ صلى الله عليه و سلم جو پاڇو آهي، جنهن کري ڪڏهن بک آهي ته ڪڏهن ڍؤ آهي.

سيد رڪن الدين ٦٣ سالن جي ڄمار کي رسي ١١- ربيع الثاني ٩٧٥ هه ۾ پنهنجي وطن متيارين ۾ وفات فرمائي اُتي ئي دفن ٿيو. رحمت الله عليه رحمة واسعة.

(مناقب غوثيه از مشتاق متعلوي)

---

ختم شد تحرير اين بياض مؤرخه ٢٥ رمضان المبارک سن ١٣٦٥هه مطابق ٢٣- آگسٽ ١٩٤٨ع در ڪراچي. بعونه تعالي.

**(فقير دين محمد وفائي)**

# فهرست رجال

## (الف)


آدم (هالائي) ۵
آدم (سميجو) ۲۰۱
آدم (بنوري) ۱۰۴
آرو (پير) ۲۰۳
آسات (پير) ۱۹
آمره (عورت) ۲۹۴
آهندو ۱۹
آئيداس (مجذوب) ۱۵۹
ابراهيم (مخدوم هالائي) ۱۵، ۵۴، ۶۲
ابراهيم (خليل) ۲۹
ابراهيم (عباسي) ۱۴۹
ابراهيم (معتصم بالله) ۱۵۹
ابراهيم (بکري) ۱۹۸، ۲۰۸
ابراهيم (مخدوم) ۵۴، ۵۵، ۵۷، ۵۸
ابراهيم (ڪربلائي) ۲۹۶
ابراهيم (مجرد) ۲۹۸
ابراهيم (قاضي زاده) ۲۳۲
ابراهيم (سيد) ۳۱۶
ابراهيم (مخدوم مڏئي وارو) ۳۴۱
ابراهيم (متعلوي) ۶۰، ۱۱۴
ابراهيم (ولد عمر) ۲۱۰
ابراهيم شاهه (سنڌي) ۲۰۸
ابو بڪر (صديق رضه) ۲، ۱۵۳
ابو بڪر (سيد) ۹
ابو بڪر (لڪياري سيد) ۱۱۴، ۲۱
ابوالبقا (مير) ۱۴۰
ابوتراب (تبع تابعي) ۱۸۸، ۱۸۹، ۱۹۰
ابوالحسن (قاضي) ۱۴۵
ابوالحسن (سنڌي) ۲۲۷
ابوسعيد (يوراني) ۲۸۱، ۲۸۴، ۲۹۱
ابوطالب (والد علي رضه) ۲۹۵
ابوطاهر (مدني) ۲۰۵
ابوالقاسم (نمڪين) ۷۵
ابومحمد (هالائي) ۵۲، ۵۳، ۵۴
ابومحمد (مرزا) ۲۱۴
ابوالمعالي (مخدوم) ۱۶۴
ابوالمڪارم (شهود) ۷۹
ابوالمڪارم (مير) ۱۴۲، ۲۲۸، ۲۲۹، ۲۳۰
اڏو (هندو) ۳۵
اجمال (چام) ۲۵۳
احمد (قاضي) ۱۵

امين محمد (مخدوم) ٥
امين محمد (مينهون) ٣٢١
ايوب (سنڌي) ١٠٤

(ب)

بابر (باد شاهه) ٢١٣
باقي (مرزا) ٣، ٤، ٥، ٢٣٦، ٢٣٧، ٢٧٤، ٢٧٧، ٢٨٢، ٢٨٣، ٢٨٦، ٢٨٧، ٢٨٨، ٢٨٩
بايزيد (هالائي) ١١٧، ١٤٢، ٢١٦
بايزيد (مير) ٢٨١
بجار خان ١٤٦
بچل شاهه ١٧٩
بختيار خان ١٩٤
براتي (مجذوب) ٤١، ٤٢
برهان (شيخ سيوهاڻي) ١٣٤
برهان (فقير) ١٤٠، ١٤١
برهان الدين (سيد) ١٠٢
بزرگ (سيد) ١٩٥
بلال (فقير) ١١١
بلال (سانوڻي) ١٢٦
بلال (مخدوم) ١٣٧، ١٣٨، ٢٠٩
بوعلي (قلندر) ٢٩٤
بشر حافي ٦
بوسعيد ٦
بويزيد ٦
بهاون شاهه (قريشي) ٣٢٠
بهاءالدين (زڪريا) ٦٣، ٩٩، ٢٩٦، ٢٩٧، ٢٩٩، ٣١٦، ٣١٧، ٣١٨، ٣١٩، ٣٢٠، ٣٣٠، ٣٣٣، ٣٣٤
بهاءالدين (دلقپوش) ٣، ٥، ١٠، ١١، ١٢، ١٣، ١٤، ١٩، ٢٢، ٢٣، ٢٥، ٤٠، ٤١، ٤٢
بهاءالدين (ثاني) ٣٢٠
بهاءالدين (ثالث) ٣٢٦
بهاءالدين (سيد) ٣١٦
بيرم خان ١٨٦

(ٻ)

ٻڍو (سهتو) ٥٣

(ڀ)

ڀاون شاهه ٣٢٦
ڀائو خان (جتوئي) ١٧٩
ڀرڪيو (شيخ تتوي) ٢٣٣، ٢٣٤، ٢٣٦، ٢٣٧
ڀرڪيو (ڪاتيار) ٢٣٤، ٢٣٩

(ت)

تاجن ٣
تروٽ (انگريز) ٣٢٤
تقي (امام) ٩٥
تماچي (ڄام) ٣٣٥، ٣٣٦
تيمور (امير) ٩٢

( د )

داؤد ٥
داؤد (ملا سيوهاڻي) ١٨٠
دريا خان (دولهه) ٢١٣،
٢١٤، ٢١٩
دوست محمد (امير) ١٨٠
دوست محمد ٣٥
ديندار شاهه ٢٩٥
دين محمد (مولانا وفائي مؤلف)
٥، ٣٤٢

( ڊ )

ڊيپچند ١٧٥
ڊگاڻو خان (مري) ١٧٩

( ڏ )

ڏتو (قاضي سيوهاڻي) ١٣٧

( ر )

راجپا ٣٣٦
راهو (فقير) ٤٠
راهو (مخدوم شرف الدين) ١٣٧
رڏنو (اڍيجو) ٣٠
رتن شاهه (اڏيرو لعل جو پيڙهو)
٣٣٤، ٣٣٥
رحمت الله (مخدوم) ٧٩،
٨٢، ٢٦٤
رحمت الله (بکري) ١٤٦
رحمت الله(آخوند هالائي)١٢٩
رحمڏنو (آريسر) ٣٢١
رحيمڏنو (ڪلهوڙا) ١٠٤
رستم (صفوي) ٧٨
رستم خان (ٽالپر) ١٧٩
رشيد الدين (صاحب العلم) ٣١١
رضي الدين (مير ٺٽوي) ٢٠٦،
٢٢٨، ٢٢٩
رڪن الدين (متعلوي) ٤١،
٣٣٩، ٣٤٠، ٣٤١، ٣٤٢
رڪن الدين (قاضي) ١٣٧
رڪن الدين(ملتاني) ٣١٨، ٣٢٠
رنجيت سنگهه (راجا) ١٠٩،
١١٠، ١٩٢
روح الله (مخدوم) ١٨٧
ورمي (جلال الدين) ٢٤٩

( ز )

زڪريا (اگهم ڪوٽي) ٣٠،
٣١، ٣٢، ٣٣
زڪريا (سيد) ٣١٦
زيب النساء ٨٢
زيرڪ ١٦٠
زين العابدين (امام) ٩٥
زين العابدين (لڪوي) ١٩٥،
١٩٦
زين العابدين (بکري) ٢٠٨

( س )

ساجن (سيد) ٥٨
ساجن (سوائي) ٥٩

ساهڙ ( لنجار ) ٣٣٩

سائينڏنو ( قاضي ) ٢٤٦

سچيڏنو ( اڇڻ ) ١٦٥، ١٧٠

سچيڏنو ( درازي ) ١٤٨

سخير ٣٣٦

سڏو ( سمون ) ٦٦، ٦٨، ٦٩

سراج الدين ( بکيرائي ) ٣١٩، ٣٢٠

سرور ( مفتي ) ٢١٦

سعدالله ( مخدوم ) ١٦١

سعدالله ( علامه ) ٢٤٤، ٢٥٥

سعدي ( لاهوري ) ١٠٤

سعدي ٢٧٣

سعيد ( ميرڪ ) ٢٩١

سلامي ٢٢٢

سلطان ابراهيم ١٣

سليمان ( پيغمبر ) ١٤٠، ٢٦٣، ٣٤٢

سومر ( فقير ) ١٣٣

سومار ( سيد ) ٣١٦

سهراب خان ( مير ) ١٠٩، ١٧٥

سيف الله ( نواب ) ٢٤٠

( ش )

شاهه بيگ ( مرزا ) ٧٢، ٢٠٨، ٢١١، ٢١٢

شاهجهان ( بادشاهه ) ١٣، ٧٥، ٧٦، ٧٨، ١٤٢، ٢٢٠، ٢٢١، ٢٢٢، ٢٩٤، ٢٩٥

شاهه شمس الدين ٢٩٥

شاهه عالم ( بادشاهزادو ) ٣٠٣، ٣٠٧

شاهه قاسم ( ابرار ) ٨٤

شاهه محمد ( شرنائي ) ١٨٥، ١٨٦

شاهه محمد ( قاضي ) ٢٩٢

شاهه مراد شاهه ( راشدي ) ١١٢

شاهنواز خان ٤١

شاهو ( ڪاتيار ) ٢٣٧

شجاع الملڪ ١٤٥، ١٧٦، ١٤٩، ١٩٢

شرف الدين ( بهاري ) ١٠٢

شرف الدين ( مخدوم ) ١٣٧

شرف الدين ( سيد ) ٣١٦

شريف الملڪ ( گورنر ) ١٢

شريف الملڪ ( يڪ چشم ) ٤٦

شفيع محمد ( مينهون ) ٣٢٢، ٣٣١

شڪرالله ٨٣، ٨٨، ٨٩

شڪرالله ( ٺٽوي ) ٢٥٢

شڪري ٢٢٢

شيڪبي ( مولانا ) ١٤٠

شمس الدين ( شيرازي ) ٢٢٥

شهاب الدين ( يڪ چشم ) ٤٦

شهاب الدين ( پانائي ) ٢٠٥

شهرالله ( قريشي ) ٣١٨، ٣١٩، ٣٢٠

شهير ( متعلوي ) ٣١٥، ٣١٦

عبدالحميد (قاضي) ١١٤
عبدالحميد (ملا) ١٤٢
عبدالحميد (هالائي) ٢٣٢
عبدالحميد (مخدوم بوچڙائي) ٣٢١، ٣٢٩
عبدالحسين (سانگي) ١٤٥
عبدالحڪيم (عطا) ٢٢٢، ٢٢٣، ٢٢٤، ٢٥١
عبدالخالق (مخدوم عباسي) ١٥٣، ١٧٨، ١٨١
عبدالخالق (گيلاني) ٢٨٣
عبدالرحمان (مجددي) ٤٧، ٤٩
عبدالرحمان (مخدوم شهيد) ١٦٢، ١٦٣، ١٦٤
عبدالرحمان (مخدوم) ٢٥٤
عبدالرحمان (سيد) ١٠٢
عبدالرؤف (سيد) ٢٢١
عبدالرحيم (خانخانان) ١٤٠، ١٤١، ٢١٦، ٢١٧
عبدالرحيم (آسي) ٣٢٢، ٣٢٣
عبد الرزاق (مير بکري) ٧٨، ٧٩
عبد الرسول شاهه ١٠٦
عبد السليم شاهه ١٠٦
عبد السلام (قاضي) ٢٠٦
عبد الصمد (سانوڻي) ١٢٥، ١٢٦
عبدالعزيز (علامه هروي) ١٣٧
عبد العزيز (ابهري) ٢١٨
عبد العزيز (شاهه دهلوي) ١٠٩
عبدالعلي (سورتي) ٢٤٤
عبد الغفار (محدث) ٣١١
عبد الغفور (والد مخدوم محمد هاشم) ٢٥٤
عبدالغفور (حسيني) ٢٢٠
عبد الغني (ٺٽوي) ٩٠، ٩١
عبد الغني (ڪبير) ٩٠
عبد الغني (ڪلهوڙو) ١٤٦، ١٤٨
عبد القادر (بيدل) ٩١
عبد القادر (بغدادي) ١٠٥، ١٥٠
عبد القادر (ثاني) ١٠٤، ١٠٥
عبدالقادر شاهه (راشدي) ١١٤
عبد القادر (صديقي) ٢٥٥، ٢٦٥
عبد القدوس (نها و ندي) ١٤٢
عبد القدوس (نجومي) ٢٧٠، ٢٧١
عبد القدوس (مير) ٧١
عبد القيوم (مجددي) ١١٥
عبد القيوم (قنڌاري) ٣١١
عبدالقيوم ٤٧
عبد الڪريم (بکري) ١٩٨
عبد الڪريم (متعلوي) ١٩٩
عبد الڪريم (بلڙي وارو) ١٩٩، ٢٠١، ٢٠٢، ٢٠٣، ٢٤٠، ٢٤١

علي ( زميندار ) ١٣
علي ( زين العابدين ) ٢٩٥
علي (شيرازي) ١٨، ١٩٥، ٢٦٩
علي (گلخڻ) ١٨
علي (ميوستاني) ١٩، ٢٠، ١٠٣
علي (متعلوي) ٢٣، ٢٤، ٢٥، ٤٢
علي (سيد) ٩٣، ٩٤
علي (سيدالمؤيد) ٩٤
علي (ذوالفقارشاه راشدي) ١١٢
علي (مير) ٣١٦
علي (بغدادي) ١٠٣
علي (ابن حيدر) ١٩٩
علي (مڪي) ٢٩٤
علي (سيد ڪڇي) ٣٢٤
علي (الحواري) ٣١٦
علي (ملا ٺٽوي) ٣٣٤
علي اصغر (سيد) ٩٤
علي اصغرشاه (پير) ٣١٠، ٣١٤
علي حيدر شاه (راشدي) ١١٢
علي ذوالفقارشاه (راشدي) ١١٢
علي شير (قانع) ٧٣، ٨٧، ٨٨، ٩٠، ٩١، ١٩٤، ١٩٥، ١٩٧، ٢١٩، ٢٢٨، ٢٢٩، ٢٣١، ٢٤٤، ٢٤٧، ٢٥٠، ٢٥٣، ٢٦٤، ٢٦٩، ٢٧٥، ٢٧٦، ٢٩٧، ٣٠١
علي شير (مير سبزواري) ٢٨١
علي گوهرشاه (راشدي) ١١٤، ١١٨
علي محمد (قاضي) ٨٩
علي محمد شاه (راشدي) ١١٢
علي محمد (مولانا مهيري) ٢٧٩
علي محمد (قريشي) ٣٢٥
علي مراد (مير) ٩٣، ٣١٣
علي مرتضيٰ شاه ١٠٦
عيسيٰ (مولانا ساندائي) ٣٨، ٣٠٨، ٣٠٩، ٣١٠، ٣١١، ٣١٣، ٣١٤
عمر (هالائي) ٢٢
عمر (هليو) ٦٤
عمر (بن محمد داؤد پوٽو) ٢٠٤
عنايت الله (وزير) ٧٩، ٨٠، ٨٢، ٩٢
عنايت الله (شاه عنايت) ٩٣، ٣٢٠
عنايت الله (نصرپوري) ٣٢١، ٣٢٢
عيسيٰ ١٤، ٧١
عنايت الله (قاضي متعلوي) ١١٤
عيسيٰ (عليه السلام) ١٧٠
عيسن (خليفو) ٦١
عيسيٰ (ترخان) ٢٤٨
عيسيٰ (مسيح الاولياء) ٢٠٥، ٢٠٧، ٢١٦
عيسيٰ (احمدآبادي) ٢٠٨

فضل الله (مجددي) ١٧٨
فضل الله (پاٹائي) ١١٣، ٣١٣
فضل الله (شاعر) ٣١٩
فيروز (مخدوم ٺٽوي) ١١٤
فيروز شاهه ٢٠٠
فيروز (چام) ٢٠٨، ٢٠٩، ٢١٤، ٢١٨
فيروز (تغلق) ٣٣٦
فيض الڪريم (مولانا) ٣٠٨، ٣١٠
فيض الله (پير زادو) ٣١٠

( ق )

قاسم (متعلوي) ٥٨، ٥٩
قاسم شاهه ١٧٤
قاسم (پاٹائي) ٢٠٥، ٢٤١، ٢٤٥
قاضن (قاضي) ٢٠٥، ٢٠٨، ٢٠٩، ٢١٠، ٢١١
قائم (مخدوم) ٢٤٩، ٢٥٧، ٢٦٤، ٢٦٧
قائم الدين (سيد) ١٣٤
قائم الدين (بڪيرائي) ٣١٩
قائم الدين (ثاني بڪيرائي) ٣٢٠، ٣٢١، ٣٢٢، ٣٢٦، ٣٢٧، ٣٢٩
قطب (بري) ٤٥، ٤٦، ٤٧
قطب الدين (بڪري) ١٠٢
قطب الدين (شيخ الاسلام) ٢١١
قطب الدين (قريشي) ٣٢٠
قطب الملڪ ٣٠٧
قمرالدين ٩١
قمرالدين (مولوي) ١٨٢
قيصر ٢٢٢

( ڪ )

ڪامل محمد (مخدوم) ٥٨
ڪاهو (مخدوم) ٣٢٠، ٣٣٦
ڪرمعلي (مير) ١٩٢، ١٩٣، ٢٤٥، ٢٤٦
ڪنيو (مهاڻو) ٣٤٠

( گ )

گل محمد (هالائي)

( ل )

لادهيو (سنڌي) ٢٠٧
لطف الله (مخدوم) ٤٧، ٦٥
لطف الله ( خليفو سانوڻي ) ١٢٧، ١٢٨
لطف الله (سيد) ١٩٥
لطف الله ( ميوستاني ) ٢١٧، ٢١٨
لطف الله (سيد ٺٽوي) ٢٣٦
لطف علي (رضوي بڪري) ١٤٦
لعل محمد (سيد) ١٩٩
لقمان خان ( مير ) ١٧٦

( م )

ماه بيگم ٢٨٥، ٢٨٦
مبارڪ (سيد) ٣١٦

( و )

واقد ومل (ديوان) ١٧۴
واصل شاهم ١٦١
وجيه‌الدين (علوي) ٢٠٨
ولايت شاهم (بکيرائي) ٣١٧
ولي‌الله (محدث دهلوي) ١٠٩
ولي محمد (ملاکاتيار) ١١۴،
١۴۴
ولي محمد (نواب) ١٧٦

( هـ )

هارون ٥
هارون (بري) ٧۴
هارون (مجذوب) ٧۴
هارون (عباسي) ٨٨
هارون (سانوڻي) ١٢٦
هاشم (همداني) ٦٢
هدايت‌الله (قاضي) ١١٥

همايون ٤٢، ٥١،
همايون (سلطان) ١٨٦
همايون (ظهيرالدين) ٢٨۴
هوتي (لاکو) ٣٣٠، ٣٣١،
٣٣٢

( ي )

يحيئ (رائتو) ٥٧
يحيئ (فقير) ٦٩
يحيئ (مخدوم عباسي) ١٥٠،
١٥٢، ١٥٣
يعقيق (سيد) ٩۴
يوسف ٥
يوسف (مهدي) ٢٠١، ٢٠٢،
٢٢٥
يوسف (پاناڻي) ٢٠٦
يوسف (قريشي) ٣٢٠
يونس (سندي مولانا) ٢٠٨

# ڳوٺ، شهر ۽ ماڳ


## (الف)

آذربيجان ۲۹۵
آگر محلو ۱۸
آمري ۳۱۷
احمدآباد ۲۰۵، ۲۰۸
اُچ ۸۸
اڪبرآباد (آگره) ۳۰۷
اگهم ڪوٽ ۳۰، ۷۳
الور (اروڙ) ۲۹۳
اورنگا بندر ۹۴
ايران ۲۱۳، ۲۷۰، ۲۹۲

## (ب)

باغبان (ٽلٽي) ۱۱۵
ٻٺورو ۲۵۴
بخارا ۱۸۵
بدخشان ۱۸۹
بدين ۶۳، ۷۲، ۱۹۳، ۱۹۴
برهانپور ۲۰۷، ۲۰۸، ۲۱۶
برهمڻ آباد ۲۹۳، ۲۹۴
بغداد ۲۰، ۶۶، ۶۹، ۷۷، ۱۰۴، ۲۲۴، ۲۲۵
بڪار جي جاگير ۱۴۶
بڪيرا ۴۳، ۳۱۷، ۳۲۲، ۳۲۳، ۳۲۷، ۳۲۹
ٻکر ۳۲، ۷۵، ۷۸، ۸۸، ۹۳، ۱۰۱، ۱۰۲، ۱۴۶، ۱۸۸، ۲۰۹، ۲۱۰، ۲۱۱، ۲۱۶، ۲۲۵، ۲۸۱، ۲۸۵، ۲۸۶
بلخ ۱۶۶
بلڙي ۱۳، ۴۱، ۶۲، ۱۹۹، ۲۴۰
بندر سورت ۲۵۵
بوچڙ ۳۳۰
بهار (انڊيا) ۱۰۲، ۱۰۳، ۲۰۰
بهاولپور ۱۸۳
بهرام پور ۲۵۴
بيجاپور ۳۰۶

## (پ)

پاٽوٽ ۶۹، ۷۰
پائي خان محلو ۷۶

## (ت)

تبريز ۲۹۸
ترائي ۱۵۴
تلنگ ۳۰۳

## (ٽ)

ٽلٽي ۱۰۹
ٽکڙ ۱۴۸، ۱۴۲
ٽنڊو حافظ ۲۷۹
ٽنڊو جام ۲۳۲

ٺنڊو سائينداد ١٤٥
ٺنڊو مستي خان ١٧٨

( ٺ )

ٺٽو ٢، ٨، ١٠، ١٤، ١٥، ١٨، ٢٦، ٤١، ٤٢، ٧١، ٧٦، ٧٧، ٧٩، ٨١، ٨٦، ٨٨، ٨٩، ٩١، ٩٢، ١١٤، ١٤٠، ١٤٢، ١٤٥، ١٨٧، ٢٣٤، ٢٣٥، ٢٤٧، ٢٤٨، ٢٥٠، ٢٥٢، ٢٥٥، ٢٥٦، ٢٦٤، ٢٦٥، ٢٧٠، ٢٧٣، ٢٧٥، ٢٧٦، ٢٨١، ٢٨٤، ٢٨٥، ٢٨٦، ٢٩٠، ٣٣٥، ٣٣٧

( پ )

پاٽ ٢٠٥
پريالو ١٦٥
پنجاب ١٠٩
پوران ٧١
پير جو ڳوٺ ١٠٩، ١١٠

( ج )

جاتي ٤٠
جامع خسروي ٣٦
جامع فرخ ١٨، ٢٨
جوڌپور ١٤٦
جونپور ٦٤، ٨٤، ٨٥

( چ )

چاريلو ١٤٦

(جھ)

جھانڪار ١٣٤
جھنگ ١٦٠

( چ )

چوڪ عبدالغني ٧٦
چوھڙ جمالي ٩٥

( ح )

حاجي منگيءَ جو ڳوٺ ٦٠
حيدرآباد ١٠٩، ١١٤، ١١٥، ١٢٩، ١٣١، ١٣٢، ١٣٣، ١٣٤، ١٨٠

( خ )

خراسان ١٥٨
خيرپور ١٠٩، ١٨٠

( د )

دڙو ٢٨٩
دهلي ٩، ٢٩، ١٠١، ١١١، ١٦٦، ١٨١، ١٩٠، ٢٢٢، ٢٩٧، ٣٠٢، ٣٠٧، ٣٣٥
ديرو غازي خان ٢٣١
ديھہ سامٽياڻي ١٣٥
ديھہ مشائخ هوتي ٣٣٢

( ڊ )

ڊاسوڙي ١٨٨

( ر )

رانيپور ١١٠

راهوت ٣٠٣
رحيم ڪلهوڙو ڪوٽ ١٠٤
روهڙي (رام ترَ) ٩٣، ١٠٤، ١٠٠، ١٥٤

( س )

سائندو ١٠٤
ستين جو ٿان ٧٧
سرهند ١٠١، ١٠٢
سکر ٦٦، ٦٨، ٩٩، ٢١٢، ٢٩٢
سمرقند ١٤٠
سميجو ٢٠١، ٢٥٠
سن ٦٣، ٦٥، ٦٩
سورت بندر ٢٤٤
سهارنپور ٨٣
سيستان ٢١٣
سيوستان (سيوهڻ) ١١٩، ١٢٠، ٥٦، ١٠٣، ١٢٩، ١٣٠، ١٣١، ١٣٢، ١٣٥، ١٣٦، ١٣٤، ١٣٩، ١٤٢، ٢١٩، ٢٢٤، ٢٦٩، ٢٩٤، ٢٩٩
سيوي ٢١٢، ٢١٣، ٢١٤

( ش )

شاهبندر ٩٥، ٣٢٥
شاهپور ٢٣١
شاه جاڙيجو مقام ١٦٠
شڪارپور ٨١، ١٦٩
شهدادپور ٣٣٢
شهداد ڪوٽ ٣٠٨
شيخوره ميدان ١٠٣
شيراز ١٠٣، ٢٥٢

( ص )

صنعا ٣١٢
صيت پور ٢٠٥

( ع )

عبد ولهر ٩٩

( ف )

فتحپور ٣٠٣

( ق )

قاسمي قبرستان ٤٤
قبرستان ابراهيم سنڌي ٢٠٨
قبرستان شيخ طيب ١٠٦
قلات ١٩١
قلعه خيرا رحمان بخش ٩٢
قلعه شاه مڪائي ١٣٤
قنڌار ١٤٧، ٨٤، ١٤٨، ١٦٩، ٢١٢، ٢١٣، ٢٧٤، ٢٨١

( ڪ )

ڪانگڙو ٢٧٣، ٣٠٢
ڪاتيار ٦٢، ١٤٤
ڪاهه پيلو ٢٥
ڪراچي ٣٢٥
ڪرمان ٨٤
ڪڙيو گهنور ٣٢٤

ڪڪرالو ٤٠، ٢٥٣
ڪنڊيارو ٣٥
ڪولاب ١٨٦
ڪوئيٽا ٢١٢، ٢١٣

(ک)

کاهي ٣١٢
کهڙا ١٥٠، ١٥١، ١٥٢، ١٥٣، ١٥٦، ١٥٩، ١٦٦، ۱۷۷
کيبر ٣٣٥

(ڳ)

ڳاهان ٢١٦
ڳڙهي ياسين ١٠٤، ١٥٤

(گ)

گجرات ١٥٨
گجو ١٨٨
گروجي ٦٣
گولڪنڊه ٣٠٦
گنبٽ ١٨٧
گنج شهيدان ١٣۷

(گھ)

گھوڙڪي ١٦١

( ل )

لاڏيون ٩٥
لاهري بندر (شاهبندر) ٢٠٣
لاهور ١٩٠، ٢۷٣
لس ٻيلو ٤٦
لڪي ۷، ٨، ٩، ١٤، ٢١، ١٠٤، ١٦١
لکي ٩٩
لواري ٩٩

( م )

ماڻڪپور ٣٢١
مٽياري (متعلوي) ٢٣، ٤١، ٥٩، ٦٠، ٦٨، ١١٤، ١١٥، ٣٠٨، ٣٤٢
مخلص پور ٨٣
مدينہ شريف ٢٦٨، ٣١٥
مراد آباد ٢٦٩
مرند ٢٩٥، ٢٩٨
مستونگ ٢١٢
مڪہ شريف ٣١٢، ٣١٣
مڪلي ١٦، ٢٠، ٢٠٣، ٢٣٥، ٢۷٨
مڪڙ ١٩١
ملتان ٣٢، ٣٥، ٨٨، ١٤٥، ٢٩۷، ٣١۷، ٣١٨، ٣٢٠، ٣٢٦، ٣٣١، ٣٣٥
منگر ٣١٠
ميران ڪورو ٣٢١
مير پور ٻٺورو ۷٦
مير پور ماٿيلو ٣١١

(ن)

ناڙي ١۷۷
نصرپور ١١٦، ١٦٠، ١٨۷، ١٨٨، ٣٢٧، ٣٤٩

نواب شاه ٣٣٢

نوشهرو فيروز ٣٠٠، ٣١١

( و )

وزير آباد ٩٥

( هـ )

هالا ١، ٤، ٨، ٢٢، ٤٥، ٤٧، ٨٠، ١٠٠، ١٢٤، ١٢٥، ١٢٦

هالا پراڻا ١٢٨، ١٢٩

هرات ٨٨، ٨٩، ١٨٥، ٢١٢، ٢١٨

هنگورجا ٢٠٦

( ي )

يمن ٣١٢

